قومي غلامي:
قومي سوال
يا بيتكي سوال



خالق

قومي غلامي:

قومي سوال يا ٻيٺڪي سوال؟

مترجم ۽ مرتب

خالق

فڪرڻو پبلشنگ هائوس ڪراچي
سنڌ

[اشاعت جا سڀ حق مترجم وٽ محفوظ]

پهرين اشاعت: جنوري ١٩٨٦ع   ڪاپيون: ١٠٠٠

قيمت: پندرهن روپيا

(اداري جو پهريون ڪتاب)

فڪر نو پبلشنگ هائوس ڪراچي
سنڌ

انتساب

هي منهنجو پهريون ڪتاب آهي. اهو ان شخصيت جي نظر ٿو ڪريان جنهن کان مون انسانيت ۽ آزاديءَ جو پهريون سبق سکيو ۽ جنهن جي تعليمات جي نتيجي ۾ آءٌ ان قابل ٿي سگهيس ته هي ڪتاب پيش ڪري سگهان. اها شخصيت آهي سائين جي-ايم سيد

ڪجهه ڪتاب بابت

سنڌ جي انقلاب کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان دنيا جي مختلف ملڪن جي انقلابي قومن ۽ تنظيمن جو مطالعو ڪريون ۽ انهن جي تجربي کي پنهنجي جدوجهد جي فائدي لاءِ استعمال ڪريون. جيئن ته اسان هن وقت سنڌ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهيون، ان ڪري چاڻ جي ڏس ۾ آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ قومي تنظيمن جي موقف ۽ جدوجهد جي چاڻ وڏيڪ اهميت واري آهي، انهن منجهان به وري انهن جي چاڻ اڃا وڏيڪ اهميت واري آهي جيڪي هن وقت وڙهي رهيون آهن. جيتوڻيڪ سنڌ ۾ آزادي پسند قومن بابت ڪافي مواد آهي پر اهو زياده تر انهن قومن جي باري ۾ آهي جيڪي آزادي حاصل ڪري چڪيون آهن. ڀن سببن جي ڪري غلام ملڪن جي معلومات اسان لاءِ وڌيڪ ڪارائتي آهي. هڪ ته آزاد قومن جو زياده تر مواد اسان وٽ انهن جي آزاد ٿيڻ کانپوءِ پهتو آهي جڏهن ته غلام قومن بابت چاڻ اسان ان وقت حاصل ٿا ڪريون جڏهن هو اسان وانگر ئي غلاميءَ جي دور مان گذري رهيون آهن. ٻيو ته سائنس جي تيز رفتار ترقيءَ سبب دنيا مجموعي طور تيزيءَ سان سفر ڪري ٿي. ان ڪري آزادي حاصل ڪيل قومن جي جدوجهد وقت

سامراج طرفان استعمال ڪيل جبر ۽ استحصال جي طريقن جي پيٽ ۾ اڄ اهي مختلف ۽ گهڻو پيچيده آهن. تنهن ڪري ضرورت محسوس ٿي ته اهڙين قومي آزاديءَ جي تحريڪن جو لٽريچر سنڌي ماڻهن ۽ خاص ڪري سياسي ڪارڪنن جي آڏو پيش ڪجي جيڪي موجوده وقت ۾ سامراج سان برسرپيڪار آهن. ان ڏس ۾ بلوچستان ۽ ايريٽريا جو انتخاب ڪيو ويو. بلوچستان ان ڪري ته اهو اسان سان جاگرافيائي طور ملندڙ آهي ۽ ساڳئي سامراج يعني پنجاب جي خلاف جدوجهد ڪري رهيو آهي. بلوچستان جو موقف بلوچستان پيپلز لبريشن فرنٽ جي اڳواڻ مراد خان جي انٽرويو جي صورت ۾ آهي. بي-پي-ايل-ايف بلوچستان جي اها تنظيم آهي جنهن پارليماني سياست جي بجاءِ عوامي جدوجهد جو رستو اختيار ڪيو آهي. ايريٽريا جو انتخاب ان ڪري ڪيو ويو ته ان جون Geo-Political حالتون گهڻي حد تائين اسان سان مشابهت رکن ٿيون. ايريٽريا پهرياڻين اٽليءَ جي بيٺڪ (Colony) هئي. ٻي عالمي جنگ دوران 1942 ۾ ان تي انگريزن قبضو ڪيو جيڪو 1952 تائين جاري رهيو. جڏهن مقامي ۽ عالمي حالتن جي دٻاءَ هيٺ انگريزن کي ٽپڙ ويڙهڻا پيا ته انهن نئين سامراجي مهندار آمريڪا جي مدد سان ۽ اقوام متحده جي معرفت ايريٽريائي عوام جي مرضيءَ جي خلاف ايريٽريا کي پنهنجي جديد ڪالوني ايٿوپيا سان ڪنفيڊريشن تحت ملائي ڇڏيو.

III

1962ع ۾ ايٿوپيا ان ڪنفيڊريشن جي مٿي پليٽ ڪندي ايريٽريا کي ايٿوپيا جو صوبو بڻائي ڇڏيو. تڏهن ايريٽريا ۾ جاري سياسي جدوجهد هٿياربند جدوجهد جي شڪل اختيار ڪئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين جاري آهي. ان جدوجهد جي اڳواڻي ايريٽرين پيپلز لبريشن فرنٽ ڪري رهيو آهي. ان سان وابسته شاگردن ۽ عورتن جون امريڪا ۾ تنظيمون آهن. انهن امريڪا ۾ رهندڙ ايٿوپيائي مارڪسسٽ شاگردن پاران ايريٽريا جي آزاديءَ خلاف ڏنل دليلن جي جواب ۾ پنهنجو موقف هڪ ٿيسز جي صورت ۾ پيش ڪيو. اسان هت ان جا ٻه اهم باب پيش ڪري رهيا آهيون.

— خالق

سبق —

بيڪي قبضي جو هڪ نمونو

هيءَ دنيا ڪن وقتي حڪمن ذريعي نه پر هڪ فطري قانون ۽ فطري عمل هيٺ حرڪت ۾ آهي ۽ اهو قانون ٻڌائي ٿو ته دنيا هميشه بهتريءَ ڏانهن سفر ڪندڙ آهي. سماجي سائنس جي استادن ان سفر جو جيڪو رستو متعين ڪيو آهي ان جا مکيه مرحلا هي آهن. غلامي، جاگيرداري، سرمايهداري ۽ سوشلزم. انهن سماجي استادن جي دور ۾ دنيا تي سرمايهداري غالب هئي ۽ دنيا جي ترقي ڪرڻ سبب ان بابت وڏيڪ ۽ مختلف قسمن جي معلومات موجود هئي تنهن ڪري هنن سرمايهداريءَ جي ڪردار جي وڏيڪ ڇنڊڇاڻ ڪئي ۽ ان جي مخصوص وقت ۾ غالب خصوصيت جي لحاظ سان ان کي وري ٽن دورن ۾ ورهايو.

1— سرمايي گڏ ٿيڻ جو شروعاتي دور.
Period of Primary accumulation of capitalism

2— هڪ هٽيءَ کان اڳ جي سرمايهداريءَ جو دور
Period of Pre-Monopoly Capitalism

3- هڪ هٽيءَ واري سرمائيداريءَ جو دور
Period of Monopoly Capitalism

سرمائيداريءَ جي انهن ٽنهي دورن جي مشترڪ خصوصيت 'سرمايو' آهي. انهن ۾ سرمايو زندگيءَ جي محرڪ قوت هجي ٿو ۽ سڀني انساني خاصيتن ۽ قدرن تي سرمائي کي فوقيت ۽ غلبو حاصل رهي ٿو. پر انهن مان هر هڪ جون ڪجهه مخصوص خاصيتون به هيون جن جي نسبت سان انهن جي دورن کي نالا ڏنا ويا آهن.

پهرئين دور جي خصوصيت اها هئي ته ان دوران يورپي طاقتن پاران ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن جي قدرتي وسيلن ۽ انسانن جي ڦرلٽ ڪري انهن کي يورپي ملڪن ۾ آندو ويندو هو جتي انهن قدرتي وسيلن کي انهن غلام بڻايل انسانن جي محنت ذريعي دولت يا سرمائي ۾ تبديل ڪيو ويندو هو. ٻئي دور جنهن ۾ گڏ ڪيل دولت سان ڪارخانن ۽ اجڙيءَ زيت سرمائيداريءَ کي زور وٺرايو ويو، تنهن جي خصوصيت اها هئي ته (انهن ڪارخانن مان) تيار ٿيل مال مهانگن اگهن تي ڦرجندڙ ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو ۽ انهن کان سستن اگهن تي ڪچو مال گهرايو ويندو هو. ٽيون دور تڏهن شروع ٿيو جڏهن يورپي ملڪن ۾ سرمائيداري ڪافي ترقي ڪري ويئي ۽ تيار مال جي پيداوار جهجهي تعداد ۾ ٿيڻ لڳي. زائد مال جي ڪري مختلف ملڪن جي وچ

۽ چنانچه جي صورت ۾ ان جي قيمت تمام گهٽجي ٿي ويئي يا ڪن حالتن ۾ ماڳهين وڪائو ٿي نٿي. ان صورتحال يورپي ملڪن جي ذهنن ۾ اهو خيال آندو ته ڇو نه ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن تي مڪمل قبضو ڪري وڃن ته جيئن اتي سندن هڪ هٽي قائم ٿئي ۽ ٻين جو مال اتي نه پهچي سگهي ۽ هو دل گهرين اگهن تي پنهنجو تيار مال وڪرو ڪري سگهن. اهڙيءَ ريت هڪ هٽي قائم ڪرڻ خاطر سرمائيدار ملڪن پاران ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ملڪن جي والار (Colonizatior) شروع ٿي. ان دور کي هڪ هٽي سرمائيداري يا مونوپولي ڪئپيٽلزم جو دور سڏجي ٿو. ۽ جڏهن والار جو اهو عمل مڪمل ٿي چڪو يعني دنيا تقريباً مڪمل طور ٻن گروپن- هڪ سامراجي ملڪ جيڪي دولت لاءِ ٻين ملڪن تي قابض هئا ۽ ٻيون ڦرجندڙ ملڪن- ۾ ورهائجي ويئي ته اتان شروع ٿيندڙ دور کي ان جي غالب خصوصيت جي ڪري سامراجي دور چئجي ٿو جيڪو بقول لينن سرمائيداريءَ جي آخري منزل آهي. سماجي ترقيءَ جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته جڏهن ڪو سرشتو پنهنجي عروج تي پهچندو آهي ته اهو ٽٽڻ شروع ٿيندو آهي ۽ ان جي خاڪ منجهان نئين سرشتي جي عمارت کڙي ٿيندي آهي. هيئنر دنيا کي سرمائيداريءَ کان سوشلزم ڏانهن وڌڻو هئو تنهن ڪري سرمائيداريءَ جي تباهي جو عمل شروع ٿيڻ لازمي هئو

پر جيئن ته سرمايه‌داري پنهنجي هڪ مخصوص ۽ آخري مرحلي سامراج تي پهتل هئي تنهن ڪري سرمايه‌داريءَ کان سوشلزم ڏانهن واڌاري جو مطلب هئو ته سامراج جو خاتمو ٿئي ۽ سوشلزم جي تعمير ٿئي. ٻين لفظن ۾ سوشلزم جي تعمير لاءِ سامراجيت جي تباهي لازمي ۽ پهرين شرط هئي ۽ دنيا پنهنجي ترقيءَ جي اصول تحت اهوئي رستو ورتو ۽ سامراج جي تباهيءَ جو عمل شروع ٿيو ۽ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي بيٺڪن ۾ سامراج دشمن جدوجهدن ۽ تحريڪن جو دور شروع ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ اڪثر غلام قومون سامراجيت جو ڳٽ لاهي ڦٽو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي چڪيون آهن ۽ سوشلزم جي منزل ڏانهن پنهنجي سفر جو آغاز ڪري چڪيون آهن يا ان لاءِ جدوجهد ڪري رهيون آهن. البت ڪجهه بدنصيب قومون اڃا اهڙيون به آهن جيڪي ويهين صديءَ (جنهن کي آزاديءَ جي صدي ڪري چيو ٿو وڃي) جي پڇاڙيءَ ۾ به سامراجيت جي ڄار ۾ ڦاٿل آهن. انهن ۾ فلسطين، نميبيا، ايريٽريا، مغربي صحارا، مشرقي تيمور، پشتونستان، بلوچستان ۽ سنڌ نمايان آهن. غلام ملڪن جي وڏي اڪثريت جي آزاد ٿي وڃڻ سان جتي باقي غلام ملڪن لاءِ سازگار ۽ مددگار حالتون پيدا ٿيون آهن اتي ڪجهه مشڪل صورتحال به کين درپيش آهي. هڪ طرف آزاديءَ لاءِ پنهنجي جدوجهد ۾ کين آزاد ملڪن جي مادي ۽ اخلاقي مدد ۽ خاص

ڪري انهن جي جنگ آزاديءَ جو تجربو سرمائي جي صورت ۾ ميسر آهي ته ٻئي پاسي تمام ٿورڙي تعداد ۾ هجڻ ڪري سامراج جي توجه جيڪا اڳي ٿڙيل پکڙيل هوندي هئي سا هيئنر پوريءَ ريت انهن تي مرڪوز آهي. نه رڳو سامراجي ملڪ پنهنجي پوري طاقت سمورن سامراجي مقصد رکندڙ اتحادن سميت انهن ٻيٽڪن تي قبضو برقرار رکڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن پر هنن پنهنجا استحصال ۽ قبضي جاري رکڻ جا طريقا به تمام جديد ۽ نهايت پيچيده بڻائي ڇڏيا آهن. تنهنڪري غلام قومن کي نهايت هوشياريءَ سان ۽ سخت جدوجهد سان پنهنجي آزاديءَ جي راه متعين ۽ طئي ڪرڻي پوندي. ان لاءِ ضروري آهي ته آزاديءَ جون تحريڪون عظيم انقلابي استادن جي لکڻين جو بغور ۽ تفصيلي مطالعو ڪن، آزادي حاصل ڪندڙ آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ ٻين ملڪن جي جدوجهد ۽ انهن جي ڪاميابين ۽ ناڪامين مان تجربو حاصل ڪن ۽ پنهنجي سماج جو جائزو وٺي ڪان پوءِ انهن کي ان سان لاڳو ڪن. پر اها ڳالهه هميشه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته دنيا جي ڪن به ٻن ملڪن جون حالتون بلڪل هڪ جهڙيون ڪونه هونديون آهن تنهن ڪري هڪ جي تجربي کي جيئن جو تيئن ٻئي سان لاڳو نٿو ڪري سگهجي. اهڙيءَ ريت لينن ۽ ٻين سماجي سائنسدانن جي لکڻين کي اکر به اکر هرهنڌ ۽ هر وقت لاڳو ڪرڻ مناسب

نہ ٿيندو، انهن لکڻين جا ٻہ حصا آهن- هڪڙو انقلاب جي عمومي ۽ مستقل رخن سان واسطو رکندڙ آهي جنهن جي هر زمان ۽ هر مڪان ۽ حيثيت مسلم آهي جڏهن تہ ٻئي حصي جو تعلق انهن جي پنهنجي ملڪ جي ان دور جي مخصوص حالتن سان آهي تنهن ڪري انهن کي مختلف حالتن ۾ اختيار ڪرڻ سان نتيجا درست نہ نڪرندا- جيئن لينن پنهنجي جڳ مشهور تصنيف "قومي سوال جو تنقيدي جائزو" ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو: "مارڪسي نظريي جو مطالبو اهو آهي تہ ڪنهن بہ سماجي سوال کي پرکڻ وقت اهو ضروري آهي تہ ان مسئلي کي خاص تاريخي حدن جي اندر رکي پرکڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن ان مسئلي جو تعلق ڪنهن خاص ملڪ سان هجي (مثال طور هڪ خاص ملڪ لاءِ قومي پروگرام) تہ انهن خاص ڳالهين کي پيش نظر رکڻ گهرجي جيڪي ان ملڪ کي هڪ ئي تاريخي عهد جي اندر ٻين ملڪن کان نمايان ڪن ٿيون". ساڳئي ڪتاب ۾ ٻئي هنڌ قومن جي آزاديءَ جي حق جي مخالفت ڪندڙ "مارڪسسٽ" روزالڪسمبرگ کي جواب ڏيندي لينن چوي ٿو: "سوويت يونين سميت مشرقي يورپ اڄ جن حالتن مان گذري رهيو آهي مغربي يورپ انهن منجهان هڪ سئو سال اڳ ۾ گذري چڪو آهي، تنهنڪري اڄ مغربي ۽ مشرقي يورپ جي (قومي) مسئلن سان ساڳيو حل لاڳو ڪري نٿو سگهجي".

سنڌ جي قومي جدوجهد هن وقت نهايت اهم مرحلي مان گذري فيصله ڪن دور ۾ داخل ٿي رهي آهي. اهڙي وقت ۾ ڪي عناصر سنڌي قوم کي آزاديءَ جي راهه تان، هٽائڻ لاءِ سنڌ جي واضح ٿيندڙ مسئلي کي منجهائڻ جي ڪوشش ۾ مختلف قسم جا بهانا ۽ دليل گهڙي ۽ پيش ڪري رهيا آهن. ان سلسلي ۾ هتان جا ”ليفٽسٽ“ جيڪي شايد پاڪستان کي ناهڻ ۾ شريڪ ٿيڻ واري پنهنجي غلطيءَ کي درست ثابت ڪرڻ خاطر ان کي برقرار رکڻ ٿا چاهين سي خاص ڪري ٻن قسمن جا دليل ٿا ڏين. هڪڙا چون ٿا ته ”پاڪستان ۾ قومن جو الڳ ڪو مسئلوئي ڪونهي. سوشلزم آڻيو، سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو“. جنهن ته سوشلزم سماجي معروضي حالتن کان عليحده ڪنهن جادوئي حڪم سان ايندو. ٻين جو چوڻ آهي ته پاڪستان هڪ گهڻ-قومي رياست آهي تنهن ڪري قوميتن جي مسئلي کي سوشلزم آڻڻ ڪانپوءِ روس جي طرز تي ”قومي سوال“ جي بنياد تي حل ڪيو ويندو. پهرئين قسم جي بنا ڪ ته پاڪستان ۾ مظلوم قومن جي سخت ۽ مسلسل (ڪن حالتن ۾ فيصله ڪن) جدوجهد جي نتيجي ۾ واڻي بادي ٿي چڪي آهي. البته ٻئين موقف ڪجهه ماڻهن جي ذهن ۾ مونجهارو پيدا ڪري سگهي ٿو. ان صورت ۾ به انهن ”ليننسٽ“ دوستن جي بهت جلد ٿي وائڪي ٿيو ٿي وڃي جڏهن هنن کي چئجي ٿو ته توهان پنهنجي پروگرام ۾

لکو تہ توهان روس جي نموني قومي مسئلي کي حل ڪندؤ تہ جواب ڏين ٿا تہ "اها ڪا لکڻ جي ٿوروئي ڳالهہ آهي اها تہ سمجهڻ جي ڳالهہ آهي". چؤ لينن بہ مڙهن جي گهر وڃي انهن کي ڪن ۾ پنهنجو پروگرام ٻڌائيندو هئو.

بهرحال اسان مسئلي کي واضح ڪرڻ لاءِ ان تي مختصر بحث ڪنداسين. "قومي سوال" رکُوگهڻ-قومي رياستن (Multinationnl States) جي اندر پيدا ٿيندو آهي ۽ گهڻ-قومي رياستون اهي هونديون آهن جيڪي تاريخ جي هڪ ڊگهي عمل ذريعي ۽ مختلف قومن جي مختلف صورتن ۾ گهڻي عرصي تائين گڏ رهڻ جي نتيجي ۾ وجود ۾ اينديون آهن جيئن روس يا هندستان. اتي گهٽ ترقي يافتہ قومون وڌيڪ ترقي يافتہ قومن جي استحصال جو شڪار ٿينديون آهن ۽ قومي بد اعتمادي رياست جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ بڻبي آهي، جنهن جي حل طور هڪ طرف قومي نابرابري ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ ٻئي طرف مظلوم قوم کي اهو حق هوندو آهي تہ جي اها مطمئن نہ هجي تہ باقي رياست کان عليحدگي اختيار ڪري سگهي ٿي. جڏهن تہ پاڪستان تاريخ جي فطري عمل ذريعي ٺهيل گهڻ-قومي رياست ڪانهي پر وقت جي سڀ کان وڏي سامراج انگريز پاران ننڍي کنڊ مان نڪرڻ ويرهڻ وقت پنهنجي مفادن خاطر ٺاهيل ملڪ آهي. جنهن

ڪري اسانجي نظر ۾ سنڌ جو سوال ڪلاسيڪل مفهوم ۾ بينڪي سوال آهي.

سنڌ صدين کان وٺي دنيا جي نقشي تي هڪ عليحده ملڪ رهيو آهي. ڪڏهن غلام تہ ڪڏهن آزاد پر ان جي ملڪي حيثيت پوري دنيا ۾ مسلم رهي آهي. 1843 ۾ جڏهن انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو ان وقت بہ سنڌ جي حيثيت هڪ ملڪ واري هئي ۽ انگريزن پنهنجي بينڪ مفادن خاطر ان کي پنهنجي وسيع هندستاني شهنشاهيت جو صوبو بڻائي ڇڏيو. سنڌين پنهنجي ماضيءَ جي سورين روايتن جي ابتڙ انگريز قبضي خلاف ڪا نمايان جدوجهد ڪانہ ڪئي (ان جي سببن تي هڪ الڳ موضوع تحت ڳالهائي سگهجي ٿو) جنهن انگريزن جي دل وڌائي ڇڏي ۽ هنن سنڌ جي صوبائي حيثيت بہ ختم ڪري ان کي بمبئي جو هڪ انتظامي حصو بڻائي ڇڏيو. اڳتي هلي جڏهن سڄي ننڍي کنڊ ۾ انگريزن خلاف آزاديءَ جي جدوجهد هلي تہ سنڌين جي پنهنجي عليحده عوامي تنظيم نہ هجڻ ڪري اهي سنڌ جي عليحده قومي ۽ ملڪي حيثيت ۽ ان جي آزاديءَ واري تاريخي ۽ سياسي طور ناقابل تسنيخ حق جي ڪيس کي ڀرپور نموني پيش نہ ڪري سگهيا. ٻئي طرف انگريزن پنهنجي ڊگهي دور حڪومت دوران ننڍي کنڊ ۾ پنهنجي وفادار چيلن جو هڪ حلقو پيدا ڪيو ۽ انهن کي ڏکئي وقت ۾ استعمال ڪرڻ لاء تاڙي پالي تيار ڪيو ۽

آخرڪار جڏهن اهو ڏکيو وقت آيو ۽ انگريزن کي ٽپڙ ويڙهڻا پيا ته هنن برصغير کي ٻه ٽڪرا ڪري ان جا ڪجهه حصا پاڪستان جي نالي ۾ پنهنجي انهن نمڪ خوارن پنجابين جي تيار ڪيل فوج جي قبضي ۾ ڏئي ويو ته جيئن انهن جي معرفت اڻ سڌيءَ طرح دولت مان حصو حاصل ڪندا رهن. اهڙيءَ ريت سنڌ 1947 ۾ انگريزن مان ڦري پنجابين جو غلام بڻجي ويو. ٻين لفظن ۾ سنڌ ته اهڙي ئي بيٺڪ رهي پر بيٺڪي اختيار سمنڊ پار رهندڙ انگريزن جي هٿن مان نڪري پاسي ۾ رهندڙ پنجابين جي هٿن ۾ اچي ويو.

اها ته هڪ سج جهڙي روشن حقيقت آهي ته پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سنڌين کان راءِ ڪانه ورتي وئي هئي پر پاڪستان جا حامي (انهن ۾ کابي ۽ ساڄي ٻنهي ڌرين جا ماڻهو شامل آهن) 1940 واري مسلم ليگ جي لاهور واري قرارداد کي بنياد ٿا بڻائين. جيڪڏهن گهڙي کن لاءِ سندن ڳالهه کي تسليم ڪجي تڏهن به حقيقت اها آهي ته اڳتي هلي چند ماڻهن ان قرارداد جو حليو ئي بگاڙي ڇڏيو ۽ پاڪستان جنهن صورت ۾ ٺهيو تنهن جو 1940 واري قرارداد سان ذري جو به واسطو ڪونه هئو جنهن ۾ شامل ٿيندڙ قومن لاءِ "رياست" جو لفظ استعمال ٿيل هئو. ان کانپوءِ 1970 ۾ پهريون دفعو عام بالغ راءِ دهيءَ جي بنياد تي چونڊون ٿيون جن ۾ عوامي ليگ واحد جماعت هئي جنهن بنگال ۾

اليڪشن هڪ واضح قومي پروگرام تي لڙي ۽ 99
سيڪڙو حمايت حاصل ڪيائين، پر غالب پنجابين بنگالين
جي قومي فيصلي کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو
۽ اهڙيءَ ريت سندن ئي شرطن تي جوڙيل 1947 وارو
پاڪستان ڀڃي ٽٽي ويو. جنهن کان پوءِ باقي رهيل چئن
قومن پنجابي، سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچن جي گڏ رهڻ جو
ڪوبه بنياد ڪونه هئو. ٺيڪ ائين ڪرڻو هئو ته يا ته
اهي چارئي به عليحده ۽ خودمختيار رياستون بڻجي وڃن
ها يا وري هڪ نئون رضاڪارانه عهدنامو ٿئي ها. پر
ٿيون ٻئي ڳالهيون ڪونه ۽ پنجابين سامراج جي روايت
تي عمل ڪندي زبردستي باقي ٽن قومن کي پنهنجي
قبضي ۾ رکيو. پنهنجي اره زورائيءَ کي قانوني شڪل
ڏيڻ لاءِ هن 1973 جو آئين پاس ڪرايو. جيتوڻيڪ ان
اسيمبليءَ کي اهو آئين ٺاهڻ جو اختيار ئي ڪونه هئو
چو ته اها ان بنياد تي ۽ ان مقصد لاءِ چونڊي ئي ڪانه
وئي هئي، سنڌ جي ٻين مظلوم قومن جي بيٺڪ ۾ وڌيڪ
بدقسمتي اها هئي ته ان وقت سنڌ ۽ پنجاب ٻنهي جي
نمائندگي پيپلز پارٽي ڪري رهي هئي جنهن ڪري اسيمبليءَ
۾ ته مخالفانه آواز اٿڻ جو ته سوال ئي ڪونه هئو. البته
قومي پروگرام رکندڙ تنظيم جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن
پوري ملڪ جي واحد تنظيم هئي جنهن 1973 جي آئين
خلاف ڀرپور احتجاج ڪيو. خود ان آئين کي پنجابين
پنهنجي ضرورتن تحت بلڪل تبديل ڪري ڇڏيو آهي

پر ان ۾ ”صوبائي خودمختياري“ بابت شڪون جيئن جو تيئن برقرار آهن ۽ اسانجي خيال ۾ اهوئي سبب آهي جو آئين کي ختم نہ ڪيو ويو تہ جيئن ماڻهن کي ڏوڪو ڏيئي سگهجي تہ ”صوبن“ کي انهن جي مرضيءَ مطابق اختيار ڏنل آهن.

هن خطي جي سياسي تاريخ جي ان مختصر جائزي مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ تي پنجاب جو سامراجي قبضو آهي، سنڌ بيٺڪ آهي ۽ ان جو بيٺڪي اختيار انگريزن کان پنجابين جي هٿن ۾ منتقل ٿي چڪو آهي. تنهنڪري سماج کي اڳين مرحلي ڏانهن وٺي وڃڻ لاءِ يعني سوشلزم جي مقصد ڏانهن وڌڻ لاءِ ضروري آهي تہ سرمايہ داريءَ جي بدترين صورت سامراج کي تباهہ ڪيو وڃي. سنڌ تان پنجاب جو بيٺڪي قبضو ختم ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي قومي آزادي بحال ڪئي وڃي.

سنڌ جي بيٺڪ ۽ پنجاب جي بيٺڪي ملڪ هئڻ جي خلاف اهي ”ڪاٻا“ دوست جيڪي دليل ٿا ڏين اهي ۽ انهن جو مختصر جواب هيٺينءَ ريت آهي.

پهريون تہ سامراجي ملڪ ترقي يافتہ هوندا آهن پر پنجاب خود ترقي پذير آهي تنهنڪري سامراجي بيٺڪي ملڪ ٿي نہ ٿو سگهي. ان جو جواب هي آهي تہ پرتگال پاڻ غير ترقي يافتہ بلڪہ برطانيہ جي نيم بيٺڪ هئو پر پوءِ بہ اهو بيٺڪي ملڪ هئو ۽ انگولا، موزمبيق ۽ گني بساؤ سندس ڪالونيون هيون.

پيو تہ بينڪي ملڪ پنهنجي ملڪي پارليامينٽ ۾ محڪوم ملڪ جي ماڻهن کي نمائندگي ڪونہ ڏيندو آهي. جڏهن تہ پاڪستان جي پارليامينٽ ۾ سنڌ جا نمائندا ويهن ٿا. ان لاءِ جيڪڏهن هنن سامراجيت جي تاريخ پڙهي هوندي تہ ڪين واضع مثال نظر ايندا. هندستان جا ماڻهو برطانيہ جي پارليامينٽ جا ميمبر هئا ۽ الجزائر جا ماڻهو فرانسي پارليامينٽ جا. سڀ کان تازو مثال آئرلينڊ آهي جتان پيو ڪير نہ بلڪہ خود آزاديءَ جي جدوجهد جو ليڊر بابي سينڊز جيل منجهان برطانوي پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو.

ٻيون. تہ بينڪي ملڪ جا ماڻهو معيار زندگي بلند ڪرڻ لاءِ بينڪ ڏانهن ڪونہ ويندا آهن پر ان جي ابتڙ ٿيندو آهي. جڏهن تہ هتي ائين ٿي رهيو آهي. ان جو جواب اهي فرانسيسي باشندا آهن جيڪي الجزائر ۾ وڃي مستقل طور رهڻ لڳا ۽ الجزائر جي اعلان آزاديءَ کي مڃڻ کان ۽ پنهنجون ملڪيتون ڇڏڻ کان انڪار ڪري ڇڏيائون، آخر مجبور ٿي صدر ڊيگال کي انهن تي بمباريءَ جو حڪم ڏيڻو پيو ۽ اهي گورا آهن جيڪي مختلف يورپي ملڪن کان معيار زندگي وڌائڻ جي تلاش ۾ ڏکڻ آفريڪا ويا ۽ هاڻي پاڻ کي اتي جو حڪمران سمجهن ٿا.

ٽيون تہ سامراجي ملڪ ڪارخانا محڪوم ملڪ ۾ نہ بلڪہ پنهنجي ملڪ ۾ لڳائيندو آهي. پنجاب سنڌ ۾ ڪارخانا لڳائي رهيو آهي تنهن ڪري سامراجي ناهي.

ان صورتحال جا ٻه ڪارڻ آهن. هڪ ته تاريخ جي ٻين سامراجي ملڪن جي ابتڙ پنجاب کي پنهنجو ساموندي ڪنارو ڪونهي. ٻيو ته ٻين سامراجي ملڪن وٽ زائد آباديءَ جو مسئلو ڪونه هئو جڏهن ته پنجاب ۾ آباديءَ جو مسئلو ڏينهون ڏينهن سنگين صورت اختيار ڪندو پيو وڃي. انهن ٻنهي سببن ڪري پنجاب مجبور آهي ته سنڌ ۾ ڪارخانا لڳائي ته جيئن اتان آسانيءَ سان سمنڊ رستي ٻين ملڪن سان آمدورفت ٿي سگهي ۽ ساڳئي وقت پنهنجي زائد آباديءَ کي سنڌ ۾ آباد ڪري سگهي.

ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي مونجهارو پيدا ڪندڙ سوال ۽ مسئلا، سنڌ ۾ به ساڳيائي آهن جهڙا بلوچستان ۽ ايريٽريا جي قومي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙن جي درپيش آهن. انهن تي اتان جي ليڊرن تفصيل سان بحث ڪيو آهي جنهن منجهان سنڌ جي آزاديءَ لاءِ موقف کي هٿي ملي ٿي ۽ ڪيترن سوالن جو جواب ملي ٿو خاص ڪري ايريٽريا جي منجهان جتان جي جاگرافيائي، تاريخي ۽ سياسي صورتحال سنڌ جي حالتن سان تمام گهڻي مشابهت رکي ٿي ۽ اتي جي آزاديءَ پسندن کي اهي ئي مسئلا ۽ مشڪلاتون درپيش آهن جن منجهان ڪجهه اسانکي اڄ درپيش آهن ۽ ڪجهه جي مستقبل ۾ درپيش اچڻ جا امڪان آهن. تنهنڪري اسان سنڌ بابت بحث کي اتي ختم ڪري بلوچستان ۽ ايريٽريا جي ڪيسن جو مطالعو ڪنداسين.

انٽرويو

بلوچستان پيپلز لبريشن فرنٽ جو نمائندو مرادخان

انٽرويو ڪندڙ: ريمنڊنوٽ

پاڪستان ۾ ”قومي سوال“ جي تاريخ ۾ پاڪستان اندر موجوده بلوچ تحريڪ جسي بنيادن بابت مرادخان کان هيٺيون انٽرويو برسلز ۾ رهندڙ بيلجم جي هڪ صحافي ريمنڊ نوٽ ورتو. مرادخان بلوچستان پيپلز لبريشن فرنٽ (B P L F) جو هڪ نمائندو آهي. انٽرويو جنوري 1980 ۾ ترڪيءَ جي شهر استنبول ۾ ورتو ويو.

(گفتگوءَ) ريمنڊ نوٽ: اهو مناسب نه ٿيندو ته اسين شروعات پاڪستان جي موجوده بحران جي پس منظر ۾ بلوچ تحريڪ جي نشونما جي جائزي وٺڻ سان ڪريون؟ ان جي تاريخ ۾ ڪهڙا اهم مرحلا آيا ۽ ٽڪراءَ جي تازه ترين دور جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟.

مرادخان: پاڪستان جي رياست کي وجود ۾ آڻڻ ذريعي مختلف قومن تي، سندن رضامندي کان بغير هڪ مخصوص قسم جي حڪومت زبردستي مڙهي ويئي. هڪ ئي ڌڪ سان اتان جي عوام جي هڪ جداگانه قوميت طور وجود بلڪه وجود جي حق کي ئي ختم ڪيو ويو. ان سان قومي سوال کي هڪ تکڙو ۽ زوردار آڌار مليو. آءٌ پنهنجي مقصد کي ٿورو وڌيڪ وضاحت سان پيش ڪرڻ چاهيندس. نئين وجود ۾ آيل پاڪستاني رياست ڏانهن مختلف قوميتن جي ردعمل جو تعين انهن منجهان هر هڪ جي معروضي سماجي ۽ اقتصادي حالتن ڪيو ٿي. مثال طور بنگال آهي. بنگالين جي ثقافت ۽ باقي پاڪستان جي ثقافت ۾ نمايان فرق هئو، تنهنڪري اتي قومي جدوجهد سڀ کان پهريائين ثقافتي ميدان ۾ پنهنجو اظهار ڪيو. اوڀر بنگال ۾ هلايل ٻوليءَ

جي تحريڪ درحقيقت پاڪستان ۾ قومي مسئلي جو سڀ کان پهريون ۽ سڀ کان واضح اعلان هئي.

قومي سوال هڪ ٻئي انداز ۾ وري بلوچستان ۾ ظاهر ٿيو ۽ اهو ٻاڻ بنگال کان به اڳ ۾. پهرئين ڏينهن کان ئي بلوچ قبيلن نون پاڪستاني حڪمرانن جي اڳيان جهڪڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ ته سندن نظر ۾ پاڪستان جو ذهن بلوچستان مٿان هڪ نئين قسم جو بيٺڪي نظام آڻڻ جي مترادف هئو. 1947 ۽ 1948 ۾ بلوچ قبيلن بلوچستان تي حڪمراني ڪرڻ جي پاڪستاني ڪوشش جي سخت مزاحمت ڪئي، اهو هڪ تاريخي طور منجهيل صورتحال جي نتيجي ۾ ٿيو. بلوچستان ڪڏهن به مڪمل طور برطانوي سامراج جي زير تسلط نه رهيو هئو ڇاڪاڻ ته بلوچستان ٻن حصن ۾ ورهايل هئو، هڪ قلات رياست ۽ ٻيو انتظامي ڪنٽرول وارو علائقو جنهن کي برٽش بلوچستان سڏيو ويندو هئو. بلوچ قبيلن پنهنجي حدن اندر ڪڏهن به برطانوي تسلط کي قبول ڪونه ڪيو، بيٺڪي دور جي عروج وقت به نه، برطانوي نوآبادياتي نظام رڳو ڪن چند علائقن تائين محدود هئو.

ظاهر آهه جڏهن پاڪستاني رياست وجود ۾ آئي ته ان جو سڀ کان پهريون مقصد بيٺڪيت (Colonization) جي عمل کي مڪمل ڪرڻ هئو. پر بلوچن Colonization لاءِ پاڪستاني حملن جو به اُئين ئي مقابلو ڪيو جهڙي

نموني هئن انگريز ڪوشش کي منهن ڏنو هئو. بلوچستان تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پاڪستاني رياست اهڙن علائقن ۾ پهتچا منتظم موڪليا جن ان وقت تائين قبائلي نظام اندر ڪوبه ڏاريو انتظام نه ڏٺو هئو. مزاحمتي جدوجهد فوري طور هن علائقي تي تسلط حاصل ڪرڻ جي فوجي ڪوشش خلاف قبائلي مخالفت جو روپ اختيار ڪري ورتو. اها مخالفت اڄ اسان جي نظر ۾ طبقاتي جدوجهد جي اظهار جي حيثيت رکي ٿي. چاڪاڻ ته ڏسڻو اهو آهي ته بلوچ قبيلن اڳيان پاڪستان رياست جي ڪهڙي حيثيت هئي؟ اها هڪ بلڪل نئين سماجي ۽ اقتصادي نظام جي نمائندگي ڪري رهي هئي، جيڪو سرمايداري ۽ جاگيرداري تي ٻڌل هئو. خودرو نموني ڪئي ان ڪهڙو به روپ اختيار ڪيو هجي، قبائلي مزاحمت درحقيقت سرمايداري کي ۽ (معاشيات ۾) جاگيرداري جي اجا تائين باقي اثرات کي رد ڪرڻ جي جدوجهد هئي.

ريمنڊنوٽ: مزاحمت جي سڀ کان پهرين اهڃاڻن جو اظهار ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟

مرادخان: مزاحمت سڀ کان پهريائين قلات جي آسپاس ۾ جنم ورتو جتي پاڪستان جي آڏو برطانوي پيراڪيٽ جي ڇڏيل غيريقيني کي ختم ڪرڻ جو مقصد هئو. اها غيريقيني قلات ۾ نامنهاد ”نيم-خودمختياري“ جو مسئلو هئي. قانوني نقطهنگاهه کان برطانوي بلوچستان

برطانيہ جي عدم نوآباديت واري پاليسيءَ جي حصي طور سڌو سنئون پاڪستان جي حوالي ڪيو ويو. پاڪستان هڪ اهڙو خودمختيار تشخص هئو جنهنڪي انهن علائقن مٿان پڇندڙ نوآباداتي طاقت. برطانيہ ۽ نون پاڪستاني حڪمرانن وچ ۾ مذاڪرات ذريعي قائم ڪيو پئي ويو. مذاڪرات جي ان مرحلي تي قلات رياست جي مسئلي ڪر کنيو جيڪو برطانوي ٻيڻڪي انتظام کان گهٽي حد تائين خودمختيار رهيو هئو. برصغير جي ورهاست وقت قلات رياست جي حيثيت جو سوال بلوچ نيشنلزم جي اظهار جو سڀ کان مضبوط بنياد هئو. پاڪستاني تسلط خلاف قلات جي عوام جي مزاحمت ڪي ڪيترا ترقي پسند عناصر هڪ جاگيردار، نيم قبائلي، عدم مرڪزيت جو شڪار رياست پاران هڪ وڏيڪ سادرن ۽ اڳتي وڌيل رياست خلاف رجعت پسند مزاحمت ڪري پيش ٿا ڪن. اسانجي نظر ۾ حقيقت ائين ناهي. قلات جي مزاحمت جي هڪ علامتي اهميت آهي. جيئن تہ قلات بلوچ قومي پڌيءَ جو سڀ کان مضبوط نقطو هئو. هن معنيٰ ۾ تہ ان کي بلوچ رياست جي مغز جي حيثيت حاصل هئي. تنهنڪري اهو واضح هئو تہ پاڪستاني حڪمرانن جي حملن جو سڀ کان پهريون نشانو اهو ئي هوندو.

اسان B P L F (بلوچستان پيپلز لبريشن فرنٽ) وارا سمجهون ٿا تہ قلات واري جدوجهد ترقي پسند هئي جنهن

جو مطلب آهي ته تاريخي طور ترقي‌پسند قطع نظر ان جي قيادت جي مخصوص ڪردار جي. اهڙي موجوده بلوچ قومي جدوجهد جو نقطہ آغاز هئي.

بغاوت پنهنجي طور تي تمام گهڻو غير منظم هئي. ان جي سياسي قيادت انتهائي ڪمزور هئي. اهڙيءَ ريت ان دور ۾ هڪ مضبوط قيادت جي غير موجودگي بظاهر مزاحمت جي شڪست جو سبب بڻي. پاڪستان جي نوآباڊياتي قبضي خلاف جدوجهد کي صحيح قيادت مهيا ڪرڻ ۾ بلوچ قبائلي ورثي ۽ خان قلات جي ناڪاميءَ پهريون دفعو نئين قسم جي سياسي تنظيمن جي اڀرڻ لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪيون.

بلوچ نيشنلزم کي زبان مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ دانشورن جو هڪ ننڍڙو گروپ قائم ڪيو ويو. ان جو نتيجو عظيم‌تر بلوچستان جي تصور جي صورت ۾ نڪتو جنهنجو مقصد ايران، افغانستان ۽ پاڪستان ۾ رهندڙ بلوچ ماڻهن کي هڪ آزاد عظيم‌تر خانه‌بدوش رياست اندر متحد ڪرڻ هئو. پر عظيم‌تر بلوچستان جو اهو تصور بلوچ دانشورن جي هڪ تمام مختصر حلقي تائين محدود هئو.

ريمنڊنوٽ: ان جي معنيٰ ته پوءِ لفظن ۾ ائين چئجي ته توهان 'عظيم‌تر بلوچستان' جي تصور کي رد ڪري ڇڏيو؟

مرادخان: ان وقت اسان ان خيال جي مخالفت ڪانه ڪئي، البته بعد ۾ ٿيندڙ Geo-Political تبديلين جي

نتيجي ۾ اسان ان کي رد ڪري ڇڏيو. عظيم‌تر بلوچستان درحقيقت هڪ جذباتي تصور هئو. اسان اهو ضروري نٿا سمجهون ته بلوچستان جي قومي جدوجهد کي حق بجانب ثابت ڪرڻ لاءِ ڪنهن قانوني دليل جو سهارو وٺون. ٿي سگهي ٿو پراڻي دور جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن لاءِ اها ڳالهه ضروري هجي. جيڪي بيٺڪي قوتن سان سڌو سنئون ٽڪر ۾ هيون. مثال طور ايريٽريا ۾ اهڙي صورتحال هئي جتي ايريٽريائي ماڻهن کي پنهنجي قومي جدوجهد آزاديءَ جي حق ۾ قانوني جواز پيش ڪرڻا پيا ڇاڪاڻ ته انهن کي سندن مرضيءَ جي خلاف زبردستي ايٿوپيائي رياست ۾ ضم ڪيو ويو هئو. اها ساڳي صورتحال ڪشمير جي آهي.

اسان بي-پي-ايل-ايف وارا بهرحال سمجهون ٿا ته قومي جدوجهد دراصل طبقاتي جدوجد جو حصو آهي، تنهنڪري پاڪستاني رياست خلاف بوچستان جي مزاحمت بابت اسانجو تجزيو ان حقيقت تي ٻڌل آهي ته بلوچ مزاحمتي تحريڪ پنهنجي شروعات کان وٺي پاڪستاني رياست جي خلاف هڪ طبقاتي جدوجهد هئي جنهنجو اظهار قومي جدوجهد جي صورت ۾ ٿيو.

ريمنڊنوٽ: ڇا توهان بي-پي-ايل-ايف جي بنيادن ۽ ان جي نشونما بابت ڪجهه وڌيڪ تفصيل سان ٻڌائي سگهندؤ؟

مرادخان: هونءَ ته ڪيترائي تعلق رکندڙ تاريخي

واقعا آهن جيڪي پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ وقوع پذير ٿيا پر في الحال اسان انهن جو ذڪر ڪونه ٿا ڪريون. آءٌ توهانجي سوال جي جواب جي شروعات سٺ واري ڏهاڪي جي شروع واري دور جي ذڪر سان ڪندس. اسانجو پهريون ڪم اهو هئو ته هڪ متحرڪ تحريڪ طور اڳ ۾ ئي موجود بلوچ مزاحمت جي خودرو ڪردار کي ڪٺندي ان کي پوري بلوچستان اندر منظم ۽ مربوط ڪيو وڃي. ان مان اسانجو مقصد اهو هئو ته هڪڙي ڪل بلوچستان سياسي ۽ گوريلا تنظيم لاءِ بنياد رکيو وڃي. انهيءَ مقصد لاءِ ڀرپور شعوري ڪوشش 1963-64 جي عرصي دوران ٿي. هتي آءٌ اهو عرض ڪندو هلان ته ان وقت مزاحمتي تحريڪ ۾ ڀرتي ٿيندڙ پهرئين جٿي جو اهو خيال هئو ته مزاحمت جي خودرو ڪردار کي منظم ڪري ان کي وڌيڪ واضح ۽ سائنٽيفڪ رخ ڏنو وڃي. پر جڏهن اهي اسانجي علائقن اندر داخل ٿيا ته کين معلوم ٿيو ته ڪيترن ڏسن ۾ تحريڪ اڳ ئي اعليٰ پيماني تي منظم هئي. بلوچ قبائلي تنظيم جي جدليات تحريڪ کي منظم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي باقي رهيو ڪرڻو اهو هئو ته انهيءَ عمل کي سموري بلوچستان اندر مربوط ڪيو وڃي. جيئن ته مزاحمت ۾ شامل ٿيندڙ تعليم يافته نوجوانن جو تعلق بلوچستان جي مختلف علائقن سان هئو، تنهنڪري اهي ان مقصد جي حصول لاءِ شاندار وسيلو ثابت ٿيا. پر تعليم يافته نوجوانن جا شروعاتي

جتا سندن توقعات جي خلاف گوريلا تحريڪ تي غلبو حاصل ڪرڻ يا خانہبدوش عوام تي سياسي قيادت نافذ ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ وڃي سگھيا۔ بلڪہ ڪنھن حد تائين معاملو ان جي ابتڙ هئو. ان موقعي تي ميرهزارخان نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو.

مير هزار جو تعلق هڪ خانہبدوش خاندان سان آهي ۽ مري علائقي ۾ڀھريون گوريلا جٿو منظم ڪرڻ سندس ئي ڪارنامو آهي. ڀھريون رضاڪار دستو هن جي ئي ڪمانڊ ۾ قائم ڪيو ويو جيڪو بعد ۾ گوريلا تحريڪ جو مستقل حصو بڻجي ويو- هن جيڪا تنظيم ترتيب ڏني ان جو مري قبيلي جي روايتي فوجي تنظيم سان گھاٽو لاڳاپو هئو. روايتي طورجڏهن بہ مري يا اهڙيءَ ريت ڪو ٻيو خودمختيار قبيلو۔جنگ ۾ ملوث ٿيو تہ وٽن هڪڙو اهڙو ادارو اڳواٽ موجود هئو جنهن سندن افرادي ضرورت جي پورائي تي ڪئي. قبيلا ئي سطح تي هر خاندان کي مزاحمتي فوج لاءِ افرادي قوت مهيا ڪرڻ ۾ حصو وٺڻو هئو. مير هزر اهو ڪيو جو مستقل يونٽ قائم ڪيائين پر ان سان گڏوگڏ روايتي قبائلي تنظيمن کي بہ برقرار رکيائين جن جو دارومدار هر خاندان پاران ٿوڪليل نفريءَ تي هئو. جڏهن شهري نوجوان هڪ وڌيڪ عنصر طور ميدان ۾ آيو تہ ان کي مستقل يونٽن ۾ شامل ڪيو ويو- انهن مستقل يونٽن پنهنجي پنهنجي حدن جي قبيلن اندر سياسي ذميواريون سنڀاليون ۽ شروع

ڪيون. هنن انهن علائقن ۾ سردار جي روايتي ڪردار جي جاءِ والارڻ جي شروعات ڪئي. قبيلي جا سمورا عدالتي معاملا ۽ سمورا انتظامي معاملا، جيڪي هن وقت تائين سردار جي هٿ ۾ هوندا هئا، سي مستقل يونٽن پنهنجي ڪنٽرول ۾ وٺڻ شروع ڪيا. انهن گروپن جي سائيز خود سياسي جدوجهد جي ضرورتن مطابق مقرر ڪئي ويئي- پر اهي انهن علائقن ۾ زندگيءَ جو هڪ اڻ ٽٽ حصو بڻجي ويا. ان ڪان پوءِ قبيلي جي سمورن معاملن، شادي، بي‌ايماني يا ٻئي ڪهڙي به نموني جا هجن- ڪي سردار جي بجاءِ تنظيم پاڻ نبيرڻ لڳي.

ان مرحلي تي ان سڄي جوڙجڪ اندر هڪ مرڪز قائم ڪيو ويو جيڪو بلوچ قوم‌پرست تحريڪ اندر مارڪسزم کي هڪ غالب عنصر طور مستحڪم ڪرڻ لاءِ وقف هئو- اهوئي مرڪز هئو جنهن اڳتي هلي بلوچستان پيپلز لبريشن فرنٽ کي منظم ڪيو- بي-پي-ايل-ايف ڀهاڙي علائقن ۾ هڪ خفيه تنظيم طور سٺ واري ڏهاڪي جي شروعات کانوٺي ڪم ڪري رهي هئي. 1969 ۾ ايوب‌خان جي زوال کان پوءِ پاڪستان حڪومت ٻهريون دفعو بلوچ مسئلي تي مذاڪرات شروع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي- انهن مذاڪرات لاءِ منطقي انتخاب نيشنل عوامي پارٽي (نعپ) هئي- پر انهن مذاڪرات دوران ئي نعپ اندر اختلاف ٻهريون دفعو ظاهر ٿيا ۽ تڏهن ئي نعپ کي B P L F جي وجود بابت معلوم ٿيو.

ٽيو ائين تہ نعپ پنھنجي پارليماني مفادن جي دائري اندر ھڪ وسيع معاھدو طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. يحيٰي خان چونڊون ڪرائڻ جو وعدو ڪري چڪو ھئو ۽ ”ون يونٽ“ ٽوڙي چڪو ھئو. يحيٰي اھو شرط لڳايو تہ گوريلا تحريڪ پنھنجا ھٿيار ڦٽا ڪري ۽ پاڪستان اندر وجود ۾ ايندڙ ھٿ ٺوڪئي ”نئين جمھوري جوڙجڪ“ ۾ پاڻکي شامل ڪري. اتي نعپ جي قيادت جو ھڪڙو گروپ (ان شرط مڃڻ لاءِ) راضي ٿي ويو. پر بي-پي-ايل-ايف ٻھريون دفعو بحيثيت تنظيم جي مداخلت ڪئي ۽ اھڙي قسم جي ٺاھہ جي سخت مخالفت ڪئي، جنھن جي نتيجي ۾ خود نعپ ان مسئلي تي ٻن حصن ۾ ورھائجي ويئي.

ريمنڊ نوٽ: توھان چئو ٿا تہ يحيٰي حڪومت جي دور ۾ ٻھريون دفعو بلوچستان پيپلز لبريشن فرنٽ ھڪ گروپ طور مداخلت ڪئي ۽ مذاڪرات لاءِ پنھنجا شرط پيش ڪيا. ان وقت انھن مذاڪرات (جي ڳالھين اندر) بابت توھانجا شرط ڪھڙا ھئا؟

مراد خان: جنرل يحيٰي خان طرفان مسلط ڪيل شرط اھي ھئا تہ گوريلن جي زيرانتظام علائقا پاڪستاني انتظاميہ جي حوالي ڪيا ويندا ۽ گوريلن کي ھٿيار ڦٽا ڪرڻا پوندا. بي-پي-ايل-ايف جا شرط جيڪي آخرڪار يحيٰي خان کي مڃڻا پيا. اھي ھئا تہ جنگ بندي ٿيندي، ڪوبہ ھٿيار ڦٽو نہ ڪيو ويندو ۽ اسين پنھنجي آزاد علائقا

اسانجي ڪنٽرول ۾ رهندا جتي بي-پي-ايل-ايف ڏهن سالن، جي عرصي کان هڪ آزاد گوريلا انتظاميه قائم ڪري چڪو هو. مرڪزي حڪومت ۽ نعپ، جيڪا انهن مذاڪرات ۾ اسانجي اتحادي هئي، تن ٻنهي کي انهن آزاد علائقن جي باري ۾ ڪابه خبر ڪانه هئي. اسان هڪڙي رعايت ڏني، اهــا هئي بلوچستان ۾ چونڊون ڪرائڻ جي اجازت........ اسان ان بنياد تي يحيى خان سان وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ته هڪ فوجي آمريت کي بلوچستان جو مسئلو طئي ڪرڻ جو ڪوبه قانوني اختيار ڪونهي. اسانجو موقف هي هئو ته آهو بلوچ قوم ۽ پاڪستان جي مرڪزي رياست جي وچ ۾ هڪ سياسي مسئلو هئو. اسان چونڊن ۾ حصو وٺڻ ۽ پاڪستان جي وفاق اندر بلوچستان جي مستقبل جو تعين ڪرڻ خاطر سياسي مذاڪرات جو دروازو کليل رکڻ تي آماده هئاسين.

بي-پي-ايل-ايف فوجي انتظاميه سان گڏجي ٻنهي آزاد علائقن ۾ چونڊن جو انتظام ڪيو. اهو تاريخ ۾ پهريون موقعو هو جو پاڪستاني رياست جا ڪارندا انهن علائقن تائين پهتا. مري قبيلي جي مرڪزي ڳوٺ ڪاهان جي علائقي ۾ اليڪشن ڪميشن جي سموري عملي ۽ سائن گڏ ايندڙ فوجي عملي جي گوريلا تحريڪ جي مهمان طور خاطر تواضع ڪئي ويئي. اليڪشن مهم دوران انهن جي حفاظت جي ذميواري پڻ اسان پاڻ

نبي ڳنڍي.

ريمنڊ نوٽ: آءٌ هينئر وري پنجاه واري ڏهاڪي جي شروعاتي دور ڏانهن موٽندس ۽ ان وقت بلوچ نيشنلزم جي عمل جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪندس. اسان (صورتحال جو) عمومي نقشو چٽي ڇڪا آهيون، هينئر اسانکي تفصيلن جي ضرورت آهي.

مراد خان: 1948 ۽ 1958 جي وچ واري عرصي ۾ پاڪستاني حڪومت ۽ خان قلات سودي بازي ۽ مقابلي بازي جي هڪ راند شروع ڪري ڏني. خان قلات جي خواهش (ڪوشش) هئي ته (ڪنهن طريقي سان) پنهنجو مرتبو وڌائي ۽ پوءِ ان کي پاڪستاني رياست اندر پنهنجي ذات لاءِ جيترو ٿي سگهي وڌ کان وڌ (فائدو) حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري. هن اهڙن بلوچ قبيلن کي پنهنجي زير اثر آڻڻ جي ڪوشش ڪئي جن تي اڳ ۾ هن جو ڪوبه اثر ڪونه هئو. ان صورتحال طبقاتي جدوجهد لاءِ سڀ کان پهرين دروازو کوليو. نه رڳو پاڪستاني رياست جي سلسلي ۾ پر خود بلوچستان جي اندر پڻ. بلوچ قبيلن قلات جي قيادت جي ڪمزورين ۽ پاڪستاني رياست سان ناقابل شرطن تي سوديبازي ڪرڻ لاءِ سندس خواهش کي سمجهي ورتو. پنهنجي علائقي کان ٻاهر اثر مسلط ڪرڻ جون قلات قيادت جون ڪوششون قبيلن جي مروج خود مختياريءَ جي خلاف هيون. اهو واضح ٿي ويو ته خان قلات ۽ بلوچ جاگيردار

طبقو پنهنجو تاريخي رول ادا ڪري رهيو هئو. جڏهن هنن قبيلن جي خودمختيار ڪردار جي مقابلي ۾ حڪومت جي بيٺڪي قوت سان سات ڏيڻ جو فيصلو ڪيو.

ريمنڊ نوٽ: پوءِ ته 1958 ۾ ايوب جي اقتدار تي مڪمل قبضي ۽ پاڪستان ۾ آمريت جي ڏهاڪي جي شروعات کان صرف هڪ ڏينهن اڳ ۾ خان کي گرفتار ڪيو ويو؟ ان سان بغاوت جي پهرئين اهم دور جي شروعات ته نه ٿي؟ جيڪڏهن هو پاڪستان جي حڪمران ٽولي جو اهڙوئي سنئو اتحادي هو ته پوءِ کيس گرفتار ڇو ڪيو ويو؟

مراد خان: بيٺڪي راج دوران اسان وٽ هڪ بلڪل نرالي صورتحال هئي، جنهن ۾ هڪ طرف بلوچستان ۾ بيٺڪيت جي حڪمراني هئي ته ٻئي طرف قلات ۾ هڪ جاگيردار رياست موجود هئي. ٻئي هڪ ٻئي جي سهاري تي هلي رهيا هئا ۽ انهن ٻنهي قوتن سان گڏوگڏ اهڙا قبائلي علائقا پڻ هئا جيڪي ٻنهي کان مڪمل طور آزاد هئا. آزاديءَ کان پوءِ پاڪستان فوري طور انهن علائقن تي قبضو ڪري ورتو جيڪي سڌي طرح برطانيه جي تسلط هيٺ هئا. البته قلات جي رياست تي تسلط حاصل ڪرڻ لاءِ سندس ڪوششون، ايترن ڌر مزاحمت جي ڪري شروع ۾ ناڪام ويون. 1948 ۽ 1958ع جي وچ واري عرصي دوران حڪومت بلوچستان جي جاگيردار طبقي سان، جنهن جي نمائندگي قلات رياست

۽ خان ڪري رهيا هئا، ڪنهن ڳاهه تـي پنهنجون ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون. ڳئين بيٺڪي رياست کان وڌ ۾ وڌ رعايتون حاصل ڪرڻ جـي لالچ ۾ (پنهنجي سوديبازيءَ جي وڌائڻ خاطر) هن طبقي خود مختيار قبائلي علائقن ڏانئين پنهنجو اثر وڌائڻ جون ڪوششون ڪيون.

ان عمل جـو نتيجو اهـو ٿيو تـہ انهن علائقن جـو پاڪستاني رياست ڏانهن رويو (ردِعمل) وڌيڪ ويڙهاڪ (Militant) ٿي ويو. ڪنهن ڪنهن وقت تہ خان خود انهن جا مطالبا مڃڻ تي مجبور ٿي ويو جيڪي سندس مخالفت ڪري رهيا هئا. هڪ مرحلي تي تہ هن ڪلهي عام تسليم ڪيو تہ نام نهاد ”گڏجڻ واري معاهدي“ تـي صحيح هن ذاتي حيثيت ۾ ۽ قبيلن جـي گهربل تـوثيق کـان سواءِ ڪئي هئي. 1958 ۾ خـان ڪلات جي گرفتاري بنيادي طور پاڪستاني رياست جـي پنهنجي اندروني تضادن جو نتيجو هئي. دراصل 1948 کان 1958 واري عرصي دوران ٿي پاڪستان جي حڪمران طبقي ۽ بلوچستان جي جاگيردار طبقي جيءَ وچ ۾ سازباز جـو عمل شروع ٿي چڪو هو. ۽ (هڪ مرحلي تي) هو (پاڪستاني حڪمران) خان قلات سان ڳاهه جي بلڪل قريب پهچي چڪا هئا. پنهنجي ذاتي مفادن خاطر هـو بلوچستان جـي حقن ۽ انهن لاءِ هلندڙ قومي جدوجهد تان هٿ کڻڻ لاءِ مڪمل طور تيار هئو ۽ حقيقت ۾ هن ائين ئي ڪيو.

پر پاڪستاني رياست جي اندروني تضادن هڪ اهڙي

ٽولي کي اقتدار ۾ آندو جيڪو پاڪستاني معيشت کي مڪمل طور مرڪز جي ڪنٽرول ۾ آڻڻ تي سيندرو ٻڌيو بيٺو هو، ان لاءِ هن مختلف قوميتن وچ ۾ امتياز جي واحد علامت صوبائي سرحدن کي به ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهو "ون يونٽ" جو نظام هئو جيڪو هنن ان وقت مسلط ڪيو. پاڪستاني رياست (جي ڪارندن) جو انداز فڪر (ان وقت) اهو هئو ته بلوچ جاگيردار ڪلاس سان ڏي وٺ جو خيال ترڪ ڪري سختيءَ کان ڪم وٺجي ۽ قومي مارڪيٽ کي طاقت جي زور تي مستحڪم ڪيو وڃي. تنهنڪري خان جي گرفتاري ۽ ايوب Coupd'etal کي اتفاقي عمل ڪونه هئا. بلڪه انهن جي وچ ۾ هڪ سوچيل سمجهيل لاڳاپو هو.

ريمنڊ نوٽ: خان جي گرفتاري ۽ ملٽري (Coup) ڪانپوءِ شروع ٿيندڙ بغاوت جي دور جي شروعات ڪنهن ڪئي؟

مراد خان: 1958 جي انهيءَ ماجرا کان يڪدم پوءِ جن قبائلي جٿن سڀ کان پهرين بغاوت جو علم بلند ڪيو، انهن جي قيادت نوروز خان ڪري رهيو هئو. نوروز خان بلوچستان جي خودمختيار حصي جي هڪ قبائلي سردار جو هڪ روايتي نمائندو هئو. اهي قبيلا اهي آهن جيڪي ڪڏهن به مڪمل طور قلات رياست يا برطانيه جي بيٺڪي نظام جي تسلط هيٺ ڪونه آيا.

اها بغاوت خودرو هئي ۽ ڪنهن به منظم علائقي سان ان جو واسطو ڪونه هئو. ان جي شروعات خودمختيار علائقن کان ٿي ۽ جلد ئي اثر اوڀر بلوچستان جي مري ۽ بگٽي علائقن تائين پکڙجي ويئي. اهڙي ڪردار لاءِ انهن خودمختار علائقن جي هڪ ڏگهي روايت رهي آهي. ان وقت به جڏهن قلات جي رياست به برطانيه جي اڻ سڌي تسلط هيٺ اچي ويئي، انهن ئي علائقن مزاحمت شروع ڪئي جيڪا موجوده صديءَ تائين جاري رهي. تنهنڪري اها فطري ڳالهه هئي ته جڏهن خان قلات مڪمل طور پاڪستاني رياست وٽ وڪجي ويو ۽ هن مزاحمت ترڪ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن آزاد علائقن هڪ دفعو وري جدوجهد جي اڳواڻي پنهنجي ذمي ڪئي.

اٽڪل هڪ سال جي لڙائي ڪانپوءِ نوروز خان ۽ سندسساٿين کي امن مذاڪرات لاءِ جبلن تان هيٺ لهي اچڻ لاءِ آماده ڪيو ويو. پاڪستاني حڪمرانن سان جنگ بنديءَ جو معاهدو ٿيو، جنهن تحت ڪجهه عارضي نقطن تي اتفاق ٿيو ۽ باقي مسئلن تي وڌيڪ ڳالهيون ڪرڻ طئي ٿيو. معاهدي تي عمل بابت قرآن تي قسم کنيو ويو. ان کان فورن ئي پوءِ نوروز خان ۽ سندس ساٿين کي گرفتار ڪيو ويو. مٿن غداريءَ جو مقدمو هلايو ويو ۽ نوروز خان جي سٺن اهم ساٿين کي ڦاسي ڏني ويئي. برطانيه کان 'آزاديءَ' کان پوءِ

ڏکڻ ايشيا ۾ سياسي قيدين کي ڦاسي چاڙهڻ جو اهو پهريون واقعو هو. بلوچ عوام کي انهيءَ واردات منجهان هڪ تلخ سبق حاصل ٿيو.

جنگ بندي قبول ڪرڻ وقت نوروز خان قرآن تي قسم کڻي واري چار جو شڪار ٿي ويو. بلوچن وٽ عزت ۽ وقار جو هڪ اعليٰ معيار آهي، تنهنڪري هو هميشه برابريءَ جي بنياد تي ڳالهائڻ چاهيندا آهن. ماضيءَ ۾ اهڙي قسم جي امن مذاڪرات ۾ قرآن کي برابريءَ لاءِ ضمانت جي علامت ڪري مڃيو ويندو هئو. انهيءَ روايت جي ناجائز استعمال جي جرڪت جيئوڻيڪ اڄ ان جي اها حيثيت ڪانهي. پاڪستان جي اسلامي رياست جي طرفدارن جي غدارانه ڪردار جو بهترين نمونو هئي.

نوروز خان جي ساٿين جي ڦاسيءَ سان هڪ نئين دور جي شروعات ٿي ان جو واسطو دانشور حلقن سان آهي جيڪي 1948 ۽ 1958 جي وچ واري عرصي دوران بلوچستان جي حوالي سان جديد قوم پرستي جي نظريي تي بحث مباحثا ڪندا رهيا هئا. پاڪستاني رياست طرفان بلوچستان کي ترقيءَ جي ميدان ۾ جاٽي واٽي پٺتي رکڻ جي ڪوشش سبب بلوچستان ۾ دانشور حلقو تمام محدود ۽ شاگرد برادري تمام مختصر هئي. پر اها دانشور ۽ شاگرد برادري هئي. تقريباً مڪمل طور قوم پرست ڪئمپ ۾. تنهنڪري اها بلوچي

نيشنلزم جو هڪ نهايت طاقتور آواز هئي. 1958 کان پوءِ قوم پرستيءَ جي ميدان ۾ انقلابي سياست جو عنصر داخل ٿيو. پهريان مارڪسٽ اسٽڊي سرڪل قائم ڪيا ويا، شيرمحمد مري انهن منجهان هڪڙي جو ميمبر هئو. انهن اپرنڊڙ گروپن پمفليٽ ڪڍيا، ڪڏهن ڪڏهن اخبار جاري ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻولي واري جدوجهد ۾ حصو ورتو. مثال طور لاهور ۾ منعقد ٿيل پهرين ڪل علائقائي ٻولي ڪانفرنس ۾ بلوچن جي نمائندگي شيرمحمد مريءَ ڪئي هئي. اهو بلوچ قومي جدوجهد ۾ آخرڪار جديد قوم پرست خيالن جي غالب اچڻ جو وقت هئو. البته 1958 تائين اهي رڳو شهري مرڪزن تائين محدود هئا. ان مرحلي تي ڪجهه تمام اهم تبديليون وقوع پذير ٿيون. پاڪستاني رياست جي غداريءَ سبب 1958 واري بغاوت جي شڪست کان پوءِ شيرمحمد مري پهراڙيءَ ۾ هلندڙ جدوجهد ۾ شريڪ ٿيڻ جو فيصلو ڪيو. سڄي دانشورحلقي منجهان، جيڪو اڃا تائين بلوچ قومي تحريڪ جي نظرياتي مسئلن تي غور ڪري رهيو هئو. هو واحد شخص، هئو جنهن جبلن جو رخ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اهو 1962 جو زمانو هو.

اهو نهايت نازڪ وقت هئو جڏهن شيرمحمد مريءَ جبلن جو رخ ڪيو ۽ هن بلوچستان جي تاريخ ۾ هڪ اهم انقلابي رول ادا ڪيو. هن بعد ۾ اينڊڙ ڪيترن

پين ماڻهن لاءِ رستو هموار ڪيو. جنهن تي وچ ۾ وقت شيرمحمد جو خيال هئو ته هو آزاد قبائلي علائقن کي منظم ڪندو ۽ سندن هٿياربند جدوجهد کي وڌيڪ مستحڪم ۽ منظم بڻائيندو. هن ان (عمل) کي سياسي ضرورت تي سمجهيو. پر ڪيس معلوم ٿيو ته قبيلا اڳ ۾ ئي اعليٰ پيماني تي منظم هئا. سو عام (مروج) خيال کي ابتڙ هو ڪڏهن به بلوچستان جي گوريلا تحريڪ جو آرگنائيزر ڪونه رهيو. بلوچ گوريلا تحريڪ مينگل ۽ مري علائقن ۾ منظم ٿي رهي هئي، علي محمد مينگل جهڙن مجاهدن جي هٿان. هو هڪ قبائلي هئو جنهن مينگلن سان گڏوگڏ پوري جهالاوان علائقي کي منظم ڪيو. مري علائقن ۾ تنظيم جو ڪم مير هزار جي هٿ ۾ هئو.

ريمنڊ نوٽ:- ان جي معنيٰ ته، توهان چئو ٿا ته 1962 کان اڳ ۾ هڪ تنظيم جنم وٺي رهي هئي پر ان وٽ قومي سوال بابت موقف طئي ڪرڻ لاءِ مارڪسي تجزيو ڪونه هئو. پوءِ پنهي جو ميلاپ ڪيئن شروع ٿيو؟

مراد خان: ايوب خان جي آمريت شروع ٿيڻ وقت قلات رياست جي خلاف ڪنيل قدمن سان گڏوگڏ شهري علائقن ۾ رهندڙ قوم پرست عناصر خلاف پڻ سخت ڪاروائي ڪئي ويئي. جڏهن ون يونٽ (قائم ڪرڻ) جي مسئلي تي نعپ، ايوب حڪومت جي مخالفت ڪئي، تڏهن فوجي حڪومت انهن سردارن خلاف

حرڪت ۾ اچي ويئي، جيڪي نعپ ۾ شامل ٿي چڪا هئا. اڳتي هلي انهن ئي سردارن بلوچستان نعپ جي قيادت سنڀالي ۽ اهي هئا عطاءالله مينگل، اڪبر بگٽي، خيربخش مري ۽ غوث بخش بزنجو. ايوب خان انهن جي سردار واري حيثيت ختم ڪري انهن جي جاءِ تي نوان هٿرادو سردار مقرر ڪيا. اهو پهريون دفعو هو جو بلوچستان ۾ سردار زوريءَ مڙهيا ويا هجن. انگريز سرڪار به ڪڏهن ائين زبردستي ۽ ناجائز طريقي سان سردارن کي ڪونه هٽايو هئو.

فوجي حڪومت جي انهيءَ ڪارروائيءَ جي ردعمل ۾ 1964 ۾ مري علائقي ۾ هڪ عجيب واقعو (رونما) ٿيو. ان کان اڳ، معاملو رڳو پاڪستاني فوج جي خلاف قبائلي مزاحمت تائين محدود هئو. پر جيئن ئي مرڪزي سرڪار روايتي قبائلي جوڙجڪ جي خلاف هڪ واضح سياسي قدم کنيو، تيئن ئي مري علائقي ان جو واضح سياسي جواب ڏنو. اڃا نيون مقرريون ٿيون ئي مس هيون ته گوريلن نئين سردار تي حملو ڪري کيس قتل ڪري ڇڏيو. هن سان وابسته مري قبيلي جي ڪجهه ٻين اهم شخصيتن کي پڻ قتل ڪيو ويو. اهو اسانجي خيال ۾ قبائلي علائقن منجهان سڌي طبقاتي جدوجهد جو پهريون اظهار هو. قتل ٿيندڙ شخص خيربخش مريءَ جو چاچو دودا خان هئو. خيربخش پاڻ ان وقت قبائلي علائقي کان ٻاهر هئو. هو ان مرحلي تي نعپ جي هڪ

همدرد ۽ شهري (Urban) قوم پرست تحريڪ جي، حصي طور ڪم ڪري رهيو هئو. هن پنهنجي طور تي ڪافي ترقي پسند عمل ڪيا هئا. مثال طور 1952 ۾ هن سمورا سرداري محصول ختم ڪري ڇڏيا هئا. نتيجي طور هو بلوچ قومي تحريڪ اندر ڏاڍو مقبول بڻجي ويو. خاص طور تي مري علائقن ۾ جتي ڪيس هڪ قبائلي سردار جي حيثيت ۾ نه پر قبيلي جي هڪ ترقي پسند ميمبر طور احترام سان ڏٺو ويندو هئو.

مري علائقي جهڙو هڪڙو واقعو مينگل علائقي ۾ به ٿيو. اتي مرڪزي سرڪار ڪرم خان کي سردار طور مقرر ڪيو. هو عطاءالله جي والد جو چاچو هئو. قبيلي جي ماڻهن ۾ حڪومت جي انهيءَ ناجائزي خلاف سخت ردعمل ٿيو ۽ اپريل 1963 ۾ ڪرم خان کي قتل ڪيو ويو. بهرحال هن جي موت کان اڳ ۾ ئي پاڪستان سرڪار عطاءالله مينگل کي ڪراچيءَ ۾ ڪيل هڪ تقرير جي ڏوهه ۾ گرفتار ڪري چڪي هئي جنهن ۾ هن بلوچستان لاءِ جمهوري حقن جي گهر ڪئي هئي. ڪيس سيپٽمبر 1962 ۾ گرفتار ڪيو ويو پر ڪجهه مهينن کانپوءِ ضامن تي آزاد ڪيو ويو. ڪرم خان جي قتل کانپوءِ ايوب سرڪار عطاءالله مينگل کي ٻيهر گرفتار ڪيو ۽ بغير ڪيس هلائڻ جي چار سال جيل ۾ رکيو. ڪيس وري جنوري 1967 ۾ آزاد ڪيو ويو.

ڪرم خان ۽ دودا خان جي قتلن جي ردعمل ۾ مرڪزي حڪومت 1963_64 دوران پنهنجون ڏهه هزار فوجون علائقي ۾ موڪليون. اهو عرصو هئو جڏهن شيرمحمد مريءَ کي اها تاريخي مشهوري ملي. پاڪستاني فوج ڪڏهن به ڪا وڏي ڪاميابي حاصل ڪري نه سگهي. گوريلا تحريڪ پنهنجي صلاحيتن ۾ اضافو ڪندي رهي ۽ منجهس بهتر تنظيم جا واضح رجحان نظر اچڻ لڳا. پر سڀ کان اهم ڳالهه اها ٿي ته شيرمحمد مريءَ جي جبلن ڏانهن وڃڻ ڪانپوءِ شهرن جي بلوچ نوجوانن وڏي تعداد ۾ سندس پوئواري ڪرڻ شروع ڪئي. ان جي نتيجي ۾ بي-پي-ايل-ايف جو مڪمل ڍانچو جنم وٺي لڳو. بلوچستان جي (عام) ترقي پسند تحريڪ ۽ پهاڙي علائقن جي گوريلا مزاحمت جي وچ ۾ هڪڙو اتحاد وجود وٺي رهيو هئو. اهو سلسلو 1963 کانوٺي اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

ريمنڊ نوٽ: اسان 1970 وارين چونڊن جي ذڪر ڏانهن واپس ٿا اچون. توهان ان وقت نعپ سان (توهانجي) اتحاد جي بنيادن جي وضاحت ڪرڻ پسند ڪندؤ؟

مراد خان: ان وقت اسانجو نعپ سان هڪ اصولي اتحاد هئو. نعپ پاڪستان جي واحد پارليماني پارٽي هئي جنهن پاڪستان کي 'گهڻ قومي رياست' تسي سمجهيو. بلوچستان ۾ ان جي اڳواڻن جون همدرديون دبلوچي تحريڪ جي عام ڌاري سان هيون. پر اسان

نعپ جي قيادت جي سياسي لاڙن ۾ فرق رکيو تي. نعپ جي اندر ڪاني ۽ ساڄي ڌر موجود هيون. خود نعپ کي ڪنهن وقت پاڪستان ۾ سوشلسٽ تحريڪ جو پارليماني فرنٽ سمجهيو ويندو هئو. اسانجي خيال ۾ نعپ هڪ پارليماني ۽ قانوني (Legal) فرنٽ هئي جنهن اسان کي پارليماني ۽ قانوني سطح تي ڪم ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو. بي-پي-ايل-ايف جي جنرل لائين ته پاڪستان ۾ مظلوم قومون ۽ طبقا رکو هٿياربند جدوجهد ذريعي ئي پنهنجا سياسي، سماجي ۽ اقتصادي مقصد حاصل ڪري سگهجن ٿا، ان کي ثابت ڪرڻ لاء اسان بلوچ عوام کي آماده ڪيو ته هو پارليماني سطح تي سياسي عمل ۾ حصو وٺن ۽ پنهنجي قومي حقن جي حصول لاء سمورا پارليماني رستا آزمائي ڏسن. اسانجي خيال ۾ چوندن بلوچستان ۾ پهرئين جمهوري عمل جو امڪان پيدا ڪيو تي ۽ اسان نٿي چاهيو ته اسانجو ڪردار (مسئلي جي) جمهوري حل جي مخالفت ڪندڙ هڪ فرقيوار گروه وارو رهي. اهو اسان لاء بلوچ عوام کي متحرڪ ڪرڻ جو بهترين موقعو هئو جيڪي نهايت وسيع ۽ تمام ڏورانهن علائقن ۾ پکڙيل هئا. چوندن ۾ حصي وٺڻ جو فيصلو هڪ حڪمت عملي ۽ جو حصو هئو جيڪا عوام کي متحرڪ ڪرڻ لاء مستقبل جي امڪانن بابت اسانجي سوچ تي ٻڌل هئي. تنهنڪري نعپ سان اسانجو اتحاد پڻ حڪمت عملي ۽

تحت هئو۔ اسانجو اتحاد رڳو بلوچستان جي قومي جدوجهد جي مقصد تائين محدود هئو۔

اسان کي ان قوت جو به احساس هئو جيڪا نعپ جي ڪاڀي ڌر کي پنهنجي طرف ڪرڻ سان مزاحمتي تحريڪ کي حاصل ٿيڻي هئي۔ اسانکي پتو هئو ته انهيءَ قوت کي پنهنجي پاسي ڪرڻ لاءِ ضروري هئو ته انهن ماڻهن کي پارليماني ذريعا آزمائڻ جو موقعو ڏنو وڃي جن کي هٿياربند جدوجهد بابت شڪ شبها هئا ۽ اهڙيءَ ريت سڀني حقيقي قوتن جي مزاحمتي تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ معروضي حالتون پيدا ڪيون وڃن۔ چونڊن کان پوءِ صورتحال جيڪو موڙ کاڌو، سو بلڪل اسان جي حڪمت عمليءَ مطابق هئو۔ اسان چاتو ٿي ته پاڪستاني رياست پنهنجي جمهوريت واري وعدي تي پوري ڪانه ٿيهندي۔ پاڪستاني رياست جي اندروني جدليات (يا تضاد) جمهوريت جي تصور جي بلڪل ابتڙ هئي۔ اسان جي راءِ ۾ ٻين ڪيترن وانگر اهو به هڪڙو وڏيڪ ڏيکاءُ هئو۔ چونڊن جي تجربي اسانجي جدوجهد کي زبردست فائدو پهچايو۔ ان سان بلوچ نيشنلزم جو مسئلو پاڪستان جي نقشي تي بلڪل چٽو ٿي بيٺو۔ نعپ بلوچستان ۾ ووٽن جي گهڻائي حاصل ڪئي ڇاڪاڻ ته چونڊون اصل ۾ بلوچ قومي خود مختياريءَ تي هڪ قسم جو رفرينڊم هيون۔ ١

ريمنڊ نوٽ:- اوهين ٿا محسوس ڪيو ته نعپ سان

توهانجي اتحاد جا ٻ دور رهيا آهن. پهريون دور 1969 کان 1973 تائين جو آهي ۽ ٻيو 1973 کان 1977 تائين جو. توهان انهن ٻنهي ۾ فرق ٻڌائي سگهندؤ ۽ اهو پڻ ته هينئر ڇو اتحاد مڪمل طور ختم ٿي ويو آهي؟

مراد خان: نعپ سان اتحاد 1970 وارين چونڊن کان فورن پوءِ ئي ٽٽي چڪو هئو. اسانجا انهن سان اختلاف بنگلا ديش جي جنگ آزاديءَ دوران شروع ٿيا. اسانجو موقف هئو ته پاڪستان جي مظلوم قومين لاءِ بنگلاديش جي آزاديءَ جي حمايت ۽ ان سان يڪجهتي جو غير مبهم اعلان ڪرڻ جو بهترين موقعو هئو. نعپ بحيثيت هڪ پارلياني پارٽيءَ جي هميشه پاڪستان اندر پنجن قومين جي اصول جي حمايت ڪئي هئي. پنهنجي سوشلسٽ دعوائن جي باوجود اها انهن گهٽ ۾ گهٽ توقعات تي به پوري نه لٿي. ٻئي طرف فوجي جنتا نعپ کي مشڪوڪ سمجهندي ان کي بنگلاديش جي جنگ آزاديءَ هلندي ڪالعدم قرار ڏيئي ڇڏيو. نعپ جي قيادت صورتحال مطابق پنهنجو ڪردار ادا ڪري نه سگهي. اهڙيءَ ريت اسان هڪ اهڙي صورتحال سان دوچار هئاسين جتي اسانکي اهو فيصلو ڪرڻو هئو ته پاڪستاني حڪومت سان ٺئي ڪيل جنگ بنديءَ کي جاري رکيو وڃي يا نه؟ اسانجي نظر ۾ بنگلاديش ۾ فوجي ڪارروائي سان بلوچستان واري جنگ بندي ازخو

ٿي چڪي هئي.
اهو ان تصادم جو ڪو پهريون مرحلو هئو جيڪو ان وقت بلوچستان ۾ نعپ ۽ اسانجي وچ ۾ ۽ پڻ بي-پي-ايل-ايف اندر جنم وٺي رهيو هئو. يحييٰ حڪومت طرفان بنگلاديش جي عوام تي ڪيل فوجي ظلم سندس اعلان ڪيل ان پاليسيءَ جي مڪمل پيچڪڙي هئي ته اها (يحييٰ حڪومت) پاڪستان اندر جمهوريت آڻيندي ۽ مختلف قومين جي جمهوري فيصلي کي تسليم ڪندي. اهوئي سبب هئو جو بلوچستان ۾ ڪيل جنگ بندي اسانجي لاءِ ان ڏينهن ختم ٿي ويئي جنهن ڏينهن بنگلاديش تي فوجي چڙهائي ڪئي ويئي. اسان هڪ دفعو وري پاڪي پاڪستان جي فوجي جنتا سان حالت جنگ ۾ محسوس ڪيو. نعپ جي قيادت جو رجعت پسندانه ڪردار هيئنر واڪو ٿي چڪو هئو ڇو ته اها پنهنجي سمورن وعدن تان ڦري ويئي هئي. اسان جي اتحاديءَ واري حيثيت ختم ٿي چڪي هئي. نعپ يحييٰ حڪومت طرفان ڪيل ناجائزين خلاف موقف وٺڻ ۾ ناڪام ويئي. اها بنگلاديش ۾ قومي آزاديءَ جي عظيم مقصد جي سڃاڻ ۾ ناڪام ويئي- ۽ اها خود پاڪستان اندر جمهوريت جي سوال تي واضح موقف وٺي نه سگهي. نعپ تي بحيثيت سياسي جماعت جي بندش وڌي ويئي ۽ اها ان بندش واري قانون خلاف ڪجهه نه ڪري سگهي. بلوچستان پيپلز ليبريشن فرنٽ تمام مشڪل

صورتحال ۾ گهرُبل هئو، اهو هن معنيٰ ۾ ته هٿياربند جدوجهد لاءِ فوجي جنتا خلاف جوابي ڪارروائي ڪرڻ جو اهو بهترين موقعو هئو. پاڪستاني فوج تمام ڪمزور حالت ۾ هئي پر سياسي ميدان ۾ اسانجون مشڪلاتون تمام سنگين هيون. نعپ ان نازڪ مرحلي تي مڪمل خاموشي اختيار ڪئي، جيڪا فاشسٽ حڪومت بنگالي قوم تي ان جي ظلم جي حمايت جي مترادف هئي. اسان ان صورتحال ۾ اهو سوچيو ته جيڪڏهن اسان بلوچستان ۾ گوريلا ڪارروايون شروع ڪيون ته اسان کي مغربي پاڪستان اندر تخريبڪار چئي الڳ ٿلڳ ڪيو ويندو. اهڙيءَ ريت پاڪستان جي ٻين مظلوم قومين ۽ طبقن سان اسانجو سياسي اتحاد ڪمزور ٿئي ها. ڀٽي جي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جنهن نيشنل شاونزم کي اڀاريو تنهن خاص ڪري سنڌ ۽ پنجاب جي عوام جو توجهه (اصلي مسئلي کان) هٽائي ڇڏيو. ان مرحلي تي بلوچستان جي مسلح تحريڪ طرفان بنگلاديش جي جدوجهد آزاديءَ جي هٿياربند جدوجهد جي صورت ۾ حمايت جا سياسي سطح تي سنگين نتيجا نڪرن ها. تنهنڪري اسان وقت جو انتظار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ اسانجي اصلي منصوبن کي تبديل ڪري ڇڏيو. نعپ ڀٽي سان ڳالهيون ڪري هڪ دفعو وري موقعي پرستيءَ جو اظهار ڪيو. اسان جي خيال ۾ ڀٽي جي حڪومت پاڪستان کي وڏيڪ

وڏيڪ ٽڪرا ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هڪ عارضي قدم هئي ۽ اسان کي ان باري ۾ ڪوبه شڪ شبهو ڪونه هئو ته ڀٽي کي اقتدار ۾ امريڪي حڪومت جي هدايت تي آندو ويو هئو. اهڙيءَ ريت نه رڳو نعپ پنهنجي پراڻي موقف تان هٿ کڻي ويٺي پر بنگلاديش جي آزاديءَ جا نتيجا (باقي رهيل) پاڪستان ۾ اسان جي جدوجهد جي خلاف استعمال ڪيا ويا. جيڪڏهن نعپ ان وقت ڀٽو حڪومت سان تعاون نه ڪري ها ته اسان جي خيال ۾ بلوچستان جي گوريلا تحريڪ 1973 کان گهڻو اڳ ۾ ميدان ۾ اچي ها. بنگلاديش کانپوءِ اسان پاڪستان کي هڪ مرڪزيت يافته رياست جي حيثيت ۾ مضبوط ٿيڻ نه ڏيون ها.

ريمنڊ نوٽ:- بنگلاديش جي آزاديءَ کان فوراً پوءِ واري دور (72_1972) ۾ نعپ جي باري ۾ توهانجو حقيقي موقف ڇا هئو؟

مراد خان:- اسانجو موقف اهو هئو ته نعپ کي ڀٽو حڪومت جي قانوني حيثيت کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ۽ نين چونڊن جو مطالبو ڪرڻ کپي. جمهوري عمل کي فوجي آمريت ذريعي تباه ڪيو ويو هئو، تنهن ڪري اسان مارشل لا جو (فوري) خاتمو ٿي چاهيو. اسانجي نقطہ نگاه کان اهو وقت پاڪستان اندر مظلوم قوميتن ۽ طبقن جي هڪ گڏيل فرنٽ ڏاهڻ جو هئو. نعپ کي ان مرحلي تي هڪ تمام اهم رول ادا ڪرڻ

ڪئي هئي. اها واحد پارٽي هئي جيڪا پارليماني سطح تي ڀٽو حڪومت جي مخالفت ڪري ٿي سگهي. ان جي ڪري ان هڪ دفعو وري پاڪستاني رياست سان تعاون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ان جي بدلي ۾ ڪيس بلوچستان ۽ صوبي سرحد ۾ صوبائي حڪومتون ٺاهڻ جو موقعو ڏنو ويو. بهرحال اهي (حڪومتون) رڳو ڏهه مهينا زنده رهي سگهيون. ڀٽي جلد ئي صوبائي حڪومتن کي ڊسمس ڪري ڇڏيو، پارٽيءَ تي بندش وڌي ۽ ان جي قيادت کي گرفتار ڪيو. بهرحال نعپ جي شڪست بلوچستان تي گهرا اثر ڇڏيا. ان اسان کي وڏيڪ مجبور ڪيو ته اسان هٿياربند جدوجهد کي پاڪستاني رياست خلاف سياسي جدوجهد جي مک وسيلي طور اختيار ڪريون.

ريمنڊ نوٽ: پر ان وقت تائين جڏهن ڀٽي نعپ جي منتخب صوبائي حڪومت کي برطرف ڪيو ۽ ڪنهن حد تائين ان ڪانپوءِ به توهان اتحاد کي جاري رکيو. توهان ان جي وضاحت ڪندؤ؟

مراد خان: ان وقت اسانجو اتحاد ان سوچ تي مبنيٰ هئو ته نعپ اندر موجود ڪابي ڌر جي اسانجي تحريڪ کي ويجهو اچڻ جا امڪان موجود هئا ۽ آخرڪار ان کي انقلابي جدوجهد ۾ آڻي سگهبو. 1973 ڪانپوءِ نعپ کي ڀٽو حڪومت پاران سخت سياسي دٻاءُ کي منهن ڏيڻو پيو. ان دٻاءُ نعپ جي اندر تصادم کي جنم

ڏنو. ان جو انتها پسند ڌڙو بي پي-ايل-ايف جي موقف کي وڏيڪ ويجهو آيو. نعپ جي شدت پسندن جي اڪثريت ان وقت جيل ۾ هئي. جيڪي آزاد هئا اهي بي-پي-ايل-ايف جي حمايت ڪرڻ لڳا.

ريمنڊ نوٽ: توهان نعپ يا اڄ جي پاڪستان ۾ ان جي جانشين تنظيم نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي ڪردار کي ڪيئن پيش ڪندؤ؟

مراد خان: جڏهن ڀٽي بلوچستان ۾ نعپ جي حڪومت کي برطرف ڪيو، ۽ صوبي سرحد ۾ نعپ حڪومت احتجاجاً استعفيٰ ڏني، ته بلوچ عوام ۽ بي-پي-ايل-ايف ان برطرفيءَ کي بلوچ قوم جي قومي غيرت تي حملو تصور ڪيو. 1970 وارين چونڊن پهريون دفعو بلوچ قوم کي پنهنجا نمائندا چونڊڻ جو موقعو فراهم ڪيو. بلوچ عوام نعپ کي تمام وڏي اڪثريت سان ڪامياب ڪرايو. ان چونڊيل حڪومت کي هٽائڻ تي جيڪو رد عمل (يا غصو) پيدا ٿيو تنهن جو ڪارڻ عوام جو قوم پرستانه جذبو هو. نعپ حڪومت، سندن قومي حقن لاءِ بلوچ قوم جي جدوجهد جي رکيو هڪڙي رخ جي نمائندگي تي ڪئي. انهن ٻين حڪومت جي آئيني ۽ جمهوري حيثيت بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو.

ان وچ ۾ ڀٽي جمهوري حقن جي گهر ڪندڙ بلوچ عوام (جي جدوجهد) جو جواب فوجي ڪارروائيءَ ذريعي

وحشياڻي طاقت سان ڏنو. ردعمل ۾ بلوچ عوام رياست سان ٽڪر کائڻ جو فيصلو ڪيو ۽ بلوچستان جي جنگ آزاديءَ جي شروعات ٿي. بلوچ مزاحمتي جوڳا علائقائي خود مختياري ۽ نعپ وزارت جي بحاليءَ واري پنهنجي مطالبي تي قائم رهيا. ان دوران بي-پي-ايل-ايف کي نئين طريقي سان منظم ڪيو ويو. 1972 کانوٺي ان بلوچ قومي امنگن جي قيادت سنڀالي ورتي. نعپ اڄ رد ڪيل پارٽي آهي، ڇاڪاڻ ته ان بلوچ قومي امنگن جي پوئواري ترڪ ڪري ڇڏي.

ريمنڊ نوٽ:- بلوچستان جي بحران ڏانهن پاڪستان جي ٻين ’کاٻي‘ تنظيمن جو رويو ڪهڙو رهيو آهي. يا ائين وڌيڪ وسيع مفهوم ۾ چئجي ته ’قومي سوال‘ بابت کاٻي ڌر جو انداز فڪر ڇا رهيو آهي؟

مراد خان:- پاڪستان ۾ پهريون دفعو کاٻي ڌر قومي سوال کي ڪٽي رهي آهي. ان کان اڳ ۾ سوويت يونين ۽ چين جي وچ ۾ نظرياتي اختلافن پاڪستان ۾ قوميتن جي مسئلي تي صحيح سوچ ۾ رنڊڪون پيدا ڪري ڇڏيون هيون. پيڪنگ نواز ۽ ماسڪو نواز تنظيمون ناڪاره قوت بڻجي چڪيون آهن. اسان جي آڏو انهن پراڻين ٽٽندڙ تنظيمن جي پيٽ منجهان نيون قوتون جنم وٺي رهيون آهن.

پاڪستان ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جا بنياد ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جي ٻه حصا ٿيڻ تي رکيل آهن. نام نهاد

"مسلم ڪامريڊ" جن کي ڪميونسٽ تحريڪ منظم ڪرڻ لاءِ پاڪستان موڪليو ويو هئو، تن ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان کي جنم ڏنو. انهن جو خود پاڪستان جي سماج يا عوام سان ڪو به ڳانڍاپو ڪونه هئو. اهي اهڙن اوپرن فردن جي حيثيت ۾ پاڪستان آيا جن کي پاڻ کي هڪڙي بلڪل مختلف سماج ۾ ضم ڪرڻو پيو. (جيستائين بنگلاديش جو تعلق آهي ته اتي معاملو ڪجهه مختلف هئو، ڇاڪاڻ ته اتي اڳ ۾ ئي ڪميونسٽ تحريڪ موجود هئي). هنن ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان کي انهن ئي نظرياتي رستن تي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪي هندستاني ڪميونسٽ تحريڪ جو لازمي جزو هئا. ان رجحان جو نتيجو اهو ٿيو جو پاڪستان ۾ ڪميونسٽ تحريڪ ڪڏهن به بلوغت حاصل ڪري نه سگهي. اسانجي خيال ۾ ان جو ڪارڻ پاڪستان جي رياست طور وجود ۾ اچڻ بابت چند بنيادي عنصرن جي مڪمل طور اڻپوري ڄاڻ هئي. پهرو ته پاڪستاني ڪميونسٽ گهڻو ڪري شهرن ۾ رهن ٿا (خاص ڪري ڪراچي ۽ لاهور ۾) ۽ خاص طور تي مزدور ۽ شاگرد تنظيمن ۾ ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

اسانجي راءِ ۾ اهو سمجهڻ (يا مڃڻ) نهايت ضروري آهي ته پاڪستان اقليتي قومن جي بنهڪي استحصال تي بيٺل هڪ رجعت پسند رياست آهي. هڪ مرحلي

تي ان ۾ اڪثريتي قوميت (بنگلاديشي قوم) به شامل هئي. 'قومي سوال' کي بلڪل نه مڃڻ جي نتيجي ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪم شهري مزدورن ۽ شاگردن تائين محدود رهجي ويو آهي.

محنت ڪش طبقي جي تحريڪ پاڪستان ۾ هڪ تمام ننڍڙي ۽ ڪمزور قوت جو درجو رکي ٿي. اسانجي آباديءَ جي اڪثريت ٻهراڙيءَ ۾ ٿي رهي. هن وقت ڪل آباديءَ جي پس منظر ۾ شهري پرولتاريه جو اثر نه هئڻ جي برابر آهي. اسانجي خيال ۾ پاڪستان ۾ هاري سوال هڪ تمام اهم طبقاتي تضاد کي جنم ڏئي ٿو ۽ اهو وري ان حقيقت جي زير اثر آهي ته هاري مختلف قوميتن سان تعلق رکي ٿو. پاڪستان ۾ انقلابي حڪمت عملي اها ئي ٿي سگهي ٿي جنهن جو بنياد هارين تي رکيل هجي ۽ جيڪا قومي سوال کي گڏوگڏ کڻي هلي سگهي.

بي-پي-ايل-ايف سوشلزم جو تصور پرولتاريائي نظريي کان ورتو ۽ ان کي بلوچستان جي قبائلي سماج سان لاڳو ڪيو. اسان ان نظريي جي تشريح ڪرڻ ۾ هميشه پنهنجي آزادي برقرار رکي (آهي). هندستان جي ابتڙ پاڪستان ۾ قومي سوال ملڪ جي اهم سياسي تضادن منجهان هڪ آهي. بدقسمتيءَ سان پاڪستان جي منظم ڪميونسٽ تحريڪ قومي سوال جي سلسلي ۾ منفي رول ادا ڪيو آهي. ان قومي جدوجهدن جي تمام

نازڪ موڙ تي پاڪستاني رياست سان تعاون ڪيو آهي، جيئن بنگلاديش جي بحران وقت، بنگلاديش جي موتمار (يا تباه ڪن) واقعن به پاڪستاني ڪميونسٽن جي رويي ۾ ڪنهن قسم جي تبديلي ڪانه آندي آهي. پاڪستان ۾ ڪميونسٽ تحريڪ جي ڪمزوريءَ جو واسطو بنيادي طور ان جي Ethnic جوڙجڪ سان آهي.

ڪراچيءَ جي ڪميونسٽ حلقي جو وڏو حصو Ethnic طور انهن ماڻهن تي مشتمل آهي جيڪي هندستان کان لڏي آيا ۽ جن کي 'مهاجر' ٿو سڏجي. پنجاب ۾ صورتحال ٿورڙي مختلف آهي. غالب قوميت هئڻ جي حيثيت ۾ پاڪستان ۾ قوميتن (جي مسئلي) ڏانهن انهن جي نظرياتي سوچ تي سندن شاونزم مڪمل طور ڇانيل آهي. تنهڪري ڪميونسٽ تحريڪ جي انهن پنهي ڌارن (لاڙن) قومي سوال کي نظرانداز ڪري ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته پشتونستان (NWFP) ۽ بلوچستان ۾ قومي تحريڪ ترقي پسند رخ ۾ اڳتي وڌي رهي آهي. جيستائين سنڌ جو تعلق آهي ته اتي جي (Left) کاٻي ڌر تي به تقريباً ساڳين نظرياتي لاڙن جو غلبو آهي، جهڙو باقي ملڪ ۾ اهي (کاٻي ڌر جون) پارٽيون اڪثر ڪري قومي سوال جي ڪنهن بامقصد تجزيي کان لنواڏيندڙيون رهيون آهن.

1968 کانپوءِ پاڪستان ۾ سياسي عمل مسلسل ترقي ڪري رهيو آهي جنهن صورتحال کي انقلابي تحريڪ

لاءِ نهايت موزون بڻائي ڇڏيو آهي. پر پاڪستان جي ڪميونسٽ تحريڪ هتي جي طبقاتي ۽ قومي قومن جي (پنهنجي) آزاديءَ لاءِ جدوجهد سان غداري ڪئي آهي. اسانجي خيال ۾ انهن قومن کي هڪ انقلابي ڍانچي تحت منظم ڪري سگهجي ٿو.

ريمنڊنوٽ: ڪنهن به وڏيڪ 'ڪابي' گروپ جي مخصوص موقف تي روشني وجهي پسند ڪندؤ؟

مرادخان: شروعاتي پيٽرو ماسڪو ۽ پروپيڪنگ پارٽين منجهان ٽنهنڌ گروپن جهڙوڪ مزدور ڪسان پارٽي ۽ رسول بخش پليجي جي سنڌي عوامي تحريڪ ڪافي انقلابي موقف اختيار ڪيو پر اهي پاڪستان جي مخصوص حالتن سان مطابقت پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ويون. اهي مسلسل شهرن تائين محدود رهيون ۽ سندن ڪم جو مرڪز دانشور ۽ شاگرد هئا. انهن گروپن ۾ پنهنجي طور تي انقلابي تحريڪ کي منظم ڪرڻ جي صلاحيت ڪانهي. پاڪستان بابت سندن تجزيو اڃا تائين بورزوا جمهوري انقلاب جي خيالي تصور تي ٻڌل آهي تنهنڪري توهان ڏسندؤ ته انهن سڀني گروپن جا ٻنهي ڪئمپ سان تمام ويجها تعلقات هئا. جيتوڻيڪ ماسڪو نواز ۽ پيڪنگ نواز ڌريون وچ ۾ بورزوا جمهوري انقلاب جي وصف بابت اختلاف آهي پوءِ به ٻئي ان کي ڇهتيا پيا آهن. پيڪنگ نواز ماؤزي تنگ جي نئين جمهوري انقلاب واري ٿيسز سان وفاداري تائين ڏيکارين ۽ هڪ ڊگهي جنگ جي

ڳالهه ڌا ڪن. سنڌن حلقه اثر محدود هئڻ ڪري، انهن جون روزمره جون جدوجهدون پاڪستان ۾ انقلابي (جدوجهد جي) پيشرفت جي ضرورتن کان بالڪل وانجهيل هونديون آهن. سنڌ ۾ به هنڌن تي جاگيردارانه استحصال ۽ ظلم کي ڏسندي هارين سان گڏجڻ ۾ سنڌن ناڪامي نهايت حيرت انگيز آهي. نتيجي طور پاڪستان ۾ ڪابه قابل ذڪر هاري تحريڪ نه هلي آهي.

ريمنڊنوٽ: ان صورت ۾ توهان سنڌي (سنڌ جي) هاري تحريڪ جو تعين ڪيئن ڪندؤ؟

مرادخان: هتي به هاري تحريڪ جو سمورو تصور اهڙو آهي جيڪو مشيني انداز ۾ ٻاهران مسلط ڪيو ويو. اصل ۾ اهو ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا جو ايجاد ڪيل تصور آهي.

ان جو بنياد ان خيال تي رکيل آهي ته هاري ڪميٽيون ئي هاري تنظيم جو نقطهء عروج آهي. پر پاڪستان ۾ انهن هاري ڪميٽين جو رڳو بنياد به ڪونه هو. اهي بنيادي طور ٻهراڙيءَ جي شهرن ۾ ٺاهيون وينديون، جن ۾ وڏي اڪثريت وچولي ۽ متاهين هارين جي هوندي آهي. انهن ڪميٽين بي زمين هارين جي بنيادي مسئلي کي ته هٿ ئي نه لاتو آهي. حقيقت ۾ انهن کي پاڪستان ۾ هاري تحريڪ جي تاريخ جي سمجهه ئي ڪانهي جنهن ۾ بي زمين هارين تمام اهم رول ادا ڪيو آهي.

پيو ته هاري ڪميٽيءَ جي جدوجهد بنيادي طور اصلاحي قسم جي رهي آهي- اها هڪ افسوسناڪ صورتحال آهي، پر اهو مسئلو رڳو پاڪستان تائين محدود ڪونهي، ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ۽ خاص ڪري انڊيا ۽ پاڪستان ۾ جتي برطانوي بيٺڪي راڄ تمام ڏگهو ۽ تمام گهرو هئو، هڪ اهڙو انقلابي دانشور طبقو وجود ۾ آيو جيڪو تقريباً مڪمل طور پهراڙيءَ کان ڪٽيل هئو. تعليم جو سمورو نظام ئي اهڙو آهي جنهن جي نتيجي ۾ وجود ۾ ايندڙ سوسائٽيءَ ۾ شهري ماڻهو پنهنجي ئي ملڪ جي پهراڙيءَ لاءِ عملاً ڌاريو (Poreigrer) بڻجيو وڃي، تنهنڪري توهان کي ڪميونسٽ تحريڪ پاڪستان جي پهراڙين جي سلسلي ۾ ناقابل يقين حد تائين لاپرواهه نظر ايندي. ۽ ان مان اسان کي معلوم ٿئي ٿو ته ڇو بلوچ قومي تحريڪ کي ائين غلط نموني سمجهيو ويو آهي. سندن خيال ۾ بلوچستان ڪا ڏورانهين ڪالوني رهيو آهي جتي پاڪستاني فوج وقت بوقت ڪارروائي ڪندي ٿي رهي. جيڪڏهن هنن کي بلوچستان جي باري ۾ ڪا ڄاڻ آهي ته اها نيشنل عوامي پارٽي ۽ ان جي سياست تائين محدود آهي. پاڪستاني ڪميونسٽن يارن بلوچستان جو هڪ تجزيو مرتب ڪرڻ جون ڪجهه ڪوششون مڪمل طور غلط ثابت ٿيون آهن. انهن تجزيي جا اهڙا طريقا اختيار ڪيا آهن جن جو بنياد هاري سماج تي هوندو آهي ۽ انهن کي بلوچستان جهڙي

خانہبدوش (قبائلي) سماج سان لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ننڍي کنڊ جي ڪميونسٽ تحريڪ اندر موجود عام مسئلن منجهان هڪڙو (ڪلچر) جي اهميت کي گهٽائي پيش ڪرڻ وارو رجحان به آهي. ان (ڪميونسٽ تحريڪ) ڪڏهن به اسانجي سماجن ۾ ڪلچر جي رول جو هڪ گهرو تجزيو نہ ڪيو آهي. اسان سمجهون ٿا تہ اسانجي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ ثقافت جو هڪ نهايت طاقتور رول آهي. ڪميونسٽ تحريڪ مذهب جي تصور کي پڻ غلط نموني سمجهيو آهي. هنن اهو طئي ڪري ڇڏيو آهي تہ پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ سوشلزم جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ اسلام آهي. جيئن تہ ڪميونسٽ تحريڪ جي مارڪسزم جي مطالعي جو بنياد مغربي تعليمات آهن تنهنڪري اها اسلام ۽ ڪلچر جي مجموعي رول بابت ڪو ٺوس تجزيو پيش نہ ڪري سگهي آهي. اسلام جي بلڪل خيالي تصوير پيش ڪن ٿا ۽ سندن خيال ۾ اهڙي انقلاب جي رستي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي. ڪميونسٽ تحريڪ بلوچستان ۾ انقلابي تبديليءَ بابت سوچيوئي ناهي ڇو تہ سندن خيال ۾ اسلام ۽ قبائليت ناقابل تسخير رڪاوٽون آهن.

خود پنهنجي ثقافتن سان ڳنڍجڻ ۾ هنن جي نااهلي خطرناڪ حد تائين وڌيل آهي. سامراجي ۽ بيٺڪي ثقافت جي زير اثر شهري سماج ۾ موجود پيٽي بورزوا ماحول

هڪ اهڙي ڪردار کي جنم ڏنو آهي جيڪو سنڌ جي عوام جي حوالي سان اڻپورو آهي. هو اسانجي سماج بابت ڪا مثبت کوجنا ڪرڻ لاءِ تيار ڪين ناهن. منهنجي خيال ۾ بي-پي-ايل-ايف جي ڪاميابين جي بنيادي اهم قوت عوام جو احترام ڪرڻ واري ان جي صلاحيت آهي. اسانجي ڪارڪنن وڏائي ۽ هٺ کي بلڪل ختم ڪري، ان جي بجاءِ پاڻ ۾ رواداريءَ جو جذبو پيدا ڪيو آهي. اسانجي حڪمت عملي اها آهي ته قبائلي سماج جي موجوده ادارن کي منفي لاڙن کي تباهه ڪرڻ ۽ انهن جي جاءِ تي هڪ تخليقي جذبو پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪريون. پاڪستاني رياست خلاف وڙهڻ وقت اسان پنهنجي سماج جي مثبت پهلوئن جو دفاع ڪريون ٿا.

اسانجي خيال ۾ پاڪستان جي ڪميونسٽ تحريڪ جي سڀ کان بنيادي ڪمزوري ان جو شهري ڪردار آهي. ان ڪمزوريءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ انهن کي هڪ اهڙي ثقافت ۽ زبان اختيار ڪرڻي پوندي جيڪا اڄ ڏينهن تائين انهن منجهان گهڻن جي لاءِ بلڪل اوپري رهي آهي. اهو قومي سوال سان سنڌن پهريون ٽڪراءُ هوندو. انهن کي هتي جي موجود حالتن جي حقيقت کي تسليم ڪرڻو پوندو ۽ اسلام جي رڪاوٽ وارو عذر ڇڏڻو پوندو. تڏهن ئي هو انقلابي نظريي جي صحيح خدمت ڪري سگهندا باقي رڳو ماڻو يا لينن جا قول دهرائڻ سان ڪجهه ڪونه ٿيندو.

اسانجا ”ترقي پسند“ پاڻکي سياسي طور زندهہ رکڻ لاءِ مسلسل اهڙين شخصيتن جي پٺيان لڳندا رهيا آهن جن بلڪل تصوراتي انداز ۾ سامراج جي مسئلي تي هڪ اڌ رعايت ڏيڻ تي آمادگي ڏيکاري آهي، پوءِ اهو ڪٿي ڀٽو هجي يا ولي خان. انڪري اڄ ڀٽي کان بغير ڀٽو (حامي) قوتن کي موجوده فوجي آمريت جي واحد متبادل طور پيش ڪيو ٿو وڃي. اها اسانجي ڪميونسٽ تحريڪ جي ڪنگالپڻي جي علامت آهي.

ريڊنوٽ: توهانجي جدوجهد جي نمايان خصوصيت ڪهڙي آهي؟

مرادخان: بي-پي-ايل-ايف جو طريقہ ڪار ٻين قومي آزاديءَ جي تحريڪن کان مختلف آهي. اسان وٽ روزمره جي معاملن کي هلائڻ لاءِ ڪي بہ نامنهاد نظرياتي اسڪول يا نظرياتي نعرا ڪونهن. اسان پاڻکي ڪنهن روايتي قومي آزاديءَ جي تحريڪ يا ڪنهن انقلابي تحريڪ جو عڪس نہ ٺاهيو آهي. بي-پي-ايل-ايف بلوچستان جي اندران ۽ ٻاهران بلڪل مختلف سماجي ماحول سان واسطو رکندڙ ماڻهن کي گڏ ڪيو آهي جيڪي نهايت جمهوري انداز ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

اسانجي قبائلي سماج ۾ روايت جو عنصر تمام اهم آهي. جيئن توهان ڄاڻو ٿا بلوچي ڪا لکيل زبان بہ ڪانهي تنهنڪري اسانکي پنهنجي زباني روايتن جو سهارو وٺڻو ٿو پوي. اسانجي قبائلي ڍانچي ۾ توهانکي

ذات سسٽم تي ٻڌل هڪ (Vertical) عمودي قسم جي تنظيم نظر ايندي جنهن ۾ ڪيئي سماجي صف بنديون نمايان آهن. Horizontal (آڏي) ميدان ۾ تمام گهڻن مسئلن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي، بلوچي قبيلو پنهنجي طور تي هڪڙي رياست آهي ۽ هر هڪ قبيلو پنهنجي پنهنجي رياست اندر رهي ٿو. هر هڪ قبيلي وٽ پنهنجو هڪ سماجي ضابطو آهي جيڪو سندن روايتن تي ٻڌل آهي ۽ جيڪو هڪ اڻ لکيل قانون جو ڪم ٿو ڏئي، ان سماج ۾ هڪ فرد جي وجود جو تعين (ان) سماجي ضابطي بابت سندس ڄاڻ جي حوالي سان ٿئي ٿو. تنهن ڪري اسان جي قبائلي سماجن ۾ جمهوريت جو جذبو تمام ترقي يافته آهي. اسانجي ماڻهن ۾ هر انهيءَ شيءِ جي مزاحمت ڪرڻ جي اهليت آهي جيڪا انهن لاءِ ڏاري ۽ ناانصافي واري آهي.

اسان جي تحريڪ پکڙيائين ان مسئلي کي منهن ڏنو آهي ته ماڻهن کي سندن اصلي حالت ۾ هٿ ڪيو وڃي ۽ پوءِ انهن جي تربيت ڪئي وڃي. تنهن ڪري ڪاغذ تي ۽ روايتي سوچ مطابق ته اسان تمام گهٽ اڳتي وڌيا آهيون پر جيڪڏهن هڪ مختلف نقطہ نگاهه کان ڏٺو وڃي ته اسان تحريڪ جي آئنده واڌاري لاءِ هڪ زبردست عوامي سماجي بنياد قائم ڪري ڇڏيو آهي. آءٌ توهان کي هڪڙو مثال ڏيندس. اوهان ۾ اوهان جي آزاديءَ واري عوامي محاذ (P F L C) هڪ مرحلي

تي رياستي اقتدار تي قبضو نہ پري رهيو، انتي جي عوام ۾ پنهنجا بنياد مضبوط ڪرڻ ڪان اڳي ئي مرد ۽ عورت ۾ مڪمل برابري آڻڻ جو اعلان ڪيو نتيجو اهو ٿيو تہ پهريون مرحلو ملنديئي دشمن انهن کي شڪست ڏئي ويو ۽ سندن سچو سماجي بنياد ٺهي پيو. ٿيو ائين تہ هڪ ڳڙيل مقصد لاءِ ماڻهن کي متحرڪ ۽ منظم ڪرڻ جو اصول ئي سندن پوري تحريڪ جو سڀ کان متنازع مسئلو بڻجي پيو. ماڻهن (تنظيم کي) ڇڏڻ ۽ فوج جي دٻاءُ اڳيان جهڪڻ شروع ڪيو. انهن وٽ ائين ڪرڻ جا واضح سبب هئا. پي-ايف-ايل-او هڪ وقت تہ طلاق جو قانون بہ نافذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهڙي روايت پسند سماج ۾ ان قسم جي وقت کان اڳ انقلابيت، جيڪا سوويت يونين ۾ سوشلسٽ انقلاب جي بعد جي مرحلن ۾ اختيار ڪئي ويئي، تباهه ڪن ثابت ٿي. اسان هڪ اهڙو رستو اختيار ڪيو آهي جنهن ۾ اسان روايتي مارڪسسٽ قانونن جا اعلان ڪونہ ٿا ڪريون. اسان يقيناً اهڙي قسم جي مهلڪ مرحلن منجهان لنگهڻ نٿا چاهيون.

ريمنڊ نوٽ: آءٌ چاهيندس تہ توهان انهن غلطين تي ڪجهہ روشني وجهو جيڪي توهانجي خيال ۾ بنگلاديش جي آزاديءَ کان اڳ ۾ مشرقي پاڪستان ۾ Left (کاٻي ڌر) کان سرزد ٿيون. خاص ڪري 'قومي سوال' ۽ زمين جي مسئلي بابت سندن موقف تي توهان ڳالهائيندؤ؟

مراد خان: اسانجي خيال ۾ مشرقي پاڪستان سان (بنگالي) لفظ جي مڪمل معنيٰ ۽ مفهوم ۾ بينڪ وارو ورتاءُ ڪيو ويو هئو. پر مشرقي پاڪستان جو زميندار طبقو جنهن پاڪستان جي فوجي نوڪرشاهيءَ جو ساٿ ڏنو سو (انهن جي) اهم معادن جي اهڙي نموني نگهداشت ڪرڻ لاءِ تمام ننڍڙو ۽ ناڪافي هئو. جهڙي نموني مغربي پاڪستان جو جاگيردار طبقو ڪري رهيو هئو. آءٌ صحيح معنيٰ ۾ مشرقي پاڪستان ۾ زمين جي مسئلي تي تفصيل سان ڳالهائڻ جو پڪي اهل نه سمجهان. پر مونکي ايترو ياد آهي ته منهنجي بنگلاديش جي دوري دوران اهو انهن جي مارڪسي ليننسي ڪامريڊن لاءِ هڪ اهم سوال بڻيل هئو. بحث جو مرڪز اهو هئو ته آيا مشرقي بينگال جي رياست کي جاگيردارانه قرار ڏنو وڃي يا سرمايه دارانه. منهنجي خيال ۾ مشرقي پاڪستان جي نيم جاگيرداريءَ واري مارڪسي وصف ۾ جان ڪانه هئي. ان نظريي سان سندن وفاداري اصل ۾ چيني لائين جي عقيدت مندانه استعمال جو نتيجو هئي ۽ مشرقي پاڪستان جي حالتن سان ان جوڳهٽ واسطو هئو. تجربي ثابت ڪيو آهي ته مسئلو اهو آهي. سندن ٿيوريز جي ڪابه اهميت ڪانهي جيڪا (ڳالهه) ان حقيقت مان واضح آهي ته طبقاتي اتحاد بابت سندن تصور تباهه ڪن ثابت ٿيو آهي.

ريمنڊ نوٽ طبقاتي اتحاد بابت سندن نظر يو

ڪهڙو هئو؟

مزاد خان: ان جو بنياد ان تصور تي رکيل هئو ته نه رڳو مشرقي پاڪستان پر پوري پاڪستان هڪ نيم جاگيردار سوسائٽي هئو، هنن طبقاتي اتحاد بابت نه رڳو بنگلاديش (مشرقي پاڪستان) پر پوري پاڪستان جي پس منظر ۾ تي سوچيو، تنهنڪري هو بنگلاديش جي قومي جدوجهد کان مڪمل طور لاپرواهه رهيا. هنن نئي سمجهيو ته طبقاتي اتحاد خود بنگلاديش اندر به قدم تي سگهي ٿو. سندن انقلاب جو نظريو هڪ آل پاڪستان سطح جي انقلاب تي ٻڌل هئو جنهن کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ هنن نيم جاگيرداريءَ جي تصور کي مغربي پاڪستان جي سلسلي ۾ پڻ لاڳو ڪيو. پيڪنگ سان مائوئسٽ وفاداريءَ سبب ۽ پيڪنگ جي پاڪستان جي فوجي نوڪرشاهيءَ لاءِ حمايت سبب پاڪستاني مائوئسٽن مشرقي پاڪستان ۾ هڪ تمام غير انقلابي ۽ غدارانه ڪردار ادا ڪيو آهي.

ريمنڊ نوٽ: آءٌ انهن مان ڪجهه نظرياتي سوال ورڻي ڪٿندس جن تي پاڻ اڳ ۾ ڳالهائي آيا آهيون. توهان چيو ته قومي رياست جو سوال جهڙي نموني مارڪس ۽ لينن جي وقت ڪانوني اڄ ڏينهن تائين پيش ڪيو. تو وچي، اڄ ان جي ترتيب ۾ ٽين دنيا جي جديد بيٺڪي صورتحال کي مد نظر رکڻ کپي. آءٌ چاهيندس ته توهان، 'قومي سوال' کي اڄ ڏينهن تائين ڪيئن پيش ڪيو

ويو آهي ان بابت پنهنجي راءِ ڏيو ۽ پڻ ته ڏيڻ دنيا جي موجوده صورتحال جي روشنيءَ ۾ بي-پي-ايل-ايف ان جي نئين سر ترتيب لاءِ ڪهڙيون تجويزون پيش ڪري سگهي ٿو؟

مراد خان: اسانجي رويي جو تعين ڪندڙ سڀ کان پهرين ۽ اهم اها حقيقت آهي ته پاڪستان جي سلسلي ۾ پاڪستاني ڪميونسٽ تحريڪ 'قومي سوال' بابت پراڻي ليننی نظريي کي ڌڪي رد ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستاني ڪميونسٽ تحريڪ پنهنجي وجود لاءِ پاڪستاني رياست جي وجود جي ٿورائتي آهي ڇاڪاڻ ته اها هندستاني ڪميونسٽ پارٽيءَ کي ٻه حصا ڪرڻ جي نتيجي ۾ ٿي. نئين حڪومت کي منهن ڏيڻ لاءِ مسلم ڪامريڊن کي سرحد پار موڪليو ويو. ڪميونسٽ تحريڪ طرفان پاڪستاني رياست جي نظرياتي ترتيب کي تسليم ڪرڻ جو مطلب اهو هئو ته قومن بابت ۽ مظلوم قومن جي قومي خود اختياريءَ جي حق بابت ليننی اصول کي رد ڪيو ويو. ان ڪري بلوچستان جي سلسلي ۾ نظرياتي ميدان تي اسانکي نهايت سنگين مسئلي کي منهن ڏيڻو پيو. سڀ کان پهريائين ته اسان کي خود اهو تسليم ڪرائڻو هئو ته ليننی اصول اڄا ڪارگر هئو. پاڪستاني ڪميونسٽن ورهاڱي کي برطانوي سامراج پاران سندن بينڪي مقصدن کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش بجاءِ هڪ اهڙي تاريخي عمل طور تسليم ڪيو

جنهن هڪ بلڪل نئين 'مسلم رياست' کي جنم ڏنو، هن مسلم قوم جي وجود کي تسليم ڪيو ۽ اهڙيءَ ريت ان جي پٺيان محرڪ نظريي 'نظريہ پاڪستان' کي پڻ.

ريمنڊ نوٽ: ان جو مطلب تہ نظرياتي ميدان ۾ توهانجو مقصد پاڪستان جي ترقي پسند تحريڪ اندر ليننی اصول ۽ وصف کي تسليم ڪرائڻو هو؟

مراد خان: ها، پر اسانجو مقصد رڳو قوم جي ليننی تعريف تائين محدود ڪونہ هئو، ليننی اصول اسان لاءِ رڳو تيستائين ڪارگر هئو جيستائين آن اِن مسئلي کي منظر تي آندو ٿي تہ پاڪستان ۾ هڪ کان وڌيڪ قوميتون رهن ٿيون. پاڪستان ۾ هڪ کان وڌيڪ قوميتن جو خيال ئي خود رياست مخالف جدوجهد جو حصو هئو. اهو قوميت بابت رياست جي ان تصور سان سنئون سڌو ٽڪراءُ ۾ هئو جنهن جو بنياد مڪمل طور اسلام تي ۽ صرف هڪ قوم پاڪستاني قوم جي تصور تي رکيل هئو.

اسان ان نظرياتي تحريڪ جو حصو هئاسين جنهن پاڪستان کي هڪ اهڙي تاريخي حقيقت طور تسليم ڪرائڻ ٿي چاهيو جيڪا انگريز سامراج جي برصغير خالي ڪرائڻ جي نتيجي ۾ وجود ۾ آئي. ساڳئي وقت اسانکي ان حقيقت کي سمجهڻو هئو تہ اها قوم يعني اها نئين رياست ڪا 'هڪ قومي رياست' ڪانہ هئي.

اسانجي خيال ۾ اها هڪ گهڻ قومي رياست آهي. ڪميونسٽ تحريڪ کي ان نئين رياست جي تضادن کي ان حقيقت جي پس منظر ۾ سمجهڻ گهرندو هئو ته ان ۾ هڪ کان وڌيڪ قوميتون هيون. ان سان شايد اهو به واضح ٿئي ته نيشنل عوامي پارٽيءَ سان اتحاد جو ڪارڻ ڪهڙو هئو ڇاڪاڻ ته پارليماني سطح تي نعپ پهرين سياسي جماعت هئي جنهن پاڪستان ۾ هڪ کان وڌيڪ قومين جي اصول جي حمايت ڪئي.

ريمنڊ نوٽ:- توهانجي خيال ۾ ڪلاسڪ ليننسٽ ترتيب ۾ ڪهڙي شيء جي کوٽ آهي؟

مراد خان:- سڀ کان پهريائين آءٌ هڪ وڏي فرق کي واضح ڪرڻ چاهيندس. اسانکي مظلوم قومن ۽ قوميتن جي حق خوداختياريءَ بابت لينن جي پيش ڪيل نظريي سان ڪوبه اختلاف ڪونهي. حقيقت ۾، جيئن مون اڳ ۾ چيو، اسان پاڪستان اندر ڪيترن نام نهاد ترقي پسند حلقن ۾ ان اصول کي تسليم ڪرائڻ لاء هڪ ڏکي ۽ سخت جدوجهد ڪئي آهي. افسوسناڪ ڳالهه اها آهي جنهن نموني سان لينن جي وفات کان پوء پاڻ کي 'ليننسٽ' يا سوشلسٽ چوائيندڙ ڪيترين پارٽين ۽ رياستن 'قومي سوال' بابت سندس موقف کي استعمال ڪيو آهي. پهرين ڳالهه ته جنهن نموني سان سوشلسٽ رياستن ان کي لاڳو ڪيو آهي ان سان ليني نظريو

هڪ اهڙو اصول بڻجي ويو آهي جيڪو زوريءَ مڙهيو وڃي. اهو رڳو انهن قومن سان لاڳو ڪيو ٿو وڃي جتي قومي جدوجهد سنئون سڌو عالمي سوشلزم کي مدد ڏئي ٿي. اهو مڙهيل ان ڪري آهي ته عالمي سوشلزم جي رکوالي جو حق ڪنهن کي آهي؟ اهڙيءَ ريت ليِنن جي موت کان وٺي اڄ ڏينهن تائين قومي حق, خود اختياريءَ بابت ليِنني اصول کي مختلف سوشلسٽ بلاڪن هميشه پنهنجي پنهنجي قومي مفادن لاءِ استعمال ڪيو آهي. انهن عالمي سوشلزم جي حوالي سان ڪنهن تحريڪ کي نيشلسٽ قرار ڏيڻ يا نه ڏيڻ جو اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکيو آهي.

اسانجي خيال ۾ قومي خود اختياريءَ جو حق هڪ اهڙو ناقابل منتقلي حق آهي جيڪو سمورين قومن سان لاڳو ٿيڻ کپي قطع نظر ان جي ته مظلوم قوميت جي سياسي جدوجهد جي جوڙجڪ ڪهڙي آهي. اسان سمجهون ٿا ته هرهڪ مظلوم ۽ وڙهندڙ قوم جي سياسي جدوجهد جي هيئت جو تعين خود اتان جي سماجن جي مدِنظر ٿيندو. جيڪڏهن ڪن سماجن جي قومي جدوجهدن جي لاڙن منجهان اهو (محسوس يا) ظاهر ٿئي ته انهن کي اهڙا سماجي يا اقتصادي گروه ڪنٽرول ڪن ٿا جيڪي سڌو سنئون سوشلسٽ مقصد کي فائدو نٿا پهچائن اها پنهنجي طور تي ڪا ڪسوٽي ناهي جنهن جي بنياد تي ان قوم کان سندس خود اختياريءَ جو حق کسيو

وڃي. ان مرحلي تي پهچي اسان محسوس ٿا ڪريون ته لينن جي اصول جو جديد استعمال ان ناقابلِ منتقلي حق جو اطمينان بخش (جواب) حل ناهي.

قومي خود اختياريءَ جو سمورو معاملو، جهڙي نموني لينن ان کي پيش ڪيو، ان وقت پيدا ٿيو جڏهن بيئنڪيٽ دشمن جدوجهد سڀ کان اهم هٿيار هئي جنهن کي سوويت يونين جي سوشلسٽ انقلاب ٽين دنيا جي سوال جي سلسلي ۾ استعمال ڪيو- ان انهن علائقن ۾ قومي خود اختياريءَ جي حق جي حمايت ڪئي جن تي پراڻن بيئنڪي طاقتن جو سڌو ڪنٽرول هئو. ان مان اسانجي لاءِ بلوچستان (جي صورتحال) جي باري ۾ اشارا ملن ٿا. اسانجي راءِ ۾ بلوچستان ۾ پاڪستان جي جي حيثيت نئين بيئنڪي طاقت واري آهي پر لينن جي پڌايل سامراج بابت عالمي اصول مطابق ان (پاڪستان) جي ان حيثيت کي ڏٺو مڃيو وڃي، ۽ اهڙيءَ ريت بلوچستان جي سلسلي ۾ قومي سوال جي مسئلي کي وڌيڪ منجهايو ٿو وڃي.

ريمنڊ نوٽ: ته پوءِ اهڙي دور ۾، جڏهن ٽين دنيا جا اڪثر ملڪن رسمي آزادي حاصل ڪري ورتي آهي، قومي سوال کي ڪيئن پيش ڪرڻ کپي؟

مراد خان: "بيئنڪيٽ جي رسمي طور ٽٽڻ واري عمل جي نتيجي ۾ ڪيتريون نام نهاد آزاد رياستون وجود ۾ آيون آهن. هاڻي جيڪڏهن انهن رياستن اندر عملي

(معروضي) طور مظلوم قومون موجود آهن ته اسان جي خيال ۾ انهن کي خود اختياريءَ جو اظهار ڪرڻ جو پورو حق آهي. سامراج جي ٽڏا ويڙهه جي نتيجي ۾ نين رياستن جي وجود ۾ اچڻ سان انهن قومن جو حق، خود اختياري لازمي طور (پاڻمرادو) ختم نه ٿو ٿي وڃي. جيستائين قومي خود اختياريءَ جي حق جو تعلق آهي ته رياست ذهڻ جي عمل سان ان تي ڪو اثر (فرق) نه ٿو پوي جتي به انهن نين رياستن جي سرحدن اندر مظلوم قوميتون رهن ٿيون، قومي خود اختياريءَ جو حق هڪ ناقابل منتقلي حق جي حيثيت رکي ٿو. ان کان علاوه انهن نين رياستن اندر قومي مسئلي جي سياسي حل جو دارومدار لازمي طور انهن رياستن جي هيئت ۽ انهن منجهان هرهڪ اندر موجود تضادن تي ٽڪي ٿو. جنهن دور ۾ اسان رهون ٿا، ان ۾ انهن نين رياستن کي درپيش سمورن تضادن منجهان سڀ کان وڏيڪ اهم خاص ۽ محرڪ قوت سامراج دشمني ٿي آهي. انقلاب جي تسلسل کي انهن منجهان هرهڪ رياست اندر موجود معروضي تضاد ٿي متعين ڪندا. جيڪڏهن هڪ ٿي وقت انهن رياستن ۾ طبقاتي ۽ قومي تضاد موجود هجي ته پوءِ اهو انهن ملڪن جي انقلابي تحريڪ جو ڪم آهي ته خاص تضاد جو تعين ڪن ۽ انهن تضادن کي حل ڪرڻ لاءِ ان جدوجهد جي حوالي سان انهن جي سياسي رخ جو پڻ جتي قومي تضاد موجود آهي ته

اهو اسانجي خيال ۾ طبقاتي تضاد جو هڪ حصو آهي ۽ ان کي طبقاتي تضاد جي پيٺ ۾ اوليت هجي ٿي. ڏنهنڪري لازمي آهي ته اهڙن علائقن ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي اوسر ٿيندي. خود اختياريءَ جو حق، جيڪڏهن ان کي طبقاتي جدوجهد سان ملايو وڃي، پوءِ ته اهو مظلوم قوميت کان ان جو آزاديءَ جو حق نٿو کسي.

ريمنڊنوٽ: پر پاڪستان جي سلسلي ۾ ته بي-پي-ايل-ايف بحيثيت هڪ تحريڪ، آزاديءَ جو مطالبو ڪونه ٿي ڪري. پوءِ پاڪستاني رياست خلاف جدوجهد ۽ بلوچستان ۾ خود اختياريءَ لاءِ معروضي ضرورتون ڪيئن پيدا ٿينديون؟

مرادخان: اسان بلوچستان لبريشن فرنٽ وارن رضاڪارانه طور پنهنجو قومي خوداختياريءَ جو حق استعمال نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اهو هڪ آزادانه فيصلو آهي. پر ضروري ناهي ته اها ڳالهه ٻين هنڌن سان به لاڳو هجي ۽ ان جو اهو به لازمي مطلب ڪونهي ته ڪو انسان کي اهو اختيار ئي ڪونهي. بحيثيت هڪ حق جي اهو بدستور هڪ ناقابل منتقلي حق آهي. اسان رڳو ايترو ڪيو آهي ته هڪ طرف پنهنجي قومي جدوجهد آهي بلوچستان جي طبقاتي جدوجهد سان ملائڻ ته ٻئي پاسي پنهنجي قومي جدوجهد کي پاڪستان جي ٻين مظلوم قوميتن جي جدوجهد سان ملائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جيئن ته پاڪستان ۾ طبقاتي ۽ قومي، ٻئي تضاد پاڪستاني

رياست جي مخالفت ۾ آهن ۽ اسان جي جدوجهد بنيادي طور پاڪستاني رياست جي خلاف آهي، اسان سمجهون ٿا ته (پنهي جي) مفادن ۾ هڪجهڙائي آهي ۽ اهو ته هڪ گڏيل انقلابي ڍانچي تحت مظلوم قومين ۽ مظلوم طبقن کي گڏڻ لاءِ هڪڙي وسيع يونائيٽيڊ فرنٽ لاءِ معروضي حالتون موجود آهن. وسيع انقلابي مقصد جي حصول خاطر عارضي طور اسان پنهنجي آزاديءَ تان هٿ کنيو آهي.

ريمنڊ نوٽ: بهرحال اهو هڪ عارضي دستبرداري کان وڌيڪ ڪجهه آهي. ڇا اها سڄي علائقي ۾ مڪمل قومي حقن ۽ آزاديءَ جي حصول جي حڪمت عملي جي سوچ نه آهي؟

مرادخان: ها توهان درست ٿا چئو ڇاڪاڻ ته اسانجو مسئلو علائقي جي عمومي انقلابي تحريڪ جو مسئلو آهي اسان اڄ امريڪي سامراج سان سڌو ٽڪر ۾ آهيون. اسانجي راءِ ۾ پاڪستاني رياست امريڪا جي هڪ حليف رياست ۽ ان جي علائقائي مفادن جي مڪمل نموني تابع آهي. اسان ان حقيقت کي ميڄون ٿا. سامراج دشمن جدوجهد جي سلسلي ۾ اسان اهو ضروري ٿا سمجهون ته بلوچ قومي آزادي جي تحريڪ کي پوري علائقي ۾ سامراج جي خلاف جيترو ٿي سگهي اوترو وسيع يونائيٽيڊ فرنٽ ٺاهڻ گهرجي. ان مان خاص مراد اها آهي ته پاڪستان ۾ يونائيٽيڊ فرنٽ کي تمام ڪشادو ٿيڻو پوندو. آخر انقلاب آهي ڇا؟ مخصوص وقت ۾ نوس حالتن جي

ٻوس تجزيي جو نالو انقلاب آهي. اسانجون ٻوس حالتون ڪهڙيون آهن؟ اسان هڪ اهڙي صورتحال ۾ گهيريل آهيون جتي هڪ اهڙي رياست اسانجو استحصال ڪري رهي آهي جيڪا پنهنجي جوڙجڪ ۾ بلڪل مصنوعي آهي، جنهنجو نظريو مڪمل طور رجعت پسندانه آهي ۽ جيڪا پاڪستان جي حدن اندر مظلوم طبقن ۽ مظلوم قومن جي تضاد ۾ آهي. تنهنڪري اها ڳالهه اسانجي- انقلابي مفاد وٽان آهي ته انهن سڀني قوتن سان اتحاد ڪريون جيڪي ان رياست سان تضاد ۾ آهن. جيڪڏهن ٻين انقلابي قوتن سان اتحاد جي خاطر اسان کي آزاديءَ جي پاليسي قربان ڪرڻي پوي ته اسان ان لاءِ تيار آهيون چاڪاڻ ته بلوچ انقلاب بابت اسانجي سوچ اها آهي ته انقلاب جو مقصد آزادي نه پر موجوده سماجي ۽ اقتصادي سرشتي جي مڪمل تبديلي آهي. پاڪستان جون (سڀئي) مظلوم قوميتون ساڳئي ئي سرشتي جو شڪار آهن. سنڌ، پشتونستان ۽ بلوچستان جون بيٺڪون (Colonies) ساڳئي ئي مقصد ذريعي ڳنڍيل آهن. تنهن ڪري ڪوبه جواز ناهي ته اسان پاڙي ملڪ جي ٻين انقلابي قوتن کان ڪٽي ڇڏيون. ائين ڪرڻ بيوقوفي ٿيندي. ان کان علاوه آزاديءَ جو تصور، جيڪڏهن ان کي موجوده سماجن جي مڪمل سماجي ۽ اقتصادي تبديليءَ سان ڳنڍيو وڃي ته رڳو هڪ مڪمل انقلاب ذريعي ئي حقيقت جو روپ وٺي سگهي ٿو، جيڪڏهن

بلوچستان ۾ مڪمل انقلاب اچي ٿو ته اهو بلوچستان جي موجوده ڍانچي جي خلاف ۽ ان سان گڏوگڏ مجموعي طور پاڪستان جي موجوده سماجي ۽ اقتصادي حالتن جي خلاف هڪ مڪمل انقلاب هوندو. اڻين نٿو ٿي سگهي ته آزاد بلوچستان سان گڏوگڏ پاڪستاني رياست به زنده رهي.

جيڪڏهن اسان پنهنجي مسئلي کي سامراج دشمن پس منظر ۾ پوري علائقي جي مسئلي جو حصو سمجهون ٿا ته پوءِ اهو اسانجي پنهنجي مفاد ۾ نه ٿيندو ته اسان آزاديءَ لاءِ وڙهون. اسان هڪ اهڙي آزاديءَ لاءِ وڙهنداسين جيڪا حاصل ٿيڻ شرط اسان کان کسجي ويندي. تڏهن به اهو واضح ٿيڻ کپي ته بحيثيت قومي آزاديءَ جي تحريڪ اسان پنهنجي سياسي آزادي محفوظ رکي آهي. اسان پنهنجي تنظيمي آزادي محفوظ رکي آهي ۽ اهڙيءَ طرح اسان پنهنجو آزاديءَ جو حق محفوظ رکون ٿا، جيڪڏهن ڪنهن به وقت ان جي ضرورت محسوس ٿي (ته اسان اهو استعمال ڪنداسين).

بهرحال ڪيترا طويل المدت فوجي، سياسي ۽ اقتصادي حڪمت عملين جا نقطا آهن جن تي سوچڻو پوي ٿو. اسان ڪ ڙي قسم جي انقلاب لاءِ وڙهي رهيا آهيون؟ اسان ڪهڙي قسم جي سماجي ۽ اقتصادي تبديليءَ ۾ رڌل آهيون. انقلاب بابت اسانجو نظريو وڏي حد تائين سماجي ۽ اقتصادي تبديليءَ بابت مارڪسي سمجهاڻين

تي ٻڌل آهي. پاڪستاني رياست هڪ جاگيردارانه، سرمايه دارانه رياست آهي جيڪا بين الاقوامي سامراج سان مڪمل طور ڳنڍيل آهي. تنهن ڪري لازمي طور اسان کي ان رياست کي تباهه ڪرڻ کپي. رهيو فوجي ميدان ۾ ٿي (ڊسجي ته) بلوچستان جي آزادي تيستائين ناممڪن نظر ٿي اچي جيستائين پاڪستان جا فوجي ادارا مڪمل طور تباهه نٿا ٿين. فوجي ميدان ۾ طاقت جو توازن اسان جي خلاف آهي. تنهن ڪري اسان جيڪڏهن گوريلا تحريڪ (شروع ڪرڻ) جي حمايت ڪريون ٿا ته اسانکي ڊگهي عوامي جنگ جي حڪمت عملي اختيار ڪرڻي پوندي. ان حقيقت کان انڪار ناهي ته ڊگهي عوامي جنگ انقلابي تحريڪ لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪري ۽ طاقت جي توازن ۾ بنيادي تبديلي آڻي سگهجي ٿي. پر اهڙي تبديلي آڻڻ لاءِ جيڪا قرباني عزم ۽ جدوجهد گهربل آهي، ان کي مدنظر رکندي ۽ وقت جي عنصر کي مدنظر رکندي، اها مذاق ٿيندي، جيڪڏهن اسان ان تبديليءَ کي آڻڻ لاءِ گهربل وسيلن ۽ هٿيارن جهڙوڪ پاڪستان جي ٻين مظلوم قوميتن ۽ طبقن جي سات کان سواءِ پنهنجي طور تي ان (تبديليءَ) کي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن بلوچ انقلاب

هڪ انقلابي تحريڪ نہ هجي ها ان معنيٰ ۾ تہ اهو هڪ سامراج دشمن تحريڪ نہ هجي ها، جيڪڏهن اهو رڳو هڪ نيشنل شاونسٽ تحريڪ هجي، بنيادي سماجي اقتصادي تبديليءَ جي پروگرام کان سواءِ رڳو هڪ آزاد بلوچ رياست جي مقصد واري، تہ اهو مقصد بہ پاڪستاني فوج جي شڪست کان سواءِ حاصل ٿيڻ ناممڪن آهي.

مثال طور بلوچستان جي معاملي ۾ اسان ان امڪان کي رد نٿا ڪريون تہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪن حالتن ۾ بلوچ قومي جدوجهد سامراج نواز علائقائي اسڪيم جي مددگار ثابت ٿئي. بنگلاديش ان جو هڪ بهترين مثال آهي جتي ڪميونسٽ تحريڪ مڪمل طور قومي آزادي جي تحريڪ جي مخالفت ڪئي. اها مخالفت بهرحال بنگلاديش ۾ قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي واڏاري کي تہ روڪي نہ سگهي ڇاڪاڻ تہ سماجي ترقيءَ جي قانون مطابق اها هڪ اڻٽر ڳالهہ هئي. البتہ ان بنگلاديش جي بورزوا ۽ سيٺي بورزوا قيادت کي قومي آزاديءَ جي جدوجهد تي مڪمل ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ضرور ڪيو. هتي ڏوهانجهي آڏو هڪ اهڙو مثال آهي جتي ترقي پسند تحريڪ قومي سوال کي سامراج جي هٿن ۾ ڏيڻ جي ذميوار آهي. اچو تہ مسئلي جو هڪ ٻئي لحاظ کان جائزو وٺون. اسان جو ايمان آهي.

ته انقلاب جي ڪاميابي يا ناڪامي بنيادي طور انقلابي تحريڪ جي ذميواري آهي. اسان ان نظريي کي ڪونه ٿا مڃون ته اها انقلاب دشمن جي طاقت يا ڪمزوري آهي جيڪا انقلاب جي فتح يا شڪست جو تعين ڪري ٿي. تنهن ڪري اسان سمجهون ٿا ته هر اهو تضاد جيڪو انقلاب لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو ته اها انقلابي قوتن جي ذميواري آهي ته ان مان پورو فائدو وٺن ۽ ان کي سامراج دشمن جدوجهد جي حق ۾ استعمال ڪن. انقلابين تي ئي ان (سامراج دشمن) جدوجهد جي ناڪاميءَ جي ذميواري عائد ٿئي ٿي.

ريمنڊ نوٽ: ان مسئلي تي غور ڪندي ڇا اسان ہن ڪجهه قومي اقليتي تحريڪن بابت ڳالهائي سگهون ٿا جن لاءِ ضروري ناهي ته سيني وٽ وسيع انقلابي مقصد هجي. ڪردن، ايريٽرياڻن ۽ بيافراڻن جي تجربن منجهان توهان پنهنجي تحريڪ ۽ جدوجهد لاءِ ڪهڙو نتيجو حاصل ڪيو آهي؟

مراد خان: اتي اسان وري به ڪنهن مخصوص مثال جي بجاءِ مسئلي جي بنياد تي ڳالهائينداسين. اسان واپس قومي خود اختياريءَ جي حق بابت لينن نظريي جي سوال ڏانهن ٿا اچون. هڪ طرف اسان چئون ٿا ته اهو نظريو زبردستي مڙهيو ٿو وڃي ۽ ٻئي طرف اهو ته ان جي مڙهڻ واري حيثيت ان پاليسيءَ جي لاڳو ڪرڻ ۾ ٻٽائيءَ (Dualisum) کي جنم ڏني. هتي وري به

مظلوم قومين جي حق خود اختياريءَ سان اُنهن جي پنهنجي مڪمل وفاداري ۽ پاڪستي سوشلسٽ چوائينڊز مختلف رياستن ۽ پارٽين جي عمل ۾ فرق ڪرڻ گهرجي. انهن منجهان ڪجهه رياستن جي راءِ مطابق قومي جدوجهد کي رڳو ڏاڍهن ٿي عالمي سوشلسٽ تحريڪ جو حصو سمجهي سگهجي ٿو جيڪڏهن اهي اهم سوشلسٽ طاقت جي عالمي حڪمت عمليءَ جي مفادن لاءِ سڌي طرح مددگار ثابت ٿين ٿيون. هي صورت ۾ عالمي ڪميونسٽ تحريڪ کي قومي جدوجهد جي مخالفت ڪرڻ کپي جيڪڏهن (هڪڙي) قومي جدوجهد جو سياسي ڪردار اهڙيءَ ڪسوٽيءَ تي پورو نٿو اچي جنهن مطابق عالمي سوشلسٽ تحريڪ ان جي قومي قيادت کي ترقي پسند چئي سگهجي.

- قومي آزاديءَ جي تحريڪن طرفان پڻ ساڳئي قسم جي ٻٽائي (Dualisum) جو اظهار ڪيو ٿو وڃي. پنهنجو قومي خود اختياريءَ جو حق استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ۾، ڪجهه تحريڪون اهڙيون آهن جيڪي ان اصول کي بلڪل تقليدي (عقيدائي) انداز ۾ لاڳو ٿيون ڪن. جيئن مثال طور ايريٽيريا ۾- اهي هڪ "سماجي ۽ اقتصادي انقلاب جي حق" خاطر "آزاديءَ جو حق" ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن.

اسانجي راءِ ۾ انقلاب جو اهم مقصد سماج جي سماجي ۽ اقتصادي تبديلي آهي، جوڪڏهن ڪنهن مخصوص

قوميت جو مستقبل (Fate) ۽ سماجي ۽ اقتصادي ترقي پڻ گهڻن قوميتن ۽ طبقن سان ڳنڍيل آهي ۽ جيڪڏهن انهن سڀني قوميتن ۽ طبقن لاءِ انقلاب ذريعي گهربل مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ حالتون سازگار آهن، ته پوءِ اسان سمجهون ٿا ته اها قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي ترقي پسندي ٿيندي ته اها انقلابي عمل جي وسيع سماجي ۽ اقتصادي مقصدن سان پاڻکي ڳنڍڻ خاطر "آزاديءَ جي حق" تان هٿ کڻي وڃي. ايريٽريا جي معاملي ۾ جيستائين خود (ڪنهن به) ايٿوپيائي حڪومت (جي سوچ) اندر بنيادي تبديليون نٿيون اچن تيستائين اهي حالتون پيدا نٿيون ٿي سگهن. تنهن ڪري (شهنشاهه) هيل سلاسيءَ جي حڪومت دوران، ايريٽريائي مڪمل آزاديءَ لاءِ وڙهڻ ۾ حق بجانب هئا.

ريمنڊ نوٽ: ته ڇا توهان اهو چوڻ ٿا چاهيو ته عديس ابابا ۾ هيل سلاسيءَ جو تختو اونڌو ٿيڻ سان ايريٽريا جدوجهد جون معروضي حالتون تبديل ٿي ويون آهن.

مراد خان: اسانجي خيال ۾ هينئر هو ڪنهن سامراج نواز حڪومت جي خلاف نه وڙهي رهيا آهن. ظاهر آهي مسئلا ته پنهنجي جاءِ تي آهن. يعني ته نظرياتي مسئلا. هڪ قوم جو ٻيءَ قوم سان اتحاد نظرياتي بنيادن تي ئي ٿي سگهي ٿو، سماجي ۽ اقتصادي انقلاب لاءِ ظاهر آهي ته يونائيٽيڊ فرنٽ جي ضرورت پوندي جنهن ۾ سماجي ۽ اقتصادي مفادن جي هڪجهڙائي لازمي آهي.

ان ۾ مسئلا يقيني طور اٿي سگهن ٿا. ايريٽريائي تحريڪ جي خصوصيت ۾ ايٿوپيائي صورتحال جي خصوصيت جي ڀاري ۾ يقيني طور مسئلا آهن.

ريمنڊنوٽ: ڇا توهان سمجهو ٿا ته ايريٽريائي تحريڪ اڄ جنهن صورتحال سان دوچار آهي سان ان ڪري آهي جو ڏهاڪو سال اڳ ۾ ان ايٿوپيا اندر ٻين قوميتن سان لاڳاپا قائم ڪرڻ جي امڪان کي رد ڪري ڇڏيو؟

مرادخان: جي ها، ايريٽريائي تحريڪ خود ايٿوپيا اندر (هلندڙ) طبقاتي جدوجهد کان پاڻکي بلڪل ڪٽي ڇڏيو. اهوئي سبب آهي جو اها تحريڪ اڄ مسئلن سان دوچار آهي. بهرحال هيل سلاسي واري پراڻي راڄ هيٺ به ايريٽريا جي قومي تحريڪ آزاديءَ جي حقيقي ڪاميابيءَ لاءِ ان کي ايٿوپيا اندر هلندڙ طبقاتي جدوجهد جولازمي جزو بڻائڻ اڻٽر هئو هيل سلاسيءَ جي زير قيادت رجعت پسند قوتن جي شڪست جي نتيجي ۾ جيڪڏهن هڪ آزاد ايريٽريا وجود ۾ اچي ها، ته اهو هڪ انقلابي ايريٽريا نه، پر صرف ٽين دنيا جو هڪ وڏيڪ ملڪ هجي ها. آزاديءَ جو خيال پنهنجي طور انقلاب ناهي. ظالم ملڪ اندر (هلندڙ) طبقاتي جدوجهد کان ڪٽيل انقلاب پنهنجي طور تي هڪ انقلابي حڪومت لاءِ گهربل ضرورتون پوريون نٿو ڪري.

اڄ ايريٽريا ۽ ايٿوپيا ۾ جيڪي ڪجهه ٿي رهيو آهي سو بنيادي طور ان پاليسيءَ جو ئي تسلسل آهي

جيڪا سوويت يونين ۾ انقلاب جي فتح ڪانپوءِ اختيار ڪئي ويئي. "هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جو استحڪام" مسئلو ساڳيوئي آهي- فرق رڳو اهو آهي ته هتي مسئلي جي نوعيت علائقائي آهي- اسان، خود سوشلسٽ انقلاب تان دستبردار ٿيڻ جي قيمت تي "هڪ ملڪ ۾ سوشلزم" جي تعمير ڏسي چڪا آهيون- اسان اهڙي صورتحال به ڏٺي آهي جتي ڪجهه انقلابي جدوجهدن ڪن مخصوص علائقن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي پر جلدئي اهي مڪمل طور رجعت پسند قوتن جي گهيري ۾ اچي ويون- رياستي اقتدار تي قبضي ڪان پوءِ انقلاب کي مستحڪم ڪرڻ ۽ انقلاب کي اڳتي وڌائڻ ۾ انقلابين کي جيڪي دشواريون ڏسڻيون پيون ۽ وڏي تعداد ۾ انقلاب دشمنن جا حملا. اهي سڀ اهڙا تجربا آهن جيڪي عالمي سطح تي انقلابي جدوجهد جي قيمت تي حاصل ٿيا آهن- اهو غيرمعقول ٿيندو جيڪڏهن 1980 جي ڏهاڪي ۾ اسان انهن تجربن مان سبق نه وٺي سگهون. بلوچستان جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ کي پاڪستان جي ٻين مظلوم قومين ۽ طبقن جي قومي آزاديءَ جي جدوجهدن سان ڳنڍڻ ذريعي جيڪڏهن هڪ سماجي ۽ اقتصادي انقلاب (جيڪو ته بلوچ تحريڪ جو اهم مقصد آهي) آڻڻ لاءِ معروضي پيدا ٿين ٿا ته پوءِ ڇو اسان پاڻ کي ان امڪان کان محروم ڪريون- رڳو آزاديءَ جي خاطر؟

ريمنڊنوٽ: توهان پنهنجي عمومي تجزيي جي روشني

۾ ڪرد قوم جي جدوجهد کي ڪهڙي حيثيت ٿا ڏيو؟
مرادخان: ننڍيون قومون، خاص ڪري اهي قومون جهڙڪي نين رياستن (پيڻڪي دور ڪان پوءِ جون نامنهاد رياستون جن ۾ اڄ جي ٽين دنيا جي ملڪن جو هڪ وڏو تعداد اچي ٿو وڃي)۔ ۾ قائل آهن تن جو هڪ تمام اهم مسئلو اهو آهي تہ هڪ طرف سندن قومي خودمختياريءَ جي حق جي استعمال جو مسئلو آهي تہ ٻئي طرف مجموعي طور (ان نئين) رياست جي ترقي پسند يا مارڪسسٽ تحريڪن سان پاڻکي ملائڻ جو مسئلو۔ اتي ڪڏهن ڪڏهن قومي تحريڪ آزاديءَ پاڻکي رياست جي ٻين مظلوم قومن ۽ طبقن سان ملائڻ جي موقعي کان محروم ڪيو آهي، جيئن ايريٽريا ايٿوپيا ۾ ڪيو۔ ٻئي طرف وري ڪجهہ اهڙا بہ مثال ٿيا آهن جتي ٻين مظلوم طبقن يا قومن ۽ انهن ترقي پسند قوتن ججي قيادت پاڻکي مظلوم قوميتن جي جدوجهد کان پاڻکي عليحده رکيو آهي۔ اهڙو مثال اسان کي ڪردستان جي معاملي ۾ نظر اچي ٿو ۽ اچا وڏيڪ ڪلاسيڪل نمونو بنگلاديش جي معاملي ۾۔ اتي نامنهاد ترقي پسند تحريڪ قومي جدوجهد جي وجود کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو۽ اهڙي ريت پاڻکي قومي تحريڪ آزاديءَ کان ڪٽي ڇڏيو۔
پر اسان بلوچ تحريڪ وارن ڪرد جدوجهد جي تاريخ مان ڪجهہ ٻيون ڳالهيون پرايون آهن۔ ان سلسلي ۾ ۾ آءٌ شاهہ (ايران) جي دور دوران ٿيندڙ واقعن جو

ذڪر ڪندس. هڪ ڀيرو شاهه چيو هئو ته علائقي جي
پهريدار جي حيثيت ۾ علائقي کي دريش انقلاب جي
خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ. وٽس ٻه اهم هٿيار هئا. پهريون
هئو، سڌي مداخلت. اهو طريقو 1973 ۾ اومان ۾ استعمال
ڪيو ويو ۽ بلوچستان جي معاملي ۾ پڻ جڏهن شاهه
پاڪستاني رياست جي ظلم لاءِ هٿيار ۽ پئسو مهيا ڪيو.
ٻيو هٿيار هئو مختلف قومن جي قومي آزادي جي تحريڪن
کي اندران نقصان پهچائڻ. اهو طريقو ڪردستان ۾ آزمايو
ويو. ان جو مقصد اهو هئو ته قومي آزادي کي هڪ
مخصوص طرف ڌڪي ڇڏجي جيئن ان کي شڪست
ڏئي سگهجي. ڪردستان جو معاملو هڪ مثالي هئو. شاهه
کلم کلا چيو ته ڪردستان جي ڪاروائي هن لاءِ نسبتاً
سستي هئي. ٽي ڪروڙ ڊالرن ۾ معاملو پورو ٿي ويو.
هن رڳو ڪردستان کي تباهه ڪرڻ خاطر ان جي حمايت
ڪئي. اهڙو امڪان بلوچستان ۾ هميشه رهي ٿو. بلوچ
تحريڪ کي تباهه ڪرڻ جو بهترين طريقو ڪهڙو آهي؟
جواب چٽو لڳو پيو آهي. قومي تحريڪ کي هڪ رجعت
پسند قيادت جي هٿ هيٺ وڃڻ ڏجي جيڪا (قيادت)
پوءِ بلوچستان جي جنگي اهميت ۽ قومي دولت کي
سڀ کان وڏو واڪ ڏيندڙ وٽ وڪڻڻ لاءِ تيار هوندي
اهو پڻ بلڪل چٽو آهي ته بلوچستان جي جنگي اهميت
۽ قدرتي دولت کي هر قسم جي ڌاريي ڪنٽرول کان
ڪان رڳو انقلاب ئي بچائي ٿو.

ريمنڊ نوٽ: اڄ رات اسان ڪيترن ئي مسئلن ۽ موضوعن تي ڳالهايو آهي، پر گفتگو کي بکيو ڪرڻ جو ڪارڻ اهو آهي ته بلوچ جدوجهد ۽ بي-پي-ايل-ايف جيتوڻيڪ اهو عالمي سطح تي تقريباً مڪمل طور غير معروف آهي، پاران ڪيترن اهڙن وڌيڪ مشهور گروپن جي پيٺ ۾ جن کي آءٌ سڃاڻان، "قومي سوال" تي ان جي جديد پس منظر ۾ وڌيڪ غور و فڪر ڪيل نظر ٿو اچي، قومي سوال ۽ قومي خود اختياريءَ جي حق کي درپيش شايد سڀ کان نمايان ۽ اهم بحران فلسطين جو مسئلو ۽ اسرائيل جو وجود آهي. ان صورتحال کي توهان ڪيئن ٿا سمجهو؟ پاڪستان ۽ اسرائيل جي ٻنهي ۾ ڪهڙيون هڪ جهڙايون ٿي سگهن ٿيون جڏهن ته ٻئي مذهبي ڪٽرپڻي جي بنياد تي وجود ۾ آيا آهن ۽ ٻئي پنهنجي اندر ڪنهن ٻيءَ قوميت جي وجود کان انڪاري آهن؟

مراد خان: منهنجي خيال ۾ فلسطين جو قومي سوال وڳو تڏهن حل ٿي سگهي ٿو جڏهن فلسطيني پنهنجو قومي حق علائقي جي سمورن سياسي قوتن کان مڪمل طور آزاد نموني استعمال ڪن. فلسطيني مسئلي جي حوالي سان سٺا نتيجا حاصل ڪرڻ ۾ اڄ ڏينهن تائين فلسطين جي قومي تحريڪ جي نااهلي ۽ ان جي سڀ کان وڏي ڪمزوري اسان جي خيال ۾ علائقي جي ٻه رخي (دهري) سياست تي سندس مڪمل انحصار آهي،

ان جي پاڻ کي خيالي قسم جي عرب قومي جدوجهد سان ڳنڍڻ جي غلط رخي جدوجهد جي نتيجي ۾ اسان جي خيال ۾ فلسطينين کي تمام وڏو نقصان سهڻو پيو آهي- بلوچستان ۾ اسان لاءِ فلسطيني تجربي جو سڀ کان وڏو سبق اهو آهي ته ڪنهن به قومي تحريڪ جي قومي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جو بنياد مڪمل طور هڪ آزاد پروگرام تي رکيل هجي- آزاد پروگرام مان اسان جي مراد اهڙو پروگرام آهي جيڪو فقط واسطيدار وڙهندڙ قوم جو ترجمان هجي. فلسطيني قيادت اهڙي نموني صرف ۽ صرف فلسطيني قوم جي مفادن جي ترجماني ڪرڻ ۾ مختلف موقعن تي تاريخي ڪوتاهيون ڪيون آهن. سڀ کان وڏي بدقسمتي اها آهي ته هنن فلسطيني قوم جي مفادن کي عرب قوم پرستيءَ جي وسيع حڪمت عمليءَ سان ملائي مونجهارو پيدا ڪري وڌو آهي. اسان جي خيال ۾ ”عرب قوم“ جهڙي ڪنهن شيءِ جو ڪو وجود ڪونهي. اهڙيءَ ريت هنن پاڻ کي نام نهاد عرب نيشنلزم جي نعرن تي منحصر ڪري ڇڏيو آهي جيڪو انتهائي ساڄي کان انتهائي کاٻي ڌاڙين پکڙيل آهي. انهن ڪوتاهين جي نتيجي ۾ هنن (فلسطينين) کي تمام سخت ۽ ڳري قيمت ادا ڪرڻي پئي آهي-

ان کان علاوه فلسطيني تحريڪ پنهنجي انهن ڪوتاهين سبب مسئلي جي اصلي ڪارڻ کي مڪمل طور نظر انداز ڪري ڇڏيو آهي- ان مان اسان جي مراد

آهي اسرائيلي رياست جي حيثيت. اسان بطور هڪ ظالم رياست جي اسرائيلي رياست کي تباهه ڪرڻ جي ڳالهه ته ڪري سگهون ٿا پر ان جو مطلب اسرائيلي عوام جي تباهي نه هئڻ کپي. ان سوال تي واضح ٿيڻ ۾ ناڪامي سان فلسطيني تحريڪ جي مشڪلاتن ۾ واڌارو ٿيو آهي. ان ناڪاميءَ مختلف وقتن تي ۽ مختلف حالتن تحت فلسطيني تحريڪ تي ظلم جاري رکڻ لاءِ سامراج کي موقعا فراهم ڪري ڏنا آهن. ان فلسطيني تحريڪ کي پير کوڙڻ نه ڏنا آهن ۽ ممڪنه تباهيءَ لاءِ تحريڪ کي الڳ ٿلڳ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

ريمنڊ نوٽ: توهان جي خيال ۾ اسرائيل ڏانهن ڪهڙي قسم جو رويو صحيح ٿيندو؟

مراد خان: اهو ساڳيو ئي مسئلو آهي جهڙو اسان کي پاڪستان ۾ درپيش آهي. پاڪستاني رياست ٺهڻ جي نتيجي ۾ اٽڪل هڪ ڪروڙ ماڻهن ڀارت جي مختلف علائقن کان (پاڪستان جي) سرحد عبور ڪئي. انهن هڪ ڪروڙ ماڻهن کي پاڪستان جي موجوده جغرافيائي علائقن منجهان ڪٿي به نسلي، ثقافتي يا زباني بنياد حاصل ڪونه هئا. تنهنڪري اهي لازمي طرح انهن علائقن لاءِ ڌاريا آهن جن کي پاڪستان چئجي ٿو. اهي ئي هڪ ڪروڙ ماڻهو آهن جن پنهنجي طبعي ۽ سياسي مسئلن سبب پاڪستان جي هٿراڌو جوڙجڪ جي زوردار نموني حمايت ڪئي. هنن لاءِ ائين ڪرڻ هڪ ٻيءَ قوم جي

علائقي ۾ ڏاريي طور پنهنجي حفاظت ڪرڻ جي مترادف آهي.

ننڍي کنڊ ۾ هڪ قسم جو تاريخي عمل جاري آهي- ظاهر آهي ان عمل کي واضح ڪرڻ لاءِ دليل موجود آهن. پر ان عمل جي نتيجن سان رهندي اسان کي هينئر ٽيهه سال گذري چڪا آهن. اسان چڙي ٻُعريبازيءَ سان انهن نتيجن کي بدلائي نٿا سگهون. اِسان هندستان جي مختلف حصن گڏن سنڌ، پنجاب، پشتونستان ۽ بلوچستان جي موجوده علائقن ۾ داخل ٿيندڙ هڪ ڪروڙ ڏارين کي ڏکي، ڪيئڻ سان ان عمل کي واپس نٿا ڪري سگهون جيئونڀيڪ انهن کي اڄوڪي پاڪستان جي علائقي اندر ڪابه نسلي، ثقافتي يا لساني پاڙ ڪانهي- نه ئي اسان انهن کي سمنڊ ۾ اڇلي ٿا سگهون. تنهنڪري، اسان کي پنهنجي سياسي بلوغت جو اظهار ڪرڻ کپي ۽ بحيثيت هڪ قومي تحريڪ آزاديءَ جي مسئلي جي جڙ خلاف ويڙهه ۾ پنهنجي ذميواري نڀائڻ کپي. اسان جي خيال ۾ پاڪستاني رياست جي اها (موجوده) مصنوعي خاصيت آهي- اسانجو مقصد پاڪستاني رياست کي ان جي موجوده شڪل ۾، جنهن جو مطلب آهي ان جي جاگيردارانه، سرمائيدارانه ۽ ظالمانه غيرجمهوري شڪل ۾ تباهه ڪرڻ آهي- اسان کي ان جي جاءِ تي هڪ اهڙي نئين رياست اڏڻي پونڊي جيڪا پاڪستان جي موجوده رياست ۾ رهندڙ مختلف قومين کي گڏ ڪري سگهي جن ۾ اهي هڪ ڪروڙ ڏاريا به

به شامل هوندا جيڪي ڪن تاريخي واقعن جي نتيجي ۾ موجوده علائقي ۾ داخل ٿيا.

ريمنڊ نوٽ: ته پوءِ اها هڪ جهڙائي فلسطيني/ اسرائيلي مسئلي لاءِ ڪهڙي حيثيت رکي ٿي؟

مراد خان: ان جو مطلب اهو آهي ته توهان کي ماڻهن جي باري ۾ ۽ تاريخي نتيجن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن اڄ اسرائيل ۾ ٽيهه لک ماڻهو آهن، ته توهان کي ان سياسي، سماجي ۽ اقتصادي رول بابت ڄاڻ رکڻي پوندي جيڪو اهي ٽيهه لک ماڻهو مستقبل جي فلسطيني رياست ۾ ادا ڪندا. اسان پنهنجي تحريڪ جي حڪمت عمليءَ جو بنياد هڪ سوشلسٽ ڊيموڪريٽڪ رياست اندر مختلف قومن ۽ مظلوم طبقن جي ڪنفيڊريشن خاطر جدوجهد ۾ پاڪستان جي مختلف مظلوم اقليتن ۽ مجموعي طور مظلوم طبقن جي هڪ يونائيٽيڊ فرنٽ تي يقين رکون ٿا. ان پس منظر ۾ اسانکي واضع نموني نشاندهي ڪرڻي پوندي ته انهن هڪ ڪروڙ ڏارين ۾ ڪير اسان جو دوست آهي ۽ ڪير دشمن.

فلسطيني تحريڪ جي ناڪامي اها آهي ته اسرائيل جي موجوده هٺرادو رياست اندر رهندڙ انهن ٽيهه لک ماڻهن جي حقن کي جيئوٽيڪ ذهني ۽ نظرياتي طور ان مڃيو آهي پر سياسي سطح تي ڪنهن به نموني ان مڃتا جو اظهار نه ڪيو آهي. اسرائيلي آباديءَ جي ڪجهه

حصن کي پنهنجي طرف ڪرڻ ۾ فلسطيني تحريڪ جي ناڪامي، اِهو سمجهان ٿو سندس ان مسئلي کي نظرانداز ڪرڻ واري پاليسيءَ جو نتيجو آهي. اسرائيل جي سلسلي ۾ ظاهر آهي اتي فلسطيني تحريڪ بابت سخت دشمنيءَ وارو ماحول آهي ۽ ان حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته اسرائيلي آباديءَ جي اڪثريت تاريخ جي ڏکي اثر هيٺ اسرائيل جي موجوده رياست جي واقعي حمايت ڪري ٿي. تنهن ڪري ظاهر آهي اسرائيل اندر آباديءَ ۽ فلسطيني عوام جي وچ ۾ يونائيٽيڊ فرنٽ قائم ٿيڻ انتهائي مشڪل آهي. ان لاءِ هڪ پرعزم جدوجهد جي ضرورت آهي، نه رڳو فلسطيني انقلاب پاران پر خود اسرائيلي آباديءَ طرفان پڻ.

پنجاب ۽ بلوچستان جي وچ ۾ تعلق جي حوالي سان اسان ساڳيءَ صورتحال سان دوچار آهيون. اسان جنهن ڳالهه تي واقعي زور ڏيڻ ٿا چاهيون سا اها آهي ته ظالم قوم ۽ مظلوم قومن جي وچ ۾ متحده محاذ قائم ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي ڌيان ۽ مضبوط ارادي سان جدوجهد ڪرڻي پوندي. اهڙي قسم جو ڌيان ۽ ارادو ممڪن ٿي نٿو سگهي جڏهن سياسي مصلحتن خاطر قومي تحريڪ سان ڌوڪيبازي ڪئي وڃي. فلسطيني تحريڪ جو مسئلو مختلف عرب ملڪن جي عوام کي هڪ متحده محاذ ۾ گڏ ڪرڻ ايترو ناهي جيترو فلسطيني عوام ۽ اسرائيلي رياست اندر رهندڙ آباديءَ جي اڪثريت جي

وچ ۾ يونائيٽيڊ فرنٽ ٺاهڻ تي توجه ڏيڻ.

ريمنڊ نوٽ: فلسطيني صورتحال جي سلسلي ۾ (جتي عرب رياستن جي حريفانه نيشنلزم فلسطينين کي غيرمتحرڪ ۽ پاسيرو ڪري ڇڏيو آهي) توهان جيڪي ڪجهه چيو ان سان هڪ ٻي هڪ جهڙائي ظاهر ٿئي ٿي. بنگلاديش جي تجربي ۾ اسان سوشلسٽ بلاڪ جي (مختلف) عنصرن کي هڪ ٻئي سان دشمنيءَ واري صورتحال ۾ ڏٺو، جتي سوويت يونين بنگلاديش جي قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي حمايت ڪري رهيو هئو جڏهن ته چين ان جي مخالفت ڪئي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته بينڪيت ڪان پوءِ جي (Post Colonial) رياستن ۾ قومي تحريڪن کي نه رڳو امريڪا پاران ڪين ختم ڪرڻ جي مسئلي کي منهن ڏيڻو ٿو پوي پر سوشلسٽ بلاڪ اندر دشمنين جي وچ ۾ قاتل هجڻ جي مشڪل کي پڻ. انهن حالتن بابت توهانجي ڪهڙي راءِ آهي؟

مراد خان: بلوچستان ۾ اسان ان مشڪل ۾ پوريءَ طرح قاتل آهيون جنهن جو سبب اسانجي ملڪ جي جنگي اهميت ۽ خاص ڪري گئس، تيل ۽ ٽامي جا غير استعمال شده اقتصادي ذخيرا آهن. اسان ٽن اهم عالمي طاقتن جي ٽه-واٽي تي آهيون. انهن منجهان ٻن چين ۽ امريڪا جون پاليسيون پاڪستاني رياست لاءِ سڌن حمايت ۽ ان ڪري بلوچستان جي قومي تحريڪ آزادي جي سڌي مخالفت جي سلسلي ۾ هڪ جهڙيون آهن.

جيستائين چين ۽ آمريڪا جو تعلق آهي، اسان پنهنجي (فائدي) لاءِ انهن ۾ ڪنهن به شيءِ جي اميد نٿا رکون.

اسان جي حيثيت رڳو اسان جي جنگي اهميت جي ڪري آهي. تنهنڪري ظاهر آهي آمريڪا ۽ چين جي خلاف سوويت يونين ئي اسانجو طاقتور حليف ٿي سگهي ٿو، پر ضروري ناهي ته خود بلوچستان جي انقلاب اندر به ائين ئي هجي. اسان کي اها صورتحال ان ڪري درپيش آئي آهي ڇاڪاڻ ته بلوچستان جي تحريڪ آزادي بين الاقوامي ڪميونسٽ تحريڪ کان بلڪل آزاداڻه نموني پاڻ کي منظم ڪيو آهي ۽ انهيءَ آزاديءَ جو ڪجهه سبب هيءَ حقيقت آهي ته اها عالمي انقلابي تحريڪ تي بين الاقوامي مرڪزي ڪنٽرول جي خلاف جدوجهد جي پيداوار آهي. نتيجي طور اسان (علائقي ۾) دلچسپي رکندڙ عالمي طاقتن لاءِ اهڙي فائديمند قوت ناهيون جنهن جي هو حمايت ڪن. تنهنڪري سوويت يونين جيڪو اسانجو سياسي اتحادي آهي سو به ضروري ناهي ته اسان جي شرطن تي اسان جي حمايت ڪرڻ لاءِ آماده ٿئي. سوويت يونين رڳو هڪ ممڪن اتحادي آهي ۽ جيئن مون اڳ ۾ چيو صرف آمريڪا ۽ چين جي خلاف اتحادي. تنهن ڪري بلوچستان جي تحريڪ لاءِ ان جي حمايت جو دارومدار ان ڳالهه تي ٿيندو ته هو علائقي ۾ آمريڪي يا چيني حڪمت عمليءَ کان ڪڏهن ۽ ڪيترو خطرو محسوس ٿو ڪري. بلوچ قومي آزاديءَ جي تحريڪ پنهنجي طور تي سوويت يونين لاءِ

کا حقيقي اهميت نٿي رکي.

سڄي دنيا اندر انقلاب جي مرڪزن کان پنهنجي مڪمل نظرياتي آزاديءَ سبب اسان سمجهون ٿا تہ علائقي ۾ موجود واحد ممڪن اتحادي اسانجي حمايت ڪونہ ڪندو، سواءِ انهن موقعن جي جڏهن سندس پنهنجي مفادن لاءِ اٿين ڪرڻ (مدد ڪرڻ) انتهائي ضروري ٿي پوي، نہ کہ بلوچ قومي آزاديءَ جي تحريڪن جي مفادن ۾. ان ڪري مستقبل ۾ اسان کي بلڪل اڪيلي سر جدوجهد ڪرڻي پوندي. پر اهوئي مرحلو آهي جتي بلوچستان محاذ آزاديءَ جي حڪمت عمليءَ جون مخصوص خاصيتون پنهنجو ڪردار ادا ڪنديون. اسان هميشہ ان حقيقت کان باخبر رهيا آهيون تہ اسان ان مشڪل سان پوريءَ ريت دوچار آهيون.

اسان طاقت جو توازن پنهنجي حق ۾ ڪرڻ خاطر ٿي هڪ ڪل پاڪستان رياست وارو رستو اختيار ڪيو آهي. پاڪستان جي سمورين مظلوم قوميتن ۽ طبقن جو متحده محاذ قائم ڪرڻ سان اسان سڄي پاڪستاني سماج کي هڪ سامراج دشمن فرنٽ ۾ تبديل ڪرڻ چاهيون ٿا. اسان پاڻ کي (رڳو) قومي آزاديءَ واري الڳ ٿلڳ پوزيشن کان هٽائي پوري پاڪستان ۾ ڦهليل ٻوس انقلابي تحريڪ سان ڳنڍيون ٿا. ان صورتحال جي حوالي سان اسان نٿا سمجهون تہ پاڪستان رياست سان چين ۽ امريڪا جو اتحاد اسانجي مستقبل لاءِ ڪو وڏو خطرو ثابت ٿي سگهندو.

(۱) ايريٽريائي سوال:
هڪ بينڪي سوال آهي

(۲) ايريٽريا جي آزادي:
واحد صحيح موقف

ايريٽريا- ايٿوپيا لاڳاپن جي سوال بابت آمريڪا ۾ رهندڙ ايٿوپين شاگردن جي تنظيم جي موقف جي جواب ۾ آمريڪا ۾ رهندڙ ايريٽرين شاگردن ۽ ايريٽرين عورتن جي تنظيمن پاران شايع ڪيل ٿيسز جا ٻه باب.

ايريٽريائي سوال

هڪ بينڪي سوال آهي

گذريل باب ۾ اسان (اهو) ذڪر ڪيو ته ايريٽريا 1952 کان وٺي غير ملڪي يعني ايٿوپيائي قبضي جو شڪار آهي۔ هيئنر اسان اهو ذڪر ڪنداسين ته ايريٽريا تي ايٿوپيا جي قبضي کي بينڪي قبضو چوڻ ڪٿي صحيح ٿيندو.

جيئن اسان اڳ ۾ ٻڌايو آهي، ايٿوپيا جي جاگيردار انتظاميه، امريڪا جي زير قيادت سامراج جي چرچ تي، ان جي مڪمل حمايت سان ۽ ان جي مفادن خاطر ايريٽريا تي قبضو ڪيو ۽ پاڻ سان ملائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ رسمي بينڪي اختيار ايٿوپيائي حڪومت جي هٿ ۾ آهي پر اصل ۾ اهي سامراجي ڏي آهن، خاص ڪري امريڪي سامراج جيڪي ملڪ (ايريٽريا) جي وسيلن جو استعمال ڪري رهيا آهن، جن پنهنجا فوجي اڏا تعمير ڪيا آهن ۽ ملڪ کي پنهنجي اڳين (جنگي) چونڪي بڻائي ڇڏيو آهي۔ ايٿوپيائي حڪومت رڳو سامراج پاران ايريٽريا تي بينڪي غلبي ۾ هٿيار جو ڪم ڏيئي رهي آهي۔ تنهن ڪري ايريٽريا تي ايٿوپيا جي

قبضي کي بيٺڪي قبضو ۽ ايريٽوياڻي سوال کي بيٺڪي سوال چوڻ ٺي درست ٿيندو.

(فوجي) جنتا ۽ سمورا ايٿوپيائي شاونسٽ ايريٽريائي سوال جي بيٺڪي تشريح سان سخت مخالفت ڪري رهيا آهن ۽ پنهنجي مخالفت کي جائز ثابت ڪرڻ لاءِ پروپيگنڊائي مواد جو هڪڙو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو اٿن. مثال طور جنتا جي سوشل شاونسٽ نظريه دانن جو ترجمان اديس فانا (Addis Fana) گوهر افشاني ڪندي لکي ٿو ته ”ايريٽريائي محاذن * جي انهن ’دليلن‘ کي ته ايريٽريائي سوال هڪ بيٺڪي سوال آهي، ڌي بنياد ثابت ڪرڻ ڏاڍو آسان آهي- ايترو ئي ڪافي آهي ته بيٺڪيت جي سائنٽفڪ وصف پيش ڪئي وڃي جيڪا اها آهي ته بيٺڪيت سرمايه داريءَ جي پيداوار آهي- جيئن ته ڪنهن قسم جو سرمايو ايٿوپيا کان ايريٽريا برآمد نه ٿو ڪيو وڃي، تنهن ڪري ايريٽريائي سوال بيٺڪي ناهي.“

ايسونا (Esuna) ¢ اندر غالب سوشل شاونسٽ ٽولي پڻ ايريٽريائي سوال جي بيٺڪي قبضي واري درست

---

* ان منجهان مراد آهي ايريٽرين لبريشن فرنٽ (E L F) ۽ ايريٽرين پيپلز لبريشن فرنٽ (EPLF).

¢ اتر امريڪا ۾ ايٿوپيائي شاگردن جي تنظيم EthioPian Student's Union in North America (مترجم)

تشريح جي ڪل پٽي جي حد تائين مخالفت ڪئي آهي اڳئين باب ۾ اسان ڏيکاريو ته ايسونا شاونسٽ پڻ ايريٽريائي سوال کي غيرملڪي قبضي جو مثال قرار ڏيڻ جا سخت مخالف آهن. ماڻهن کي اهو سمجهائڻ ته ايريٽريا غيرملڪي قبضي جو شڪار ناهي، انتهائي مشڪل سمجهندي هنن ان سوال کي ڦٽو ڪيو آهي ۽ سڄو زور ايريٽريائي سوال جي بنيادي روح کي غلط ثابت ڪرڻ تي صرف ڪري رهيا آهن. ائين ڪرڻ سان ايسونا وارا هڪ تير سان ٻه شڪار ڪرڻ ٿا چاهين: ايريٽريائي سوال جي بنيادي روح کي "غلط ثابت" ڪرڻ ۽ ساڳئي وقت ايريٽريائي سوال جي غيرملڪي قبضي واري وصف لاءِ سندن مخالفت کان ماڻهن جي توجهه هٽائڻ.

ايسونا تي قابض سوشل شاونسٽ ساڳئي "منطق" جو سهارو ٿا وٺن جيڪا جنتا جا سوشل فاشسٽ نظريه دان استعمال ڪن ٿا. انهن جو دليل آهي ته: بنيادي سرمايه داريءَ جي پيداوار آهي. جيئن ته ايٿوپيا سرمايه دار ملڪ ناهي تنهن ڪري ايٿوپيا ۽ ايريٽريا جي وچ ۾ تعلق بنيادي ٿي نٿو سگهي. اهو رڳو نيم جاگيردار ۽ نيم بنيادي صورتحال ۾ قومي ظلم جو هڪ سوال ٿي سگهي ٿو. پنهنجي لفاظيءَ ذريعي ماڻهن کي ڀلائڻ جي ڪوشش ۾ ايسونا وارا لڪن ٿا: E. F. L. N. A.' جي ليڊرن کان اهو سوال پڇي سگهجي ٿو: توهان مارڪسي

ليننِي سياسي اقتصاديات جا حامي آهيو يا مخالف؟ خاص ڪري توهان بيئڪيٽ جي مارڪسي ليننِي نظريي کي ميچو ٿا يا رد ٿا ڪريو؟ ان کان به وڌيڪ اهو ته توهان پنهنجي ان بحث جو بنياد ڪهڙي قسم جي تجربي تي رکو ٿا ته ايريٽريا يا ايٿوپيا بيئڪيٽ جي ظلم جو شڪار آهي؟ ڇا ايريٽريائي ۽ ايٿوپيا جي بين علائقن جي وچ ۾ بيئڪي تعلق آهي؟ ڇا ايريٽريا ۽ ايٿوپيائي رياست جي باقي علائقن جي وچ ۾ ”مزدوريءَ جي ورهاست“ آهي ”جنهن جي ڪري“ ايريٽريا ”رکو زرعي جنسون وڏي تعداد ۾ پيدا ٿو ڪري“ ۽ ايٿوپيا جي بين علائقن کان ”ان جي بدلي ۾ تيار ٿيل شيون“ حاصل ٿو ڪري؟ ڇا انهن بين علائقن جي سماجي، اقتصادي جوڙجڪ صنعتي شين جي ضرورت کان زياده پيداوار ۽ سرمايه جي وڏن ذخيرن وارن سرمايه دارانه بحرانن جو شڪار آهي؟ جيئن هر هڪ سنجيده ماڻهو اتفاق ڪندو ته ان جو جواب نه آهي.

جن ماڻهن کي اپسوناتي غالب سوشل شاونسٽ ٽولي جو تجربو ڪونهي، اهي ٿي سگهي ٿو انهن رڙين تي اعتبار ڪري ويهن ۽ انهن کي مارڪسزم ليننزم جي پاڪائيءَ جو دفاع ۽ نظرين جي مارڪسي ليننِي تشريح سان وفاداري سمجهڻ جي ڀل ڪري ويهن. بهرحال ويجهي نظر (وجهڻ) سان ظاهر ٿئي ٿو ته سوشل شاونسٽن جي ذهن ۾ ڪجهه ٻيو آهي- سڀ کان پهريائين ته،

جيئن اسان اڳتي ڏيکارينداسين، ايسونا وارن جو بينڪيٽ
بابت تجزيو بينڪيٽ جي مارڪسي لينني تجزيي کي
پارائي انداز ۾ توڙي مروڙي پيش ٿو ڪري. خاص
ڪري مالي سرمايه جي بينڪي پاليسيءَ کي. پيو ته
سوشل شائونسٽ مارڪسي نظرين جي سندن "پختي"
تشريح تي قائم ڪونه ٿا رهن.

مثال طور اسان فاشزم جي مارڪسي لينني تصور
کي ٿا وٺون. مارڪسزم لينزم اسانکي سيکاري ٿو ته
"فاشزم مالي سرمايي جي سڀ کان وڌيڪ رجعت پسند،
سڀ کان وڌيڪ شاونسٽ ۽ سڀ کان وڌيڪ سامراجي
قوتن جي کليل دهشت گرد آمريت آهي". ايٿوپيا يقيناً
هڪ ترقي يافته، هڪ هٿيءَ وارو سرمايه دار ملڪ ڪونهي.
تنهن هوندي به ايسونا وارا ايٿوپيائي جنتا جي حڪومت
کي فاشسٽ ٿا سڏن. جيڪڏهن اسان ايسونا وارن واري
ساڳي ڪج بحثي اختيار ڪريون ته پڇي سگهون ٿا:
ايسونا شاونسٽن کان پڇي سگهجي ٿو: توهان مارڪسزم
لينزم جي حمايت ٿا ڪريو يا مخالفت؟ خاص ڪري
توهان فاشزم جي مارڪسي لينني نظريي کي مڃو ٿا
يا رد ٿا ڪريو؟ ڇا ايٿوپيا هڪ مونو پولي ڪيپيٽلسٽ
(هڪ هٿيءَ وارو سرمايه دار) ملڪ آهي؟ ڇا ايٿوپيائي
حڪومت مالي سرمايي جي سڀ کان وڌيڪ سامراجي
عنصرن جي کليل دهشت گرد آمريت آهي؟ جيئن هرڪو
سنجيده ماڻهو اتفاق ڪندو، ان جو جواب آهي نه. پر

اهو سڀ ڪجهه رڳو ڪج بحثي ٿيندي. ايٿوپيائي جنتا واقعي فاشسٽ آهي ڇاڪاڻ ته جيتوڻيڪ اها ايٿوپيائي مالي سرمايه دارن جي نمائندگي ڪونه ٿي ڪري (ان ڪري ته اهي آهن ئي ڪونه)، اها غيرملڪي مالي سرمايه جي نمائنده آهي. ايٿوپيائي عوام تي فاشسٽ آمريت مڙهڻ مقامي مالي سرمايه دارن جو نه پر سامراج جو ڪارنامو آهي جيڪو ايريٽريا ۽ ايٿوپيا ۾ پنهنجي مفادن جي حفاظت خاطر ميدان ۾ آيو.

جڏهن ته ايسونا ۽ اتفاق سان اي-پي-آر-پي-* پڻ پنهنجي دليلن ذريعي ايٿوپيائي حڪومت کي فاشسٽ قرار ٿي ڏئي ته پوءِ صاف ظاهر آهي ته ايسونا جي گڏائڻ واري اندي پاليسي (Annexationisun) ئي آهي جيڪا ڪيس ايريٽريائي سوال جي بيٺڪي روح کي ڏسڻ کان روڪي ٿي ڇو ته اڄ به ايٿوپيائي حڪمران طبقا سامراج واران ايريٽريا جي بيٺڪي غلبي ۾ هٿيار جو ڪم ڏيئي رهيا آهن. اهو سڀ ڏيکاري ٿو ته ايسونا شاونسٽ مارڪسزم جي دفاع جي نه پر پنهنجي الحاق واري پاليسيءَ (Annexationisun) کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. تنهن هوندي به ايسونا وارا جيڪي لفاظي ۽ اجائي ڪج بحثيءَ جا استاد آهن، وڏي بي حيائيءَ سان پاڻ کي مارڪسزم ليننزم جي پاڪائيءَ جو محافظ ڪري ٿا پيش ڪن. اهي لکن ٿا: ”اسان اهو ٻڌائڻ گهرون ٿا ته ڪمر ايريٽريائي سوال کي بيٺڪي سوال سمجهي

* ايٿوپيائي عوام جي انقلابي پارٽي
Ethiopian Peoples Revolutionary Party

ٿو يا اُن خيال کي رد ٿو ڪري، اهو رڳو ڪتابي نہ
پر اصولي اهميت جو سوال آهي. اُن سان پتو پوندو تہ
ڪير اڄوڪي دنيا جي بنيادي تضادن جي ٺيٺ بابت
پرولتاريہ انقلابي نظريہ جي حمايت ٿو ڪري يا اُن کي
رد ٿو ڪري۔ اهو سوال پيدا ٿيندو تہ ڪير سامراجي دور
جي خصوصيتن بابت مارڪسي لينني تجزيي کي مڃي
ٿو يا اُن جي مخالفت ٿو ڪري. اهو سوال پيدا ٿيندو
تہ ڪير ”بيٺڪيت“ بابت مارڪسي لينني نظريي کي
مڃي ٿو يا رد ٿو ڪري. آخر ۾ اهو سوال پيدا ٿيندو تہ
ڪنهن اڄ جي ايٿوپياڻي سماج جي خاصيتن کي سمجهيو
بہ آهي يا نہ“.

ڏاڍو سٺو: اسان اُن سان اتفاق ٿا ڪريون ۽ اسان
ثابت ڪنداسين تہ اهي رڙيون ڪندڙ خود ئي آهن،
جيڪي سامراجي دور جي خصوصيتن بابت مارڪسي
لينني تجزيي جي مخالفت ٿا ڪن ۽ بيٺڪيت بابت
مارڪسي لينني نظريي کي رد ٿا ڪن، ۽ جيڪي
عملي طور ڳنڍيندڙ (Annexationists) ۽ چٽا سوشل
شاونسٽ ٿي پيا آهن.

بيٺڪيت جو مارڪسي لينني نظريو

بيٺڪيت ڇا آهي؟ اُن جي شروعات ڪڏهن کان ٿي
تاريخ جي مختلف سماجي اقتصادي نظامن تحت ڪهڙيون
مختلف بيٺڪي پاليسيون رهيون آهن؟ مارڪسزم لينن‌زم

اُنهن سوالن جا بلڪل صحيح ۽ چٽا جواب ڏيئي ٿو.
پر اچو ته پهريائين اسان ايسوٽا شاونسٽن جي مارڪسٽ
دشمن خيالن تي نظر وجهون جن جي رد ڏيندڙ مثالن
منجهان اسان اهم سبق حاصل ڪري سگهون ٿا.

ايسوٽا وارا دعوا ٿا ڪن ته سرمايه داريءَ جي ترقيءَ
کان اڳ ۾ بينڪيت جو وجود ئي ڪونه هئو. اهي
اسان کي ٻڌائن ٿا ته ”مارڪسي، ليننی، سياسيءَ اقتصادي
سوچ مطابق پراڻي اسٽائيل جي بينڪيت رڳو سرمايه داريءَ
جي هڪ هٽي کان اڳ (Pre-Monopoly) واري
مرحلي جي پيداوار آهي ۽ ٿي سگهي ٿي، ۽ نئين اسٽائيل
جي بينڪيت رڳو هڪ هٽي (Monopoly) واري
سرمايه داريءَ جي پيداوار آهي ۽ ٿي سگهي ٿي“. پنهنجي غلط
راين کي صحيح ثابت ڪرڻ خاطر هو ڄاڻي واڻي ان
سوال تي لينن جي خيالن کي ڏوڙي مروڙي پيش ٿا
ڪن. سندن چوڻ مطابق: ”ڪامريڊ لينن پنهنجي هڪ
لکڻيءَ ۾ ٻڌايو ته سمورن دليلن جو تت اهو آهي ته
ڪلاسيڪل روم، جنهن جو بنياد غلاميءَ تي رکيل
هئو، ان کي سامراجي طاقت يا بينڪي طاقت چئي
سگهجي ٿو“. پر ڇا واقعي لينن اهو ٻڌايو آهي؟ اسان
چاهينداسين ته لينن پاڻ ڳالهائي ۽ ثابت ڪري ته
شاونسٽ ڪيئن سندس لفظن سان هٿ چراند ٿا ڪن.
لينن چوي ٿو: ”بينڪي پاليسي ۽ سامراجيت سرمايه داريءَ
جي تازه مرحلي کان اڳ ۾ بلڪ خود سرمايه داريءَ

ڪان اڳ ۾ موجود هيون، غلاميءَ تي ٻڌل روم ٻيٺڪي پاليسي اختيار ڪئي ۽ سامراجيت تي عمل ڪيو. پر سامراج بابت عام بحث، جيڪي سماجي ۽ اقتصادي نظامن وچ ۾ بنيادي فرق کي نظرانداز ڪن ٿا يا انهن کي گهٽ اهميت ٿا ڏين، سي لازمي طور هڪ انتهائي بي تڪي ڳالهه ثابت ٿا ٿين، جيئن هيءَ مشابهت: ”عظيم روم ۽ عظيم برطانيه“. خود سرمايه داريءَ جي شروعاتي مرحلن جي ٻيٺڪي پاليسي ۽ مالي سرمايه جي ٻيٺڪي پاليسيءَ ۾ به بنيادي فرق آهي.“*

هن اهم اڪتيءَ ۾ لينن بلڪل واضح، چٽي ۽ سڌي طريقي سان اسان کي ٻڌائي ٿو ته ٻيٺڪ ڄت سرمايه داريءَ کان اڳ ۾ موجود هئي. هو يقيني ڪو ”مجرد دليل“ پيش ڪونه ٿو ڪري جڏهن چوي ٿو ته ”روم، جنهن جو بنياد غلاميءَ تي رکيل هئو، تنهن ٻيٺڪي پاليسي اختيار ڪئي“. لينن جنهن ڳالهه تي زور ڏئي ٿو چاهي سا اها آهي ته مختلف استحصالي سماجي نظامن- غلامي، جاگيرداري ۽ سرمايه داري- پاران اختيار ڪيل ٻيٺڪي پاليسين ۾ بنيادي فرق آهن.

لينن خاص طور تي اهو ڏيکارڻ ٿي چاهيو ته هڪ هٽي سرمايه داري (Monopoly Capitalism) جي ٻيٺڪي پاليسيءَ ۽ هڪ هٽي کان اڳ واري سرمايه داريءَ

---

* لينن: سامراج سرمايه داريءَ جي آخري منزل.

(Pre-monopoly capitalism) جي پاليسيءَ ۾ مکيه
فرق آهي. بنيادي طور هن جي دليلن جو رخ ڪائوتسڪيءَ
جي رجعت پسند خيالن ڏانهن هئو جن اهڙيون احمقانه
ڳالهيون ٿي ڪيون ته هڪ هٽي سرمايه داري "پرامن"
ٿي سگهي ٿي ۽ ضروري ناهي ته اها "مهانگي ۽ خطرناڪ"
بيٺڪي پاليسي اختيار ڪري. لينن ٻڌائي ٿو ته سرمايه داريءَ
جي پري مونوپولي مرحلن دوران ممتاز بورجوا سياستدان
بيٺڪي توسيع پسندي جا مخالف هئا. پر اڻويهين صديءَ
جي آخر ڌاري، جڏهن آزاد مقابلي جي جاءِ هڪ هٽيءَ
والاري تڏهن "وقت جا هيرا" اهي هئا "جن کليءَ عام
سامراجيت جي وڪالت ڪئي ۽ انتهائي انسانيت ڪش
انداز ۾ سامراجي پاليسيءَ تي عمل ڪيو". لينن واضح
ڪري ٿو ته ڪائوتسڪائي سامراج جا مڪمل طور
وفادار ٻچي ويا هئا "چالاڪ ته هن سرمايه داريءَ جي
تازه ترين مرحلي- هڪ هٽي-کي نظرانداز ڪري ڇڏيو هئو".

اهڙيءَ ريت اهو واضح ٿئي ٿو ته لينن ائين ڪونه
ٿو چوي ته بيٺڪيت جو اصطلاح رڳو سرمايه داريءَ
جي حوالي سان ئي استعمال ڪري سگهجي ٿو، هو
جيڪي ڪجهه چوڻ ٿو چاهي سو هي آهي ته سماجي
۽ اقتصادي نظامن جي وچ ۾ بنيادي فرق کي نظر ۾
رکندي (جنهن ۾ پري مونوپولي ۽ مونوپولي سرمايه داريءَ
وچ ۾ فرق شامل آهي) اسان هڪ غلام، جاگيردار
يا سرمايه دار سماج جي بيٺڪي پاليسيءَ بابت ڳالهائي

سگهون ٿا. اها ايسونا جي سوشل شائونسٽ ليڊرن لاءِ هڪ ڪوڙي گوري ڳهڻ جيسي برابر آهي. تنهنڪري اهي لينن جي تعليمات کي بگاڙڻ تي لهي ٿا اچن ۽ سندس بيان جو رڳو هڪڙو حصو پيش ڪري، ٻئي حصي جي جاءِ تي پنهنجا جوڙتو نظريا گهڙيي ٿا ڇڏن.

سامراجي دور جي بينڪي پاليسي

جنتوڻيڪ بينڪيت پيداوار جي سرمائيدارانه طريقي جي نمودار ٿيڻ کان گهڻو اڳيئي موجود هئي پر ان هڪ عالمي نظام جي صورت رڳو سرمائيداريءَ جي آمد ۽ خاص ڪري ان جي هڪ هئي سرمائيداريءَ جي مرحلي تي پهچڻ کانپوءِ اختيار ڪئي. جيڪڏهن اسان جاگيردارانه نظام جي ٽٽڻ کان وٺي (سرمائي جي گڏ ٿيڻ جو شروعاتي عرصو) مالي سرمائي جي اچڻ واري دور تائين جي عرصي تي نظر وجهون ته اسانکي بينڪيت جا ٽي مختلف مرحلا ڏسڻ ۾ ايندا.

پهرئين مرحلي جو تعلق سرمائي جي ابتدائي گڏ ٿيڻ واري عرصي سان آهي، جڏهن بينڪي پاليسي آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني امريڪا جي ملڪن جي انساني ۽ قدرتي وسيلن (غلام، سون، چاندي وغيره) جي بيلغام ڦرلٽ جو هڪ اهم ذريعو هئي. انهيءَ بيلغام ڦرلٽ يورپي بينڪي ملڪن جي سرمائيو گڏ ڪرڻ ۾ نمايان مدد ڪئي ۽ ڪئپيٽلزم (سرمائيداري) جي ترقيءَ کي تيز

ٻڌايو. مارڪس انهيءَ دور کي هيٺين لفظن ۾ بيان ڪيو آهي: ”امريڪا ۾ سون ۽ چانديءَ جو لڀڻ، اصلوڪن باشندن جون پاڙون پٽڻ، انهن کي غلام بنائڻ ۽ کاڻين ۾ پورڻ، ايسٽ انڊيز (مشرقي انڊيا) جي فتح ۽ لوٽ مار جو شروع ٿيڻ، افريڪا جو ڪاري چمڙيءَ جي تجارتي شڪار لاءِ شڪارگاهه ۾ تبديل ٿيڻ، انهن سڀني سان سرمائيدارانه پيداوار لاءِ سهائي صبح جي شروعات ٿي.“

ٻئي مرحلي جو واسطو 'پري مونو پولي ڪئپيٽلزم' جي دور سان آهي جنهن ۾ تيار مال ٻيڻڪن ڏانهن برآمد ڪيو ٿو وڃي ۽ انهن (ٻيڻڪن) کي ڪچي مال ۽ سستي ليبر جي ذريعي ۾ تبديل ڪيو ٿو وڃي.

ٽئين مرحلي جو تعلق 'مونوپولي ڪئپيٽلزم' سان آهي جنهن جي خاص خصوصيت سرمائي جي برآمد آهي. جيئن لينن ٻڌائي ٿو: ”پراڻي ڪئپيٽلزم جڏهن آزاد مقابلي بازيءَ جو مڪمل غلبو هئو، جي خصوصيت شين جي برآمد هئي. ڪئپيٽلزم جي تازه ترين مرحلي جڏهن هڪ هٽيءَ جي حڪمراني آهي. جي خصوصيت سرمايي جي برآمد آهي“. پنهنجي شاندار تخليق 'سامراج سرمائيداري جي آخري منزل' ۾ لينن هڪ هٽي سرمائيداريءَ جي ٻيڻڪي پاليسيءَ جو تفصيلي تجزيو ڪيو آهي. اسان هتي ان مان (سڀ کان وڌيڪ) واسطيدار ٽڪرا پيش ڪنداسين: ”جيترو وڌيڪ سرمائيداري ترقي ڪندي، اوترو وڌيڪ زور سان ڪچي مال جي کوٽ محسوس

ٿينديون، پوري دنيا اندر ڪچي مال جي ذريعن لاءِ تلاش ۽ مقابلي بازيءَ ۾ وڌيڪ شدت ايندي ۽ بينڪن جي حصول جي جدوجهد وڌيڪ سنگين ٿيندي." اڻويهين صديءَ جي آخر تائين سرمائيدار ملڪن "هن دنيا جي اڻ قبايل حصن تي پنهنجو قبضو مڪمل ڪري ورتو. پهريون دفعو دنيا مڪمل طور ورهائجي چڪي آهي تنهن ڪري مستقبل ۾ رڳو ٻيهر ورهاست ئي ممڪن ٿي سگهي ٿي - يعني ته علائقا بي مالڪيءَ جي حيثيت کان هڪ "مالڪ" جي هٿ هيٺ وڃڻ بدران، رڳو هڪ "مالڪ" کان ٻئي ڏانهن منتقل ٿي سگهندا - اهڙا صورتحال جنهن ۾ دنيا اڳيئي ورهايل آهي، انهن لاءِ سازگار آهي جيڪي هر قسم جا علائقا زرعي توڙي صنعتي ٻيهر ورهائڻ جون رٿون رٿي رهيا آهن"، جن منجهان گهڻا ائين پنهنجي فائدي لاءِ گهٽ پر مخالف کي ڪمزور ڪرڻ جي خيال کان وڌيڪ ڪرڻ چاهين ٿا - نيم بينڪن تي قبضو بينڪن (خاص ڪري نئين زياستن جي بينڪن) جي ٻيهر ورهاست لاءِ جدوجهد "مالي سرمائي جي زماني ۾ خاص ڪري شديد ٿئي ٿي جڏهن باقي سڄي دنيا اڳيئي ورهائجي چڪي هجي ٿي". لينن وڌيڪ چوي ٿو: "مالي سرمائي لاءِ اهڙي محڪومي، نهايت موزون آهي ۽ ان مان اهو وڏ ۾ وڏ منافعو حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو جنهن ۾ محڪوم ملڪ ۽ قومون پنهنجي سياسي آزادي وڃائي

ٿا وڃن". چاڪاڻ تہ "صرف بينڪي قبضوني مد مقابل
ساڻ جدوجهد ۾ هڪ شيءِ ڪي سمورن (ممڪن)
اتفاقن کان گارنٽي (تحفظ) مهيا ٿو ڪري جنهن ۾ اهو
اتفاق بہ شامل آهي تہ مد مقابل رياستي هڪ شئي قائم
ڪندڙ قانون ذريعي پنهنجو بچاءُ ڪندو". بهرحال
"سرمايو ايڏي تہ وڏي، بلڪ ائين چئجي تہ ايڏي تہ
فيصلہ ڪن قوت آهي، سمورن اقتصادي ۽ سمورن
بين الاقوامي تعلقات جي سلسلي ۾، جو اها مڪمل آزادي
مائيندڙ رياستن کي بہ پنهنجو محڪوم بڻائي سگهي ٿي
۽ درحقيقت محڪوم بڻائي ٿي". تنهن ڪري "جيئن
تہ اسان سرمايہ دارانہ سامراج جي دور جي بينڪي پاليسيءَ
بابت ڳالهائي رهيا آهيون، اهو ذهن نشين ڪرڻ گهرجي
تہ مالي سرمايو ۽ ان سان وابستہ خارجہ پاليسي، جيڪا
دنيا جي اقتصادي ۽ سياسي ورهاست لاءِ عظيم طاقتن
جي ويڙهہ جي شڪل اختيار ٿي ڪري، رياستي محڪوميءَ
جي ڪيترن (هڪ مان ٻئي ۾) بدلجندڙ طريقن کي
جنم ڏئي ٿي. هن دور جي خصوصيت رڳو ملڪن جا
ٻہ خاص گروپ: بينڪون رکندڙ ۽ بينڪون ڏيندڙ نہ آهي
پر محڪوم ملڪن جا مختلف نمونا جيڪي ڪاغذي
طور سياسي طور آزاد آهن پر حقيقت ۾ مالي ۽ سفارتي
محڪوميءَ جي ڄار ۾ ڦاٿل آهن".

لينن اسان کي رياستي محڪوميءَ جي بدلجندڙ
نمونن جا ڪيئي مثال ڏيکاري ٿو. هڪ نمونو ارجنٽائن

وارو آهي جيڪو ويهين صديءَ جي آغاز تي برطانيه جي جديد بيٺڪ هئو. بلڪل ساڳئي طريقي جيئن اڄ جون جديد بيٺڪون آهن. پهو نمونو پرتگال جو آهي جيڪو پاڻ بيٺڪون رکندڙ ملڪ هئو پر پوءِ به برطانيه جي اقتصادي ۽ سياسي ڪنٽرول هيٺ هئو. لينن لکي ٿو: ”پرتگال سياسي آزاديءَ سان گڏ مالي ۽ سفارتي محڪوميءَ جي هڪ مختلف تصوير پيش ڪري ٿو. پرتگال هڪ آزاد ۽ خودمختيار رياست آهي پر حقيقت ۾ به سو سالن کان وڌيڪ عرصي کان وٺي (1701-1704 واري اسپيني جنگ کانوٺي) اهو برطانيه جي پروٽيڪٽوريٽ (زير حفاظت حڪومت) رهيو آهي. برطانيه پرتگال ۽ ان جي بيٺڪن (Colonies) جي حفاظت ڪئي، ان لاءِ ته جيئن هو پنهنجي حريفن اسپين ۽ فرانس جي خلاف ويڙهه ۾ پنهنجي قبضن کي مضبوط ۽ محفوظ بڻائي سگهي. ان جي بدلي ۾ برطانيه تجارتي فائدا حاصل ڪيا آهن. جهڙوڪ پرتگال ۽ ان جي بيٺڪن ۾ سامان ۽ خاص ڪري سرمايي جي درآمد لاءِ ترجيحي سهوليتون، پرتگال جا بندر ۽ مواصلات وغيره استعمال ڪرڻ جو حق“. لينن آخر ۾ لکي ٿو: ”ننڍين ۽ وڏين رياستن جي وچ ۾ اهڙي قسم جا تعلقات هميشه موجود هئا پر سرمايه دارانه سامراج جي دور ۾ انهن هڪ عام نظام جي شڪل اختيار ڪري ورتي آهي، اهي ”دنيا کي ورهائڻ“ پاليسيءَ جو هڪ حصو آهن ۽ عالمي مالي

سرمائي جي ڪارروائن جي هڪ ڪڙي.

ان سڄي بحث جو تت اهو آهي ته سامراج سرمايه‌داريءَ جو اهو مرحلو آهي جنهن ۾ وڏن سرمايه‌دار ملڪن جي وچ ۾ دنيا جي ورهاست مڪمل ٿي چڪي آهي. سامراج جي هڪ نهايت اهم خصوصيت سامراجي طاقتن جي پاڻ ۾ دشمني ۽ بالادستيءَ لاءِ جدوجهد آهي. جيئن ته دنيا اڳ ۾ ئي ورهايل آهي تنهن ڪري بالادستيءَ لاءِ جدوجهد جو مقصد آهي دنيا جي ٻيهر ورڇ. ٻيڻڪي طاقتون زرعي توڙي صنعتي هر قسم جي علائقن کي پاڻ سان ملائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، ڪن ڪي انهن جي اقتصادي طاقت جي ڪري نه پر سندن جنگي اهميت سبب، ڪن کي پاڻ کي سڌو سنئون فائدو پهچائڻ خاطر نه پر دشمن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ. سامراج جي هڪ ٻي خصوصيت آهي رياستي محڪوميءَ جا مختلف نمونا ايجاد ڪرڻ جيڪي نه رڳو نالي ماتر آزاد پر ٻيڻڪون رکندڙ ملڪن کي به اقتصادي ۽ سياسي طرح محڪوم نيم ٻيڻڪن ۾ تبديل ڪيو ڇڏن. لينن جي مطابق اهي آهن سامراج جي ٻيڻڪي پاليسيءَ جون خصوصيتون.

ايسونا وارا، جيڪي پاڻ کي ٻيڻڪيت بابت ۽ سامراجي دور جي خصوصيتن بابت مارڪسي لينني نظريي جو چئمپين ٿا سڏائن، ڇا اهي سامراجي غلبي جي مختلف نمونن ۽ مالي سرمائي جي ڪارروائن جي زنجير جي مختلف ڪڙين، جيڪي گڏجي ڪري هڪ هئي سرمايه‌داريءَ

جي بيٺڪي پاليسي ڏاهن ٿيون، ڪي ذهن ۾ رکڻ ٿا؟ نہ اهي ڪونہ ٿا رکن. اسان اڳ ۾ ئي ڏيکاري آيا آهيون تہ ڪيئن اهي پري ڪئپيٽلسٽ ڪالونيلزم جي موجودگيءَ بابت لينن جي خيالن کي توڙي مروڙي پيش ٿا ڪن. هيٺ اسان اهو ڏيکاريندا سين تہ ايسوناٰ جا ليڊر ڪيئن لينن جي غير مبهم وارننگ کي نظرانداز ڪندي مختلف سماجي- اقتصادي نظامن جي بيٺڪي پاليسين کي منجهائن ٿا ۽ بيٺڪيت جي هڪ انتهائي ڪٻل، پيٺل، گهٽيا ۽ مشيني تصوير پيش ٿا ڪن. ايسوناٰ ٽولي جي مطابق: ”مارڪسي ليننسي نقطہ نگاہ کان سرمائيداريءَ جي پري مونوپولي مرحلي دوران هڪ ڪالونيءَ (بيٺڪ) جون (سياسي- اقتصادي معنيٰ ۾) ٻہ اهم خاصيتون هيون آهن: (١) بيٺڪي آبادڪارن جي زراعت لاءِ ”آجي“ غير آباد زمين جي موجودگي (٢) ”مادر“ ملڪ ۽ ڪالونيءَ جي وچ ۾ ليبر جي تفريق جي موجودگي جنهن تحت پهريون ملڪ صنعتي سامان جي تياريءَ ۾ مهارت حاصل ڪري جڏهن تہ ڪالوني ڪچو مال تيار ڪرڻ ۾. مونوپولي ڪئپيٽلزم جي مرحلي تي سرمائي جي برآمد جي خاصيت جو مٿي ڄاڻايل ٻن خاصيتن ۾ اضافو ڪرڻ کپي“.

روس جي مرڪزي ۽ سرحدي علائقن جي وچ ۾ بيٺڪي لاڳاپن تي بحث ڪندي لينن ”آجي“ زمين جي موجودگي ۽ تيار مال جي برآمد کي هڪ بيٺڪ

جي وصف لاءِ معيار طور پيش ڪري ٿو. ”مارڪسزم جي روح جي خلاف مارڪسزم جي اکرن“ کي استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ايسونا وارا ان موضوع تي لينن ۽ ٻين انقلابي استادن جي مجموعي خيالن کي ”وساري“ ٿا ڇڏن ۽ ان واهيات نتيجي تي ٿا پهچن ته جيستائين آجي غير مقبوضه زمين تي ٻيٺڪي سيٽلر (آبادڪار) نٿا آباد ٿين (ٻن معيارن مان هڪ) تيستائين ٻيٺڪي لاڳاپو (قائم) ٿي نٿو سگهي.

مارڪس ۽ اينگلز پنهنجي لکڻين ۾ ٻيٺڪن جي مختلف قسمن جو ذڪر ڪيو آهي: ”مڪمل ڪالونيون“ جهڙوڪ آسٽريليا ۽ ڪئناڊا وغيره جن کي آزاد مهاجرن (يورپي آبادڪار ئشندا) ڪالوني بڻايو. ”سوکي ڪالونيون“ جهڙوڪ ويسٽ انڊيز جون ٻيٺڪون جتي زمين تي ڪم ڪندڙ اڪثر آفريڪا مان اغوا ڪيل غلام آهن، ۽ اهڙيون ڪالونيون جن ۾ ديسي آباديءَ ئي رهي ٿي ۽ ڪابه قابل ذڪر سيٽلر (ٻاهران آيل) آبادي ڪانهي جهڙوڪ هندوستان، انڊونيشيا وغيره. لينن ۽ اسٽالن ٻن ٻيٺڪن جي مختلف قسمن ۾ فرق ڪيئي واضح ڪيو. ڇهين ڪومنٽرن ڪانگريس مختلف قسمن جي ٻيٺڪن وچ ۾ فرق (جي اهميت) کي هيٺين ۾ ريت واضح ڪيو. ”سرمائيدار ملڪن جون اهي ٻيٺڪون جن کي انهن پنهنجي زائد آباديءَ کي ورسائڻ لاءِ استعمال ڪيو (آسٽريليا، ڪئناڊا وغيره) ۽ اهي ٻيٺڪون (اڪثر ڪري ايشيا ۽

آفريڪا جا ملڪ) جن کي سامراجي بنيادي طور پنهنجي جنسن جي مارڪيٽ طور ڪچي مال جي ذريعن طور ۽ سرمايي جي برآمد لاءِ بازار طور استعمال ڪن ٿا. * انڊيا ۽ انڊونيشيا جهڙين سرمائيدار ملڪن جي محڪوم قومن کي "ڪالونيون" سڏيو ويو، جيتوڻيڪ انهن ۾ سيٽلر آبادي ڪانہ هئي، اها هڪ اهڙي واضح حقيقت آهي جو ان جي وضاحت ڪرڻ اجائي ٿي لڳي.

بهرحال ايسونا سوشل شاونسٽ انهن حقيقتن کان پوريءَ طرح باخبر آهن. مخصوص ڪيسن تي ڳالهائيندي ٻيٺڪي لاڳاپي جي موجودگيءَ کي صحيح يا "غلط" ثابت ڪرڻ لاءِ اهي رڳو ڪچي مال جي بدلي ۾ تيار شين جي برآمد واري هڪڙي ڪسوٽيءَ کي استعمال ٿا ڪن. تنهن ڪري اهو صاف ظاهر آهي تہ ايسونا وارن پاران ٻين معيارن جو ذڪر رڳو ماڻهن کي بيوقوف بنائڻ لاءِ ڪيو هئو تہ جيئن اهي سمجهن تہ سندن دليل مڪمل طور لينن جي تشريحن تي ٻڌل هئا.

ايسونا ليڊر چون ٿا تہ سامراجي دور ۾ ٻيٺڪي تعلق جي صحيح صورت ڄاڻڻ لاءِ ٻيٺڪي آبادگاريءَ لاءِ آجي زمين ۽ تيار شين جي برآمد وارن خصوصيتن

* 1925 ۾ منعقد ٿيل ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ڇهين ڪانگريس پاران ٻيٺڪن ۽ نيم ٻيٺڪن جي انقلابي تحريڪ بابت منظور ڪيل ٿيسز.

۾ سرمايي جي برآمد واري خصوصيت جو ”اضافو“ ڪرڻ گهرجي. سڀ کان پهريائين ته ”آجي“ غير آباد زمين، جيڪا اسان ڏيکاري آيا آهيون ته پري مونوپولي مرحلي ۾ به بيٺڪي لاڳاپي (جي تعين) لاءِ لازمي ڪسوٽي ناهي، تنهنجو سامراجي دور ۾ ملڻ انتهائي مشڪل آهي. لينن اسانکي ٻڌائي ٿو ته ويهين صديءَ جي شروع ٿيڻ ڌاري ”غير مقبوضه علائقن تي قبضو مڪمل ٿي چڪو هئو“. مقبوضه علائقن (بيٺڪن) ۾ ”بيٺڪي آبادگاريءَ لاءِ آجي تنهور زمين مشڪل سان ٿي ملندي. تنهن ڪري سيٽلر زراعت لاءِ آجي، غير مقبوضه زمين جي موجودگيءَ کي مالي سرمايي جي بيٺڪي پاليسيءَ جي ڪسوٽيءَ طور قبول ڪري نٿو سگهجي. ٻيو ته لينن اٿين ڪٿهن به ڪونه چيو ته سامراجي دور کان اڳ ۾ سرمايي جي برآمد بلڪل ڪانه هئي. هن اهو سيکاريو ته پري مونوپولي مرحلي ۾ شين جي برآمد غالب هئي، جڏهن ته مونوپولي مرحلي ۾ سرمايي جي برآمد غالب آهي. تنهن ڪري ايمونا شاونسٽن پاران سامراج جي بيٺڪي پاليسيءَ جي وضاحت لاءِ شين جي برآمد ۾ رڳو سرمايي جي برآمد واري خصوصيت جي ”اضافي“ ڪرڻ جي ڪوشش بيٺڪي پاليسيءَ جي ٻن طريقن جي وچ ۾ بنيادي فرق کي نظرانداز ڪرڻ جي برابر آهي.

ايمونا وارا پري مونوپولي سرمايه داريءَ جي رڳو

هڪڙيءَ خاصيت کي ڪٿي ٿا يعني ته راڄڌانيءَ ۽ بئنڪ جي وچ ۾ ليبر جي تفريق جنهن تحت بئنڪ کي راڄڌانيءَ جي ڪچي مال جي ذريعي ۽ تيار مال جي منڊيءَ ۾ تبديل ڪيو ٿو وڃي ۽ ان (خاصيت) کي انهيءَ ڳالهه جي واحد ۽ مطلق ڪسوٽي ٿا بڻائن ته ڪٿي بئنڪي تعلق موجود آهي يا نه. اهي مارڪسزم کي بگاڙين ٿا ۽ مختلف سماجي اقتصادي نظامن جي بئنڪي پاليسيءَ وچ ۾ بنيادي فرق ۽ مالي سرمائي جي ڪاررواين جي سلسلي جي ڪڙين کي مدنظر رکڻ جي ضرورت بابت لينن جي لفظن تي ڪن ڌيان کان انڪار ٿا ڪن. هر هڪ ڪيس ۾ ”مادر“ ملڪ ۽ ان جي بئنڪ کي باقي دنيا کان ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندي پڇن ٿا: بئنڪ کان راڄڌانيءَ ڏانهن ايندڙ ڪچو مال ڪٿي آهي؟ ۽ جيڪڏهن ڪوبه ناهي، ته پوءِ هو چون ٿا ته بئنڪي لاڳاپو به ڪونهي. مثال طور اهي ايريٽريا ۽ ايٿوپيا کي باقي دنيا کان مڪمل طور ڪٽيل هڪ شيشي جي پيٽيءَ ۾ رکن ٿا ۽ (پوءِ) دليل ٿا ڏين ته ايٿوپيا سرمايه دار ملڪ ناهي ۽ ڪچي مال جي بدلي ۾ ايريٽريا کي تيار مال برآمد ڪونه ٿو ڪري. تنهن ڪري ايريٽريا ۽ ايٿوپيا جي وچ ۾ بئنڪي تعلق ڪونهي.

ايسونا شاونسٽن جا دليل سامراج جي بئنڪي پاليسي بابت لينن جي تجزيي تي هڪ ڌڪ آهن. اچو ته اسان پرتگال جو مثال وٺون، پرتگال ارڙهين صديءَ جي شروعات وقت سرمايه دار ملڪ ڪونه هئو. پرتگال ۽ ان جي بئنڪن وچ ۾ ليبر جي

تفريق ڪانه هئي جنهن جي نتيجي ۾ پرتگال تيار مال ٻيڻ کان ڏانهن برآمد ڪري سگهي ها- ها (پوءِ به) ليڪن پرتگال کي هڪ ڪالوني رکندڙ ملڪ سڏي ٿو- مٿي حوالو ڏنل هڪ لکڻي ۾ ليکڪ اسان کي ٻڌائي ٿو ته ارڙهين صديءَ جي شروعات کان وٺي پرتگال هڪ برطانوي پروٽيڪٽوريٽ (سنيال ُهيٺ ملڪ) هئو ۽ برطانيه کي پرتگال ۽ ان جي ٻيڻ ۾ مال ۽ سرمايي جي درآمد جا ترجيحي حق حاصل هئا. 1703 ۾ برطانيه ۽ پرتگال ميٿوئن معاهدي تي صحيحون ڪيون جنهن مطابق برطانيه جي ڪپڙي ۽ ٻين تيار شين کي پرتگال ۾ مفت داخلا جو حق ڏنو ويو ۽ ان جي بدلي ۾ پرتگالي شراب کي انگلينڊ ۾ داخلا جو ترجيحي حق- انهيءَ انتظام نه رڳو ڪپڙي جي ابتدائي صنعت جي ترقيءَ کي تباهه ڪيو پر زمين ۽ ليبر کي کاڌي جي بنيادي شين کان شراب جي پيداوار ڏانهن منتقل ڪري ڇڏيو- نتيجي طور پرتگال وڏيڪ محتاجيءَ جي ڪڏ ۾ هليو ويو ڇاڪاڻ ته قومي پيداوار جو هڪ وڏو حصو کاڌي پيتي جون شيون درآمد ڪرڻ تي خرچ ٿي رهيو هئو- اهڙيءَ ريت پرتگال جي حيثيت برطانوي اقتصاديات جيهڪ ضميمي (Supplement) واري بڻجي ويئي.

ارڙهين صديءَ جي بلڪل آخر ڏاري پرتگالي صنعت پراميد انداز سان ترقي ڪرڻ شروع ڪئي پر هڪ دفعو وري برطانيه طرفان مقابلي جي نتيجي ۾ تباهه ٿي

ويٺي، جنهن صنعتي انقلاب جي نتيجي ۾ تمام وڏي پيماني تي ۽ تمام سستو سامان تيار ڪرڻ شروع ڪيو. 1808 ۾ برطانيه برازيل جي بندرن کي سڌي انگريز واپار لاءِ کولڻ تي مجبور ڪيو. 1825 ۾ برازيل آزاديءَ جو اعلان ڪيو. هڪ پرتگالي ليکڪ اسرنڊز پرتگالي صنعت تي انهن واقعن جي اثر جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي: "پنهنجي صنعتي پيداوار لاءِ مختلف مارڪيٽ جي وڃائڻ سان جيڪو خاص ڪري برازيل ۾ هئو، ۽ خود پرتگال ۾ غيرملڪي تيار مال جي مقابلي بازيءَ کي روڪڻ ۾ ناڪاميءَ سان اسان پاڻ پنهنجي ڪارخانن کي عملاً تباهه ڪيو".

تنهن ڪري اسان ڏسون ٿا ته اڻويهين صديءَ جي پهرين چوٿائيءَ تائين پرتگال ۾ ڪا به قابل ذڪر صنعت ڪانه هئي ۽ اهو سرمايه دار ملڪ ڪونه هئو. پري ڪئپيٽلسٽ (سرمايه داريءَ کان اڳ جي) پيداوار جو پرتگال تي وڏي پيماني تي غلبو هئو. پرتگال جي بينڪي پاليسيءَ جا اهم جزا آفريڪا کان غلامن جو واپار، سون ۽ چانديءَ جي ڦرلٽ ۽ برازيل کان تماڪ ۽ کنڊ جي برآمد هئا. ان جي بدلي ۾ پرتگالي تيار ٿيل شيون نه پر برطانوي تيار ٿيل شيون بيٺڪن ڏانهن موڪليون وينديون هيون (۽ خود پرتگال ۾ استعمال ٿينديون هيون).

اڻويهين صديءَ جي آخر ۾ جڏهن سرمايه داري

پنهنجي آخري منزل سامراج تي پهتي، پرتگال اڃا به ڪا خاص صنعت اپاري ڪونه سگهيو هئو ۽ ڪالونين (بيٺڪن) ۾ سيڙائڻ لاءِ وٽس ”دولت جا زائد ذخيرا“ ڪونه هئا. درحقيقت جيڪڏهن اٿ جي مال جي ورهاست تي سامراجي طاقتن جي مفادن ۾ ٽڪراءُ نه ٿئي ها ته پرتگال بالادستيءَ لاءِ عمومي طور ۽ آفريڪا کي ڦٻائڻ لاءِ خصوصي طور سامراجي جدوجهد جي موجودگيءَ ۾ پنهنجون بيٺڪون برقرار نه رکي سگهي ها. ايملڪار ڪبرال اسان کي ڏسي ٿو ته: ”ٻين بيٺڪي طاقتن جي لالچ جو توڙ ڪرڻ لاءِ ۽ پرتگالي ڪالونين ۾ پنهنجي مفادن جي حفاظت لاءِ انگلينڊ بهترين حل اهو لڌو ته ان پنهنجي نيم بيٺڪ (پرتگال) جي ”حقن“ جو دفاع ڪيو. اهو ئي سبب هئو جو مثال طور پرتگال موزمبيق جي سڄي ايراضي جي 17 سيڪڙي تي انگريزن جي زير ڪنٽرول هڪ خانگي ڪمپنيءَ کي خودمختياريءَ جا حق ڏيئي ڇڏيا“. پرتگالي بيٺڪن ۾ زراعت جي ترقيءَ ۽ ڌاتن جي کوٽا لاءِ فرانسيسي، جرمن ۽ ٻين سرمايه دارن کي وسيع ايراضين تي رعايتون ڏنيون ويون.

رڳو ويهين صديءَ ۾ گهڙڻ کان پوءِ ئي پرتگال ۾ سرمايه دارانه پيداوار ـــ جيتوڻيڪ ان تي به غير ملڪي سرمايي جو غلبو هئو ـــ غالب حيثيت حاصل ڪري سگهي. پوءِ به پرتگالي ڪالونين تي غلبو پرتگالي نه

پڻ برطانوي، آمريڪي، فرانسيسي ۽ جرمن سرمايي جو هئو. پرتگال بينڪن جو اڪثر ڪچو مال پرتگال جي بجاءِ امريڪا، برطانيه وغيره ڏانهن ويندو هئو. ساڳيءَ طرح بينڪي منڊيون پرتگال جي بجاءِ برطانيه، امريڪا، فرانس، مغربي جرمني وغيره جي تيار ڪيل مال سان ڀريون پيون هونديون هيون. حقيقت ۾ پرتگالي نوآبادگارن جي حيثيت سامراجي ملڪن جي اقتصادي ڇرپر تسان ڏيل ۽ مسواڙ وصول ڪندڙ ”ڪمشنر“ ۽ سامراجين جي مفادن جي چوڪيداري ڪندڙ ”مقامي پوليس مئن“ واري هئي صحيح ڳالهه ته اها آهي ته انگولا، موزمبيق وغيره پرتگالي ڪالونيون نه پر امريڪي ۽ برطانوي بينڪون هيون. ڪبرال پرتگال جي بينڪي رول کي مختصر نموني هيئن ٿو بيان ڪري: ”دراصل پرتگال جي حيثيت ان کان وڌيڪ ڪجهه به ناهي ته اهو عالمي سامراج جي خدمت لاءِ اسانجي ملڪن (گني بساؤ، انگولا وغيره) جي انساني ۽ مادي وسيلن جو (ڪڏهن ڪڏهن ساڙيلو) محافظ رهيو آهي“.

مختصر اهو ته ويهين صديءَ تائين پرتگال هڪ سرمايه دار ملڪ نه بڻيو هئو ڇاڪاڻ ته (تيستائين ان ۾) پري ڪئپيٽلسٽ (سرمايه داريءَ کان اڳ جي) رشتن جو غلبو هئو. ليبر جي تفريق ڪانه هئي جنهن جي نتيجي ۾ پرتگال ڪچي مال جي بدلي ۾ تيار مال بينڪن

کي برآمد ڪري سگهي ها. پرتگال پاڻ سياسي ۽ اقتصادي طور برطانيه جو محتاج هئو. اهو برطانيه جي نيم بيٺڪ هئو جيڪو (برطانيه) پرتگال ۽ ان جي ڪالونين کان ڪچو مال وٺندو ۽ پرتگال ۽ ان جي بيٺڪن کي تيار مال مهيا ڪندو هئو. پوءِ به لينن بلڪل درست پرتگال کي بيٺڪن جو مالڪ ملڪ قرار ڏنو.

آڪٽوبر انقلاب جي موقعي تي لکندي لينن پرتگال (۽ ارجنٽائين) جو مثال ڏيئي سمجهايو ته محڪوميءَ جا عارضي (بدلجندڙ) نمونا سامراج جي بيٺڪي پاليسيءَ جو هڪ اهم حصو آهن. محڪوميءَ جا بدلجندڙ نمونا جن جو لينن ذڪر ڪيو آهي، ٻي عالمي جنگ کان پوءِ واري عرصي ۾ عالمگير پئماني تي زور وٺي ويا ڇو ته سامراجي (ان وقت) سابق بيٺڪي ملڪن ۾ پنهنجي مفادن جي تحفظ خاطر مختلف ۽ دغابازيءَ وارا طريقا ۽ اڏکلون اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي وياه اهي تبديليون طاقتور قومي آزاديءَ جي تحريڪن ۽ انقلابي مزدور تحريڪن جي اڀار جي نتيجي ۾ آيون جن جي ڪري سامراجي سڌي بيٺڪي راڄ واري پاليسي ترڪ ڪرڻ تي مجبور ٿيا. جيئن اسٽالن ٻڌايو: ”سرمايه دار ملڪن ۾ انقلابي تحريڪ جي اچوڪي صورتحال ۾ جڏهن غيرملڪي فوجن جي سڌي مداخلت جي نتيجي ۾ احتجاج ۽ ٽڪراءَ جا امڪان وڌيل آهن، مداخلت وڌيڪ لچڪدار صورتون اختيار ڪري ويئي آهي.

اڇوڪي صورتحال ۾ سامراج محڪوم ملڪ ۾ مداخلت لاءِ هيٺين طريقن کي ترجيح ٿو ڏئي، اتي سول وار (خانہ جنگيءَ) کي منظم ڪرڻ، انقلاب جي مخالفت ۾ انقلاب دشمن قوتن جي مالي مدد ڪرڻ، پنهنجي ايجنٽن جي اخلاقي ۽ مالي مدد ڪرڻ".*

جيتوڻيڪ جديد بيئنڪيتي ارجنٽين ويهين صديءَ جي شروعات وقت مروج طريقي ڪان مختلف هئو پر جديد بيئنڪيت سامراج جي بيئنڪي غلبي جو اهم روپ ٻي عالمي جنگ کانپوءِ ورتو. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني امريڪا جي ملڪن هڪ ٻئي پٺيان قومي آزادي حاصل ڪئي پر تقريباً ساڳئي وقت انهن کي جديد بيئنڪون ٻڌايو ويو. فوجي ۽ اقتصادي "امداد" جي نالي ۾ سامراجي ملڪن "آزاد" ملڪن ڏانهن سرمايي ۽ جنسن جي برآمد شروع ڪئي، پنهنجا فوجي اڏا قائم ڪيا، لڪل غدارن ۽ ايجنٽن جي پالنا ڪئي ۽ (اهڙيءَ ريت) انهن ملڪن کي غلام بڻايو. سامراجي طاقتن "آزاد" ملڪن جي اندروني معاملن ۾ وحشيانہ مداخلت ڪئي ۽ پنهنجي وسيع جديد نوآبادياتي شهنشاهيت کي برقرار رکڻ لاءِ سياسي ڏوڪي بازيءَ سان گڏوگڏ فوجي مهم‌جوئيءَ کي پڻ استعمال ڪيو.

جيتوڻيڪ جديد بيئنڪيت بلاشڪ ٻي عالمي جنگ کان پوءِ جي دور ۾ سامراجي غلبي جو سڀ کان وسيع

---

* اسٽالن "چيني انقلاب بابت"

طريقو آهي، اهو مظلوم قومن کي غلام بنائڻ لاءِ سامراجين پاران اختيار ڪيل مختلف دغابازيءَ وارن طريقن منجهان رڳو هڪ آهي. جديد بيڻڪيت سامراجين پاران جديد بيڻڪي ملڪن جي رسمي آزاديءَ کي قبول ڪرڻ جي اجازت ڏني ٿي. سياسي قوت رسمي طور مقامي رجعت پسند حڪمرانن جي هٿ ۾ رهي ٿي جيڪي سامراج جي ايجنٽ جو ڪردار ادا ٿا ڪن. بهرحال جيڪڏهن مقامي حڪمران طبقن هٿان سامراجي مفادن جو تحفظ نٿو ٿي سگهي چاڪاڻ ته مقامي حڪمران طبقا تمام ڪمزور آهن يا عوام جي انقلابي تحريڪ تمام طاقتور آهي يا جيڪڏهن سامراجي مفادن جو تحفظ هڪ اهڙي ڌاريءَ قوت کي بيڻڪي اختيار سونپڻ ذريعي بهتر نموني ٿي سگهي جنهن جا پنهنجا بيڻڪ جي باري ۾ مفاد ۽ دعوا هجن ته پوءِ سامراجي، عوام کان نالي ماتر قومي آزادي به ڦرڻ ۽ مختلف قوتن کي پنهنجي هٿيار طور استعمال ڪرڻ ذريعي سڌو بيڻڪي راڄ برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهڙي صورتحال جا مثال آهن فلسطين، ڏکڻ آفريڪا، ازانيه ۽ زمبابوي* جن کي سيٽلر ڪالونين ۾

* زمبابوي جيڪو انگريزن جي قبضي ڪانپوءِ روڊيشيا سڏجي ويو هو سو 1965 ۾ اڇن اسمٿ جي اڳواڻيءَ ۾ گورن جي (انگريزن جي حمايت سان) يڪطرفه اعلان آزاديءَ ڪانپوءِ سيٽلر ڪالوني سڏجي ويو. پر.
(صفحي ١١٦ تي)

تبديل ڪيو ويو آهي ۽ زمبيبوا، مشرقي تيمور، (مغربي) صحارا ۽ ايريٽريا جن جي بيٺڪي حيثيت تبديل نہ ٿي آهي. جيتوڻيڪ بيٺڪي اختيار سامراجي ملڪن وٽ نہ پر توسيع پسند پاڙيسري ملڪن وٽ آهي جيڪي سامراج جي هٿيار طور ڪم ڪري رهيا آهن. اچو تہ انهن مثالن جو وڌيڪ گهرائيءَ سان جائزو وٺون.

يهودي عوام لاءِ "وطن" جي قيام جي پردي ۾ فلسطين جي برطانيہ هٿان استحصال جاري رکڻ لاءِ ۽ عرب دنيا اندر هڪ سامراجي چونڪي جي قيام لاءِ صيهوني بيٺڪيت (Zionist Colonization) کي استعمال ڪيو ويو. جيئن ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ٻي ڪانگريس جي ٺهراءُ ۾ چيو ويو، يهوديت "فلسطين ۾ يهودي رياست قائم ڪرڻ جي بهاني دراصل فلسطين (جتي يهودي مزدور تمام ٿوري تعداد ۾ آهي) جي محنت ڪش عوام کي برطانيہ جي استحصال لاءِ پيش ٿي ڪري". برطانوي سامراج جي هٿيار طور پنهنجي رول بابت يهوديت پسند ليڊر بلڪل واضح هئا. شائم وائيزمين، جيڪو بعد ۾ اسرائيل جو پهريون صدر مقرر ٿيو، لکي ٿو: "اسان پنهنجو قومي ۽ صيهوني (Zionist) مقصد (برطانوي سامراج جي) خارجہ آفيس ۽ شاهي جنگي ڪابينہ جي حوالي ڪري ڇڏيو آهي ان اميد تي تہ مسئلي تي شاهي

ڏڪهي هٿيار بند جدوجهد ڪانپوءِ 1980ع ۾ وري زمبابوي جي نالي سان آزاد ملڪن جي صف ۾ شامل ٿيو.
مترجم

مفادن جي روشنيءَ ۾ غور ڪيو ويندو“.

بعد ۾ جڏهن امريڪا سامراجي ڪئمپ جو مهندار بڻيو ته صيهونيت پسند (Zionists) امريڪي سامراج جا چاڙتا بڻجي ويا. جڏهن امريڪا زيونسٽ ڪالونيل سيٽلرز (Zionist Colonial Settler) رياست جي قيام کي قانوني چوغو پارائڻ لاءِ اقوام متحده کي استعمال ڪيو تڏهن بن گوريان (امريڪي) صدر ٽرومين کي ٿورو مڃڻ لاءِ خط لکيو: ”امريڪي حڪومت توهانجي رهنمائيءَ ۾ (سامراج جي) قيادت جون جيڪي ذميواريون پنهنجي هٿ ۾ کنيون انهن جي ڪري ئي يهودي رياست جو قيام ممڪن ٿي سگهيو“.

اهڙيءَ ريت اسان ڏسون ٿا ته يهودين جي هجرت ۽ فلسطينين جي زوري بيدخليءَ ذريعي سامراج جي چرچ تي، ان جي مڪمل حمايت سان ۽ ان جي مفادن خاطر فلسطين سرزمين تي هڪ سيٽلر بيٺڪي حڪومت قائم ڪئي ويئي. 1947 تائين فلسطين هڪ برطانوي نوآبادي هئي. بيٺڪي اختيار برطانوي سامراجين وٽ هئو جن جو اقتصاديات تي پڻ غلبو هئو. 1948 ۾ سامراجين پهرين اسرائيلي جارحيت جي جنگ (1948) لاءِ پنهنجي حمايت ۽ اقوام متحده کي استعمال ڪندي بيٺڪي اختيار زيونسٽن (يهوديت پسندن) جي حوالي ڪيو جڏهن ته انهن (برطانيه ۽ بعد ۾ امريڪا) اقتصاديات تي پنهنجو

ڪنٽرول جاري رکيو.

صيهوني رياست قائم ڪرڻ سان سامراجين نه رڳو فلسطين ۾ پنهنجي اقتصادي مفادن کي محفوظ بڻايو پر عرب ۽ ٻين افرو-ايشيائي عوام جي قومي آزاديءَ جي تحريڪن کي ڪچلڻ لاءِ هڪ سامراجي چونڪي پڻ قائم ڪئي. سامراجي مفاد فلسطين جي زيونسٽ ڪالونائيزيشن ذريعي ئي بهتر نموني محفوظ ٿي سگهيا ٿي. جيئن يهوديت پسندن پاڻ دعوا ڪئي ته: ”برطانوي قوت لاءِ وچ اوڀر ۾ سڀ کان محفوظ قلعو يهودي فلسطين ئي آهي“. سامراجين ٻاهرين فلسطيني عوام کي قومي آزاديءَ جي سندن قانوني حق کان محروم ڪيو جنهن لاءِ هنن سخت جدوجهد ڪئي هئي. اڄ ڏينهن تائين عوام زيونسٽ سيٽلر حڪومت ۽ ان جي سامراجي آقائن پاران جاري ٻيڻڪي ڏاڍ هيٺ لوڙي رهيا آهن.

ڏکڻ آفريڪا ۽ زمبابوي سيٽلر ڪالونيل حڪومتن جا ٻه وڏيڪ مثال آهن. ڏکڻ آفريڪا 1899-1902 واري اينگلو-بوئر جنگ ۾ برطانوي سامراج هٿان هالنڊ جي شڪست کانپوءِ برطانوي نوآبادي بڻيو. 1909 ۾ برطانوي پارليامينٽ ڏکڻ آفريڪا ايڪٽ پاس ڪيو جنهن تحت ڪيپ، ناٽال، ٽرانسوال ۽ آرينج فري اسٽيٽ کي ڏکڻ آفريڪا ۾ ضم ڪيو ويو ۽ انتظامي ذميواري اڇوتن ٻيڻڪي حاڪمن جي حوالي ڪئي ويئي. ڏکڻ آفريڪا کي برطانوي ڪامن ويلٿ اندر هڪ ”آزاد“ رياست

قرار ڏنو ويو. بهرحال جيئن پڻ آفريڪنسٽ ڪانگريس جي هڪ دستاويز ۾ چيو ويو آهي: "هڪ غير ملڪي سفيد اقليت ڪي هڪ طرفي نام نهاد آزادي ڏيڻ کو ڊيڪالونائيزيشن (بيئڪي نظام جو ٽٽڻ) جو عمل ڪونه هئو پر بيئڪي اختيار جي منتقلي هئي جنهن سفيد حڪومت لاءِ ڊومينين مرتبي جي صورت اختيار ڪئي".
ڪومنٽرن جي ڇهين ڪانگريس (192x). پڻ ڏکڻ آفريڪا بابت ساڳيو تجربو پيش ڪيو: "ڏکڻ آفريڪا بيئڪي قسم جو هڪ برطانوي ڊومينين آهي- سرمايه دارانه پيداواري رشتن جي ترقيءَ برطانوي سامراج کي ڏکڻ آفريڪا جي سفير بورجوازيءَ جي مدد سان ملڪ جي اقتصادي استعمال جاري رکڻ ۾ مدد ڏني آهي.... بهرحال ان سان ڏکڻ آفريڪا جي اقتصاديات جو عام بيئڪي ڪردار تبديل ڪونه ٿو ٿئي چاڪاڻ ته برطانوي سرمايي جو اڃا به ملڪ جي اهم اقتصادياتي پوزيشنن تي قبضو آهي.... ۽ چاڪاڻ ته نيگرو آباديءَ جي بيرحمانه استحصال ۾ ڏکڻ آفريڪي بورجوازيءَ کي به اوتري ئي دلچسپي آهي.... غير ملڪي استحصالن تشدد ذريعي ملڪ تي قبضو ڪيو ۽ مقامي ماڻهن کان زمينون کسيائون".
ڪومنٽرن جو تجزيو بلڪل واضع آهي- جيتوڻيڪ ڏکڻ آفريڪا کي "آزاد" قرار ڏنو ويو، ڏکڻ آفريڪا جا ڪارا باشندا اڃا تائين بيئڪي ڏاڍ جو

شڪار آهن. برطانوي سامراج بيٺڪي اختيار سيٽلر بورجوازيءَ کي منتقل ڪيو ۽ ان سان بهتر نموني آفريڪي عوام غلام بڻجي تي سگهيا ۽ سندس وسيع فائدا محفوظ ٿي ٿي سگهيا. جيتوڻيڪ سفيد سيٽلر بورجوازي هڪ حد تائين عوام جي استحصال ۾ شريڪ آهي پر غلبو برطانوي سرمايي جو آهي.

ان تجزيي کي بنياد بڻائيندي ڪومنٽرن ”هڪ هاري - مزدور جمهوريه ڏانهن قدم طور هڪ آزاد، ديسي (مقامي تي مشتمل) ڏکڻ آفريڪي جمهوريه“ جي گهر ڪئي ۽ واضع ڪيو ته ان نعري جي ڪنهن به قسم جي مخالفت جو مطلب ”ان صحيح اصول کان مڪمل انڪار“ جي برابر ٿيندو ”ته ڏکڻ آفريڪا تي ديسي (مقامي) آباديءَ جو حق آهي“.

ڏکڻ آفريڪا جي صورتحال اڄ به بنيادي طور ساڳي آهي. جيتوڻيڪ ڏکڻ آفريڪا جو شمار آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني امريڪا جي سرمايه دارانه طور سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته ملڪن ۾ ٿئي ٿو، پوءِ به اهو هڪ نوآبادياتي، نيم جاگيردارانه ملڪ آهي*. آفريڪي آبادي

* ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي نيم بيٺڪي (بيٺڪي) ۽ نيم جاگيردار ملڪن ۾ سرمايه دارانه ترقي جي سطح ۾ تمام وڏو فرق آهي. ڪجهه ملڪن ۾ (ڏکڻ آفريڪا، انڊيا، برازيل، ڏکڻ آفريڪا وغيره)

(باقي صفحه ١٢١ تي)

جو ٻه ڀاڱي تي ڪان وڏيڪ حصو ٻهراڙين ۾ تو رهي جتي ڪابه صنعت ۽ ڪوبه وڏو شهر موجود ڪونهي- ان ڪان علاوه سرمايه دارانه ترقيءَ جي نسبتاً اعليٰ سطح ڏکڻ آفريڪي نه ٻاڪ برطانوي ۽ امريڪي سرمايي جي ڪري. آهي جن جو اچا تائين ڏکڻ آفريڪي معشيت تي ڪنٽرول آهي ۽ آفريڪي (ازانين) عوام جي دولت ۽ محنت جي استحصال منجهان اربين ڊالر منافعو ڪمائي رهيا آهن. حقيقت ۾ ڏکڻ آفريڪا، سرمايه دارانه طور وڏيڪ ترقي يافته نيم بيٺڪيتي، نيم جاگيردارانه ملڪن

سرمايه داري (جيتوڻيڪ ان تي غلبو غير ملڪي سرمايي جو آهي) نسبتاً اعليٰ ترقي يافته آهي- ٻين (مصر، ايران وغيره) ۾ سرمايه دارانه ترقيءَ جي سطح، وري به نسبتاً ڪافي مٿانهين آهي ۽ ڪجهه ٻين ملڪن (آومان، ايٿوپيا سوڊان وغيره) ۾ سرمايه دارانه ترقيءَ جي سطح تمام هيٺانهين آهي- انهن ملڪن ۾ مقامي بورجوازيءَ جي ترقيءَ جي سطح سرمايه داريءَ جي ترقيءَ جي سطح جي حساب سان مختلف آهي. بهر حال اهي سڀئي ملڪ بنيادي طرح نيم جاگيردار، نيم بيٺڪيتي ملڪ آهن جتي ڪئپيٽلسٽ پراڊڪشن (سرمايه دارانه پيداوار) پري ڪئپيٽلسٽ پراڊڪشن (سرمايه داريءَ کان اڳ جي پيداوار) سان گڏو گڏ تي هلي- انهن سڀني ۾ (مقامي) بورجوازي عام ماڻهوءَ جي استحصال ۾ شريڪ آهي جيتوڻيڪ غالب قوت غير ملڪي سرمايو آهي.

جهڙوڪ انڊيا، برازيل، ڏکڻ ڪوريا وغيره ڪان ڪنهن به طرح مختلف نه هجي ها پر صورتحال اها آهي تہ هتي رسمي سياسي اقتدار مقامي حڪمران طبقن جي بجاء سيٽلر بيٺڪي حڪومت جي هٿ ۾ آهي.

زمبابوي ۾ پڻ ساڳي صورتحال آهي جيتوڻيڪ اتي سيٽلر بيٺڪي حڪومت تمام تازو يعني نومبر 1965 ۾ قائم ٿي آهي. بهرحال برطانوي سامراج سفيد اقليت کي پاڏائتي سرڪار (Self-Government) جو اختيار 1923 ۾ ئي ڏيئي ڇڏيو هئو ۽ سمٿ جي يڪ طرفہ اعلان آزادي، سان صحيح معنيٰ ۾ ڪوبہ فرق نہ پيو.

جيئن اڳ ۾ ٻڌايو ويو ڏکڻ آفريڪا ۾ بيٺڪي سيٽلر حڪومت 1910 کان وٺي قائم آهي. ڏکڻ آفريڪي نسل پرست حڪومت آفريڪي (ازانين) عوام کي انهن جي خود اختياري ۽ آزادي، جي حق کان محروم رکيو آهي - پر ڳالهہ رڳو اها بہ ناهي- ڏکڻ آفريڪا جيڪو پاڻ، جيئن اسان ڏيکاريو آهي، هڪ بيٺڪيتي ۽ نيم جاگيردار ملڪ آهي سو نميبيا کي 1915 کان وٺي ڪالوني بڻايو ويٺو آهي*. نميبيا ڏکڻ آفريڪا جي

---

* 1919 ۾ ليگ آف نيشن ڏکڻ آفريڪا کي نميبيا جو "انتظام" هلائڻ جو اختيار ڏنو- جيتوڻيڪ بعد ۾ اقوام متحده ان "اختيار" کي ختم ڪري ڇڏيو پر پوءِ بہ اڄ ڏينهن تائين نميبيا تي ڏکڻ آفريڪا جو بيٺڪي قبضو برقرار آهي.

بيٺڪي قبضي قائم رکڻ جو ان معنيٰ ۾ آهي ته ڏکڻ آفريڪا نميبيا جي عوام کي محڪوم رکڻ خاطر پوليس مٿن ۾ عمل ڪرائيندڙ جو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ اهڙيءَ ريت برطانوي، امريڪي ۽ ٻين سامراجي استحصالن لاءِ ملڪ کي "محفوظ" بڻائي رهيو آهي۔ نميبيا جي استحصال ۾ ڏکڻ آفريڪي سرمائي جو رڳو هڪ مختصر رول آهي. نميبيا جي ڪچو مال ڏکڻ آفريڪا لاءِ نه پر وڏين سامراجي طاقتن جي صنعتن لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي. اهڙيءَ ريت نميبيا تي ڏکڻ آفريڪي نه پر برطانوي ۽ مغربي جرمنيءَ جي تيار ٿيل سامان جو غلبو آهي.

جيئن اسان ڏسي چڪا آهيون ازانيا، زمبابوي ۽ نميبيا بيٺڪيتي ملڪ آهن. رسمي بيٺڪي اختيار سيٽلر اقليت وٽ آهي جن لاءِ سامراجي طاقتن جي مرضيءَ ۽ ڀرپور پٺڀرائيءَ ڪانسواءِ ازانيا، زمبابوي ۽ نميبيا تي بيٺڪي غلبو قائم ڪرڻ ناممڪن هئو. بيٺڪي سيٽلر حڪومتون جن جا مفاد سامراجي طاقتن جي مفادن سان جڙيل هئا سي ڏکڻ آفريڪا ۾ سامراجي مفادن جي نگهداشت بهتر نموني ڪري ٿي سگهيا. * آبادڪار

---

* سامراجي طاقتن جا "فيڊرل اسٽيٽ آف سينٽرل آفريڪا" جي قيام ذريعي گورن آبادڪارن جي حاڪميت کي زيمبيا ۽ ملاويءَ جي عوام تائين وڌائڻ جا ارادا هئا. (صفحي ١٢٤ تي)

حڪومتون "مالي سرمايي جي ڪارروائين جي سلسلي جون ڪڙيون" ۽ ازانيه، زمبابوي ۽ نميبيا جي آفريڪي عوام جي والار (Colonization) لاءِ هٿيار آهن. بهرحال اڄ آفريڪا جي ڏاکڻين حصي جي قومن جي انقلابي تحريڪ جي وڌندڙ لهر سامراج جي وسيع تر مفادن کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي. نتيجي طور سامراجي طاقتون ڏينهن رات ڪنهن جديد بيٺڪي حل جي تلاش ۾ جنبيل آهن ته جيئن رجعت پسند آفريڪي حڪمران طبقن کي (گهٽ ۾ گهٽ نميبيا ۽ زمبابوي ۾) اقتدار منتقل ڪري سگهن ۽ هڪ دفعو وري پنهنجي مفادن کي محفوظ بڻائي سگهن.

آفريڪا جي ڏاکڻين حصي ۾ لاڳو بيٺڪي راڄ

برطانوي سامراج طرفان ٺاهيل ان شرمناڪ فيڊريشن جو مقصد ٽنهي ملڪن ۾ سامراجي مفادن جو تحفظ ڪرڻ ۽ "بليڪ نيشنلزم کي وچ آفريڪا تائين ڦهلجڻ کان روڪڻ" هئو. اها "فيڊريشن" علائقي ۾ انقلاب دشمن جو گڙه بڻجي ويئي. جيئن مثال طور ڪانگو جي سلسلي ۾ ان لمبا جي سامراج دشمن حڪومت جي ڀرپور مخالفت ڪئي ۽ دلال شومبي جي کلم کلا حمايت ڪئي. بهرحال "فيڊريشن مرده باد" جي نعري هيٺ هلايل آفريڪي عوام جي سخت جدوجهد جي سبب فيڊريشن ٿوري عرصي (1953ـ1963) تائين زنده رهي سگهي.

کان ٻورو مختلف قسم جو ٻيڻڪي راڄ مشرقي تيمور، مغربي صحارا، سڪم ۽ ايريٽريا ۾ ترتيبوار انڊونيشيا، مراڪش، ماريطانيه، انڊيا ۽ ايٿوپيا جي ٻيڻڪي قبضي جي صورت ۾ رونما آهي. هتي اسانجي آڏو اهڙا ڪيس آهن جن ۾ سامراجين ٻيڻڪي اختيار پاڙيسري ڇاڙتا حڪومتن کي منتقل ڪيو جيڪي سامراجي مفادن جي محافظ جو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. اچو ته انهن مثالن تي هڪ قريبي نظر وجهون.

مشرقي تيمور چار سئو سالن کان وڌيڪ عرصي تائين پرتگال جي ڪالوني رهيو هئو. سالازار جي فاشسٽ حڪومت جي خاتمي جي نتيجي ۾ مشرقي تيمور جي جدوجهد وڌيڪ شدت اختيار ڪئي ۽ مشرقي تيمور جي آزاديءَ جو انقلابي محاذ (Fretilin) وڌيڪ مستحڪم ٿيو. فريٽلين جي ترقي پسند قيادت هيٺ مشرقي تيمور جي متوقع آزاديءَ امريڪي سامراج جي مفادن، خاص ڪري جنگي مفادن (يعني سامونڊي رستن) کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو. تنهن ڪري فريٽلين پاران مشرقي تيمور جي اعلان آزاديءَ کان رڳو نون ڏينهن بعد امريڪي سامراج انڊونيشيا جي توسيع پسند حڪومت جنهن جون خود علائقي ۾ اکيون هيون تنهن کي مشرقي تيمور تي حملي ڪرڻ تي اڪسايو.* جيتوڻيڪ مشرقي تيموري

* مشرقي تيمور تي انڊونيشيا جي ڀرپور ڪاهه کان صرف چند ڪلاڪ اڳ ۾ صدر فورڊ جڪارتہ جو دورو ڪيو ۽ جنرل سهارتو کي سائي بتي ڏيکاري.

عوام جي بهادرانه مزاحمت انڊونيشي جارحن کي ملڪ جي ويهه سيڪڙو رقبي (جنهن ۾ ڳاديءَ جو شهر دلي شامل آهي) کان وڌيڪ تي قبضو ڪرڻ نه ڏنو آهي) سهارتو جي فاشسٽ حڪومت مشرقي تيمور کي انڊونيشيا جو ”ستاويهون صوبو“ قرار ڏيئي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي قبضي کي قانوني شڪل ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي.

تقريباً ساڳيوٺي عمل مغربي صحارا ۾ دهرايو ويو. اسپين جي بيٺڪي راڄ خلاف ڪئين سالن جي جدوجهد ڪانپوءِ 1975 ۾ پوليساريو (Polisario) جي زيرقيادت صحرائي عوام پنهنجي قومي آزادي حاصل ڪرڻ وارائي هئا جڏهن صحارا جي فاسفيٽ جي ذخيرن ۾ پنهنجي زبردست مفادن جي حفاظت لاءِ پريشان سامراجين مراڪش ۽ ماريطانيه جي رجعت پسند حڪومتن کي جن جا پنهنجا صحارا جي خلاف توسيع پسندانه ارادا هئا. ملڪ (صحارا) تقسيم ڪرڻ ۽ پاڻ سان ملائڻ لاءِ اڪسايو.

نومبر 1975 ۾ اسپين پاڻ کي مغربي صحارا تي بيٺڪي راڄ برقرار رکڻ جو نااهل سمجهندي اسپين، مراڪش ۽ ماريطانيه وچ ۾ ٽيل ته ڏرئي. ميڊرڊ معاهدي تحت بيٺڪي اختيار منتقل ڪيو. ان ڏي معاهدي مغربي صحرا جي فاسفيٽ ۾ امريڪا جي سامراجي مفادن کي تحفظ فراهم ڪيو. مراڪش جيڪو اتر آفريڪا ۾ امريڪي لاڳت جو اهم مرڪز آهي ۽ جنهن جي شهر

ڪنيٽرا ۾ هڪ اهم امريڪي اڏو واقع آهي، سو مغربي صحرا جي فاسفيٽ جهڙي دولت امريڪي سامراج لاءِ محفوظ ڪرڻ جو اهم ذريعو رهيو آهي. صحارا جي ورهاست وقت اتريون حصو جتي فاسفيٽ جون سموريون کاڻيون آهن سو مراڪش جي ”حوالي“ ڪيو ويو. سامراجين محسوس ڪيو ته مغربي صحارا تي مراڪش جو قبضو ئي اتي سندن بيٺڪي مفادن جي تحفظ جو بهترين طريقو هئو.

ايريٽريا پڻ صدين تائين لڳاتار بيٺڪي راڄ جو شڪار رهيو هئو. اڻويهين صديءَ جي آخر کان وٺي 1941 تائين هڪ اطالوي ڪالوني هئو. 1941 کان 1952 تائين اهو برطانوي بيٺڪي قبضي جو شڪار رهيو. ان وقت جڏهن ايريٽريائي عوام پنهنجي قومي آزادي حاصل ڪرڻ وارا ٿي هئا، جنگي لحاظ کان اهم ايريٽريا تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ امريڪي سامراج ايٽريا کي پنهنجي جديد ڪالوني ايٿوپيا سان ملائڻ لاءِ اقوام متحده کي استعمال ڪيو. جان فوسٽر ڊيسن، ايريٽريا بابت امريڪي ارادن جو اظهار هن ريت ڪيو: ”ڳاڙهي سمنڊ ۾ امريڪا جي اسٽريٽيجڪ (جنگي) مفادن ۽ عالمي امن ۽ سلامتيءَ خاطر اهو ضروري آهي ته ملڪ (ايريٽريا) کي اسانجي اتحادي ايٿوپيا سان ملايو وڃي“. اهڙي نموني ايريٽريائي عوام کي سندن آزاديءَ جي حق کان محروم ڪيو ويو ۽ بيٺڪي قبضي جو شڪار

ٻڌايو ويو.

انڊونيشيا، مراڪش، ماريطانيه* ۽ ايٿوپيا بهرحال نيم بيٺڪي ۽ نيم جاگيردار ملڪ آهن پر پوءِ به ڏکڻ آفريڪا جي سيٽلر حڪومت وانگر اهي ٻين قومن تي بيٺڪي قبضي لاءِ سامراج جي وسيلي جو ڪم ڏيئي رهيا آهن. جيئن ڏکڻ آفريڪا نميبيا کي پنهنجي ڪالوني ٻڌايو آهي، بلڪل ساڳيءَ طرح انڊونيشيا، مراڪش ۽ ايٿوپيا، مشرقي تيمور، مغربي صحرا ۽ ايريٽريا کي پنهنجون ڪالونيون ٻڌايو آهي. جيئن اسان مٿي ٻڌائي آيا آهيون، ڏکڻ آفريڪا ۽ انڊونيشيا، مراڪش ۽ ايٿوپيا سندن سرمايه دارانه ترقيءَ جي سطح ۾ فرق هئڻ جي باوجود نيم جاگيردار، نيم بيٺڪي ملڪ آهن. بيٺڪي ملڪن جي حيثيت ۾ سندن رول بنيادي طور پوليس وارن ۽ عمل ڪرائڻ وارن جو آهي جيڪي محڪوم ملڪن ۾

* اسپين طرفان مغربي صحارا مان ٽپڙ ٻڌڻ کانپوءِ مراڪش ۽ ماريطانيه گڏيل طور صحارا تي پنهنجي حاڪميت جي دعوا ڪئي پر بعد ۾ پوليساريو فرنٽ جي لاڳيتي هٿياربند جدوجهد جي نتيجي ۾ ماريطانيه جنگ جاري رکي نه سگهيو ۽ پنهنجي دعوا تان هٿ کڻي ويو جڏهن ته باقي مراڪش امريڪا جي زيرقيادت سامراج جي چرچ ۽ حمايت سان صحارا جي عوام خلاف برسرپيڪار آهي. (مترجم)

سامراجي استحصال جو تحفظ ڪن ٿا ۽ ان خدمت جي بدلي ۾ سامراجي طاقتن کان "ڪميشنون" وصول ڪن ٿا.

رڳو اهي ماڻهو جيڪي غير طبعي سوچ رکن ٿا ۽ ڏکڻ آفريڪا ۽ نميبيا، انڊونيشيا ۽ مشرقي تيمور، مراڪش ۽ صحارا، ايٿوپيا ۽ ايريٽريا کي مالي سرمائي جي دنيا کان ۽ ان جي وابسته بيٺڪي پاليسيءَ کان الڳ ڪري ٿا ڏسن سي ئي اهو دليل ڏيئي ٿا سگهن ته: "هڪڙو نيم جاگيرداري نيم بيٺڪي ملڪ ڪيئن ٿو ٻئي کي ڪالوني بڻائي سگهي؟"

ايسونا شاونسٽ ايريٽريا بابت پنهنجي گڏائڻ واري موقف کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ سامراج جي بيٺڪي پاليسيءَ بابت لينن جي تجزيي کي بگاڙڻ تي لهي آيا آهن. پر رڳو اتي بس ڪانهي. اهي ايترو ته هوا ۾ پرجي ويا آهن جو دعوا ٿا ڪن ته "ڪوبه محنت ڪش طبقي جو حقيقي سوشلسٽ ملڪ ايريٽريا ۾ اهڙن پين سوالن کي بيٺڪي ڇڏي نٿو سگهي". بهرحال حقيقتون ايسونا وارن جي انهن دعوائن کي رد ٿيون ڪن. اچو ته ڪجهه مثال ڏسون:

(١) ڪميونسٽ پارٽي آف انڊونيشيا (PKI) مشرقي تيمور تي انڊونيشيا جي قبضي کي بيٺڪي قبضو ٿي سڏي.

(٢) نميبيا تي ڏکڻ آفريڪا جي قبضي کي سڀئي سوشلسٽ ملڪن ۽ مارڪسٽ-لينسٽ پارٽيون ۽ تنظيمون

بيٺڪي قبضو قرار ڏئي چڪيون آهن. *

* ان کان علاوه خود ايريٽريا جو مسئلو جڏهن اقوام متحده جي 1950 واري اجلاس ۾ پيش ٿيو ته سوويت يونين ۽ ٻين عوامي جمهوريتن ان تي جيڪو اصولي موقف ورتو سو ڪتاب ۾ ضميمي طور تفصيل سان ڏنل آهي. هت ان مان ٽڪرا پيش ڪجن ٿا. مترجم

سوويت يونين ۾ سوويت يونين مسلسل ان اصول جي حمايت ڪئي آهي ته ايريٽريا کي آزاد ٿيڻ کپي ۽ سندس اهو موقف موجوده اجلاس ۾ به جاري آهي. اسانجي دليل جو بنياد هي ۽ حقيقت آهي ته سمورن قومن کي خود اختياريءَ جو حق ۽ قومي آزادي ماڻ کپي.... ايريٽريا کي فوري طور آزاد ڪرڻ واري تجويز جي خلاف اهي ئي دليل استعمال ڪيا ٿا وڃن جيڪي هميشه بيٺڪي نظام جي بچاءُ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. مثال طور ته ايريٽريا هڪ پوئتي پيل ملڪ آهي ۽ آزاديءَ لاءِ تيار ناهي ۽ هڪ آزاد ايريٽريا پنهنجي آزادانه اقتصادي ترقي برقرار رکي نه سگهندو..... سوويت وفد ٻين وفدن کي اپيل ٿو ڪري ته اهي ايريٽريا جي آزاديءَ جي حق ۾ ووٽ ڏين ڇاڪاڻ ته اهو ئي هن مسئلي جو منصفاڻو حل آهي. هڪ آزاد ايريٽريا کي حق هوندو ته پاڙيسري رياستن جي سلسلي ۾ سمورن مسئلن جو فيصلو پاڻ ڪري.

(صفحي ۱۳۱ تي)

ڇا ائين تي سگهي ٿو ته ايسونا جا ليڊر انهن حقيقتن کان بي خبر هجن؟ بلڪل نه. جيئن ته اهي

پولينڊ:- اسانجي خيال ۾ هڪ قوم جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ وقت جنرل اسيمبليءَ کي انهن اصولن تي عمل ڪرڻ گهرجي جيڪي اقوام متحده جي چارٽر جو بنياد آهن. يعني ته هڪ جهڙن حقن ۽ خود اختياريءَ جا اصول.... ايريٽريا جي سوال تي آيل دليلن جي گهري جاچ وٺڻ ڪانپوءِ منهنجي وفد جي اها راءِ آهي ته سوويت يونين پاران پيش ڪيل قرارداد ان مسئلي جو بهترين حل آهي. اها قرارداد خود اختياريءَ جي حق تي ٻڌل آهي ۽ ايريٽريا جي فوري آزاديءَ جي گهر ٿي ڪري. منهنجي وفد جي خيال ۾ اهو حل ايريٽريا جي عوام جي امنگن جو آئينه دار ۽ اوڀر آفريڪا ۾ امن ۽ سلامتي جو ضامن آهي.

چيڪوسلواڪيه:- ايريٽريا ۽ ان جي عوام جي مستقبل جي سوال بابت چيڪوسلوڪي وفد جي موقف جو بنياد ان اصول تي آهي ته سمورين قومن کي آزادي ۽ خود مختياريءَ جو حق آهي. ايريٽريا جي عوام کي ان حق کان محروم رکڻ نه رکيو (اقوام متحده جي چارٽر جي ڪلم ڪلا پيچڪڙي ٿيندي پر پنهنجي خودمختياريءَ (۽ آزاديءَ) لاءِ جدوجهد ڪندڙ هڪ ملڪ خلاف امتيازي سلوڪ پڻ.......

مارڪسزم- ليننزم بابت پنهنجي ڄاڻ جون لپاڙون هڻڻ ۽ پين تي مارڪسزم کي نه پڙهڻ جي تنقيد ڪرڻ کان ڪڏهن به بس ڪونه ٿا ڪن، تنهن ڪري اسان آسانيءَ سان چئي سگهون ٿا ته اهي انهن حقيقتن کان پوريءَ ريت باخبر آهن. پر جيئن ته اسان اڳ ۾ ٻڌائي آيا آهيون، ايريٽريا تي پنهنجي حڪمران طبقن جي زوري قبضي کي ڍڪڻ جو شوق کين مارڪسزم، ليننزم، تاريخ ۽ خود حقيقتن کي ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ تي مجبورتو ڪري.

ايريٽريا جي آزادي-واحد صحيح موقف

اسان مٿي ڏيکاري آيا آهيون ته ايريٽريا، ايٿوپيا جي بيٺڪي قبضي جو شڪار آهي جيڪو سامراج جي هٿي ۽ حمايت سان جاري آهي. هيئنر اسان پنهنجي توجه ان سوال تي مرڪوز ڪنداسين ته صحيح موقف ڪهڙو آهي جيڪو ايريٽريائي سوال جي باري ۾ انقلابي قوتن کي اختيار ڪرڻ گهرجي.

۽ اينگلز، جنهن آئرلينڊ کي برطانيه جي پهرين ڪالوني تي سمجهيو، تنهن آئرش سوال تي بحث ڪندي چيو: ”جڏهن وسيع پيٽ آخرڪار هڪ رياست ۾ متحد ٿي ويو ته ان رياست آئرلينڊ کي مڪمل طور هضم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. جيڪڏهن هضم ڪرڻ جو اهو عمل ڪامياب ٿي وڃي ها ته ان جي (ورتل) سڄي وات تاريخ

جو حصو بڻجي وڃي ها. ان تي راءِ تہ قائم ڪري سگهجي ها پر ان کي پوئتي موٽائڻ ناممڪن هئو. پر جيڪڏهن ست سئو سالن جي ويڙهہ ڪانپوءِ بہ هضم ڪرڻ جو اهو عمل ڪامياب نہ ٿيو آهي؛ جيڪڏهن ان جي بجاءِ آئرلينڊ ۾ داخل ٿيندڙن جي سيلاب جي هر لهر کي آئرش هضم ڪري ٿا وڃن؛ جيڪڏهن اڄ بہ آئرش (آئرلينڊ وارا) انگريز (يا جيئن اهي چوندا آهن، مغربي برطانوي) بڻجڻ کان ايترو ڏور آهن جيترو رڳو هڪ سئو سالن جي ظلم ڪانپوءِ پول (پولينڊ وارا) مغربي روسي بڻجڻ کان ڏور آهن؛ جيڪڏهن اڃا تائين ويڙهہ ختم نہ ٿي آهي ۽ ڪا اميد ڪانهي تہ اها مظلوم قوم جي ناس ٿيڻ ڪانسواءِ ڪنهن ٻئي طريقي سان ختم ٿي سگهي ٿي، تہ پوءِ سمورا جغرافيائي عذر ۽ بهانا اهو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ناهن تہ آئرلينڊ کي فتح ڪرڻ انگلينڊ جو مقصد آهي".

جيئن اسان ڏيکاري آيا آهيون پنجويهن سالن کان وٺي ايٿوپيا جون استحصالي حڪومتون ۽ سندن امپيريلسٽ زيونسٽ (يهوديت پسند) آقا ايريٽريائي عوام جي قومي امنگن کي ڪچلڻ بلڪہ ايريٽريائي قوم جي ثقافتي تشخص کي پاڙئون پٽي ان کي طاقت جي زور تي هضم ڪرڻ جون ڪوششون ڪندا رهيا آهن. ايٿوپيائي حڪومتن جون هضم ڪرڻ واريون پاليسيون بهرحال ايريٽرين عوام جي اتساهي حب الوطنيءَ کي دٻائڻ ۾ ڪامياب

ٿي نہ سگھيون. ايريٽرين عوام توسيع پسندن جي انهن دعوائن کي ڪڏهن بہ تسليم ڪونہ ڪيو تہ ايريٽريا ايٿوپيا جو حصو هئو" يا "ايٿوپين شهنشاهيت جو چوڏهون صوبو هئو". انهن ڪڏهن بہ پاڻ کي ايٿوپيائي تصور ڪونہ ڪيو ۽ پنهنجي ملڪ جي زوري ڳڏائڻ جي خلاف ويڙهہ ۾ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳايو. 1950 واري ڏهاڪي جي محب وطن سياسي جدوجهد 1960 ۽ 1970 وارن ڏهاڪن جي هٿياربند جدوجهد کي جنم ڏنو. اڄ اها ڳالهہ غير متنازع (طور ثابت) ٿي چڪي آهي تہ سمورين قوميتن سان واسطو رکندڙ ايريٽريائي عوام- مزدور، هاري، ڏنار، شاگرد، نئيا دڪاندار، دانشور وغيره سواءِ چند غدارن جي- قومي آزادي ۽ عوامي جمهوريت جي ڀرپور ڳهر ٿا ڪن ۽ ان (جي حصول) لاءِ پرعزم جنگ لڙي رهيا آهن.

قومي آزاديءَ لاءِ ايريٽريائيءَ عوام جي غير متزلزل مطالبي ڏانهن دنيا جي ترقي پسند ماڻهن ۾ خاص ڪري ايٿوپيا جي ترقي پسندن کي ڪهڙو موقف اختيار ڪرڻ گهرجي؟ واحد صحيح موقف اهو مطالبو ڪرڻ آهي تہ "ايٿوپيائي جارحو نڪري وڃو" ۽ "ايريٽريا آزاد ٿيڻ کپي." بيءَ صورت ۾ ماڻهو ڳڏائڻ واريءَ پاليسيءَ جو حمايتي بڻجي پوندو. اسان زمبيا، مشرقي تيمور، مغربي صحارا، سڪم ۽ ايريٽريا جي بيٺڪي قبضي جي بنيادي هڪجهڙائي ڏيکاري آيا آهيون. نميبيا جي باري

۾ واحد صحيح موقف ملڪ جي غير مشروط آزاديءَ جي گهر ڪرڻ آهي- ساڳيءَ طرح واحد صحيح موقف جيڪو انڊونيشيا، مراڪش ۽ ايٿوپيا جي انقلابين کي ترتيبوار مشرقي تيمور، مغربي صحرا ۽ ايريٽريا جي باري ۾ اختيار ڪرڻ کپي سو آهي حڪمران طبقن کان مظلوم ملڪ جي غير مشروط آزاديءَ جي گهر- ايريٽريا، صحارا ۽ تيمور جي عوام کي اهو حق آهي ته ظالم قومن جي هر ان انقلابيءَ کي، جيڪو سندن آزاديءَ جي جدوجهد جي حمايت نٿو ڪري، ”هڪ گندو بادشاهت پسند ۽ هڪ سامراجي“ چون-

ايسونا شاونسٽ چون ٿا ته بيٺڪن جي سلسلي ۾ واحد صحيح موقف آهي ”سندن مڪمل ۽ غير مشروط نجات جي ڀرپور وڪالت ڪرڻ“- جيئن اسان ڏيکاري آيا آهيون ته ايريٽريا ڪنهن ايٿوپيائي توسيع پسند حڪومت جي ڪالوني آهي. ايريٽريا جي آزاديءَ جي حمايت ڪرڻ کان انڪار واري پنهنجي ملائيندڙ (Annexatioist) موقف کي لڪائڻ جي ڪوشش ۾ ايسونا وارا ايريٽريا تي ايٿوپيا جي بيٺڪي قبضي تي ليپاپوتي ٿا ڪن ۽ پنهنجي موقف کي درست ثابت ڪرڻ لاءِ مارڪسزم ليننزم کي بگاڙڻ تي لهي ٿا اچن.

ايريٽرين آزاديءَ جي حمايت ۾ (ايندڙ) سيني دليلن کي خاموش ڪرائڻ جي ڪوشش ۾ ايسونا ٽولو مارڪسزم ليننزم کي وڏيڪ ٽوڙي مروڙي پيش ڪرڻ-

تي مجبور ٿو ٿئي. اهي هڪ ”سمنڊ پار“ (Over Seas) ڪالوني ۽ اهڙي ڪالوني جنهن جون سرحدون ”مادر“ ملڪ سان ملنديون هجن، تن جي وچ ۾ هڪ تفريق ڪرڻ، هڪ ديوار چڻن ڪڙي ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. ايسونسا ڏولو اسان کي پڏائي ٿو ته جيڪڏهن ايريٽريا ڏيَ سوال هڪ بينڪي سوال هجي ته ها تڏهن ته ان جي ”پيش ڪرڻ جو طريقو موزمبيق جي سوال جهڙو نه پر زارسٽ روس جي ڪجهه سرحدي علائقن جي قومي بينڪي مسئلي جهڙو هجي ها. پهرئين حالت ۾ اسان جي آڏو هڪ سرمايه دار رياست جي هڪ سمنڊ پار بينڪ آهي جڏهن ته پوئين صورت ۾ اسان جي سامهون ”اندروني“ بينڪيت جو سوال آهي يعني ته هڪ ئي ساڳي رياست جي ڍانچي اندر قومي- بينڪي سوال“.

”سمنڊ پار“ ۽ ”متصل“ بينڪن ۾ سنڌن فرق کي درست ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ شاونسٽ ڏولو لينن جو (غلط) حوالو ٿو ڏئي. پر ڇا لينن به اهڙو فرق ڪيو؟ هڪ دفعو وري اسان لينن کان پاڻ ڪان ڳالهرائيندا سين: ”ڪنهن ٻئي هنڌ ان حقيقت جو ذڪر تي چڪو آهي ته يورپي روس جا ڏاکڻيا ۽ ايرندا سرحدي علائقا، جيڪي اصلاحات کان بعد واري دور ۾ آباد ٿيا، سي اقتصادي معنيٰ ۾ مرڪزي يورپي روس جون بينڪون آهن. بينڪ جو اصطلاح ٻين ٻاهرين علائقن جهڙوڪ ڪاڪيشس سان پاڻ اڃا وڌيڪ ٿو لاڳو ٿئي.

ان ڏکري ۾ لينن بينڪ جو لفظ رڳو ”اقتصادي معنيٰ ۾“ استعمال ڪو ڪري. هو روس جا ۾ علائقا ڪو ڪٿي — جن ۾ ڪي سگهي ڪو سا ڳي قوميت آباد هجي — ۽ انهي جي وچ ۾ بينڪي اقتصادي تعلق جو ذڪر ڪو ڪري جنهن مطابق هڪڙي کي ٻئي جي صنعتن لاءِ ضروري مال پيدا ڪندڙ علائقو بڻايو ڪو وڃي. ڪي سگهي ڪو اتي ڪنهن قسم جو قومي-بينڪي سوال نه هجي، ڪا ظالم يا مظلوم قوم ملوث نه هجي. شايد ان ڪي سبب ڪري ايسونا وارن ان لکڻي جو ’حوالو‘ ڏنو پر ”يورپي روس جا سرحدي علائقا“ جي جملي مان ’يورپي‘ جو نمايان لفظ حذف ڪري ڇڏيو.

ڪاڪوڪاسس، جتي مظلوم قوميتون آباد هيون، ان جو مخصوص ذڪر ڪندي لينن چوي ٿو: ”روس پاران ان تي اقتصادي ”فتح“ سياسي فتح کان گهڻو بعد ۾ ٿي“، جيڪا ان ڳالهه جي وڌيڪ وضاحت آهي ته هو بينڪيت جو رڳو اقتصادي مفهوم جو ذڪر ڪري رهيو هئو، تنهن ڪري صرف اقتصادي مفهوم ۾ به هڪ ئي ملڪ جي (مختلف) علائقن جي وچ ۾ بينڪي تعلق جو تعين ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن ان ۾ (اهڙو) قومي سوال ملوث ڪونهي جنهن کي بينڪي چئي سگهجي. روس بابت ڳالهائيندي لينن واضح ڪو ڪري: ”روس خاص ڪري ٻين سرمايه‌دار ملڪن جي ڀيٽ ۾ فائدي ۾ آهي ڇاڪاڻ ته سندس سرحدي علائقن ۾

بينڪيمت (Colonization) لاءِ آجي زمين ججهوي انداز ۾ ميسر آهي. ايشيائي روس جي ته ڳالهه ئي ڇڏي ڏيو، يورپي روس جي سرحدي علائقن ۾ پڻ زمين موجود آهي جيڪي تمام ڏورانهين هجڻ ڪري ۽ مواصلات جي ناڪاره وسيلن سبب اڃا تائين اقتصادي طور مرڪزي روس سان تمام ڪمزور نموني ڳنڍيل آهن"۔

مٿين ڏڪري مان اهو واضح ٿو ٿئي ته لينن هڪ ئي ملڪ جي ٻن علائقن جي وچ ۾ بينڪي اقتصادي لاڳاپن جي ترقيءَ جو ذڪر ٿو ڪري ۽ ان ڪي ملڪ جي هڪ علائقي ۾ سرمايهداريءَ جي ترقيءَ جو نتيجو قرار ٿو ڏئي. لينن اهڙن ٻن پاڙيسري ملڪن جي حوالي سان سياسي ۽ اقتصادي مفهوم ۾ ڪالونائيزيشن جو ذڪر قطعي ڪونه ٿو ڪري جيڪي زمين جي اهڙئي ڏڪري تي آباد هجن جيڪو سمنڊ رستي الڳ ٿيل نه هجي. ايسونا جا اڳواڻ سمنڊ پار (Over Seas) ۽ غير سمنڊ پار (Non Over Seas) ڪالونين جي وچ ۾ سندن اجائي فرق کي لينن جي خيالن جي روشنيءَ ۾ جائز ثابت ڪري نٿا سگهن. درحقيقت لينن انهن (ماڻهن) کي ڳڏائيندڙ (Annexationei) چئي ننديو جن يورپ جي الحاقن (Annexation) ۽ ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني امريڪا جي الحاقن ۾ فرق ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ (لينن) چيو ته "انهن جو فرق بلڪل اجايو آهي"۔

پر ايسونا سوشل شاونسٽ آخر 'سمنڊ پار' ۽ غير

سمنڊ پار بيٺڪن وچ ۾ اجائي فرق ذريعي حاصل ڇا
ٿا ڪرڻ چاهين؟ ڇو اهي هڪ ئي ملڪ (روس) جي
مختلف علائقن جي وچ ۾ (اقتصادي مفهوم ۾) بيٺڪي
لاڳاپن بابت لينن جي لفظن کي ٽوڙي مروڙي پيش ٿا
ڪن ۽ انهن (لاڳاپن) کي ٻن پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾
سياسي ۽ اقتصادي، بيٺڪي تعلق جي معنيٰ ۾ پيش ٿا
ڪن؟ ايسونا ورا ان جو هي جواب ٿا ڏين: ”روس ۾
بولشويڪن مظلوم قوميتن لاءِ آزاديءَ جي غير مشروط
گهر ڪانه ڪئي جيتوڻيڪ انهن منجهان ڪجهه سينٽرل
روس جون بيٺڪون هيون. نه ئي انهن ظالم ۽ مظلوم
قوميتن جي پرولتارن کي الڳ الڳ منظم ڪيو. پر
انهن کي هڪ ئي پرولتارين پارٽيءَ ۾ متحد ڪيو. تنهن
ڪري جيڪڏهن اهو فرض ڪجو وڃي ته ايريٽريا جو
ايٿوپيا سان تعلق بيٺڪي آهي، تڏهن به ان کي پيش
ڪرڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ اهو طريقو اختيار ڪرڻ کپي
جيڪو روس جي سرحدي علائقن جي قومي بيٺڪي
مسئلن جي سلسلي ۾ اختيار ڪيو ويو. ان ڪري ايريٽريا
جي آزاديءَ جي غير مشروط حمايت نٿي ڪري سگهجي
۽ ايريٽريا ۽ ايٿوپيا جي پرولتاريه کي هڪ ئي انقلابي
پارٽيءَ هيٺ منظم ڪرڻ گهرجي“.

بهرحال اسان ڏيکاري آيا آهيون ته ايريٽريا ۽ ايٿوپيا
جي وچ ۾ ۽ روس جي مرڪزي ۽ سرحدي علائقن جي
وچ ۾ تعلق هڪ ٻئي کان مختلف آهي. ٻنهي صورت

۽ اهو ٻن پاڙيسري ملڪن جي وچ ۾ ٻيڻڪي تعلق آهي جڏهن ته ٻوئين صورت ۾ اهو هڪ ئي ملڪ اندر قومي-ٻيڻڪي ظلم جو سوال آهي. تنهنڪري سمورين ٻيڻڪن (ڀوء ڪٿي اهي ٻيڻڪي ملڪ کان سمنڊ ذريعي علحده هجن يا نه) وانگر ايريٽريا بابت به صحيح موقف غير مشروط آزاديءَ جي گهر ڪرڻ آهي.

ڇو سمورن ترقي پسند ماڻهن کي ۽ خاص ڪري ايٿوپين ترقي پسندن کي ايريٽرين آزاديءَ جي حمايت ڪرڻ کپي؟

ڀهريون ان ڪري ايريٽرين عوام جي جدوجهد سامراج کي ڪمزور تي ڪري ۽ ان جو زوال تي آڻي، ان کي مضبوط يا محفوظ ڪونه تي ڪري. اسان ثابت ڪري آيا آهيون ته ايريٽريا تي ايٿوپيائي جاگيردار حڪومت جو قبضو سامراج جي مفادن ۾ ڪيو ويو هئو. ايٿوپيائي قبضي ايريٽريا تي پنجويهن سالن تائين پنهنجي حڪمراني رڳو ان ڪري برقرار رکي سگهيا ڇو ڪين امريڪي سامراج ۽ اسرائيلي زيونزم جي ڀرپور پٺڀرائي حاصل هئي جن کين هٿيارن سان سٿي ڇڏيو ۽ سندن فوجن کي تربيت پڻ ڏني. اهڙيءَ ريت ايريٽريائي عوام جي جدوجهد شروع کان ئي ڪالونيلزم (ٻيڻڪيت)، امپريلزم (سامراجيت)، زيونزم (يهوديت) ۽ فيوڊلزم (جاگيرداريءَ) جي خلاف برسرپيڪار آهي. ايريٽريائي جدوجهد عملي طور سامراج تي گهرا وار ڪيا آهن ۽

ان کي ڪمزور ڪيو آهي. جيتوڻيڪ شروع ۾ ان وقت
واضح سامراج دشمن ۽ جاگيردار دشمن پروگرام ڪونه
هو. بهرحال اڄ ايريٽريائي عوام اي-پي-ايل-ايف جي
انقلابي قيادت هيٺ پنهنجي ملڪ مان امپيريلزم ۽ فيوڊلزم
جي حڪمرانيءَ جون پاڙون پٽڻ لاءِ شعوري طور جدوجهد
ڪري رهيا آهن.

ٻيو ان ڪري ته اي-پي-ايل-ايف جي زيرقيادت
ايريٽريائي عوام جي جدوجهد جو مقصد قومي آزاديءَ
کان اڳتي وڌي ايريٽرين سماج ۾ بنيادي تبديليون آڻڻ
آهي. اي-پي-ايل-ايف اندر محنت ڪش طبقي ۽ سندس
نظريي کي بالادستي حاصل آهي. اي-پي-ايل-ايف جو
قومي ۽ جمهوري پروگرام مزدورن، هارين ۽ ٻين
محنت ڪش عوام جي مفادن جي حفاظت ڪري ٿو.
اي-پي-ايل-ايف عام ماڻهوءَ کي منظم، باشعور ۽ مسلح
ڪرڻ، جاگيرداريءَ کي تباهه ڪرڻ ۽ زمين لاءِ هارين جي گهر
پوري ڪرڻ، سامراجي هٿڪنڊن کي ڌڪ هڻي نيڪالي ڏيڻ، سڀني
مظلوم قوميتن جي برابريءَ کي عملي شڪل ڏيڻ ۽
مظلوم عورت جي نجات لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي.
اي-پي-ايل-ايف جي اڳواڻيءَ هيٺ ايريٽريا جي آزادي
سوشلزم لاءِ مزدور ۽ هاريءَ جي جدوجهد کي هٿي ڏيندي.

ٽيون، ان ڪري ته ايريٽريا جي آزادي ايٿوپيائي عوام
جي انقلابي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ ۾ مددگار ثابت
ٿيندي. آئرلينڊ جو ذڪر ڪندي مارڪس ۽ اينگلز
ڏيکاريو ته ڪيئن آئرلينڊ جي محڪوميءَ کي انگلينڊ

اندر جذبات ابارڻ لاءِ استعمال ڪيو ٿي ويو. مارڪس ٻڌائي ٿو ته انگريز حڪمران طبقن لاءِ آئرليند سندن "عظيم اخلاقي قوت" جو ذريعو آهي (چاڪاڻ ته اهي پاڻکي "آئرليند تي انگلينڊ جي غلبي جي علامت" طور پيش ٿا ڪن ۽ "هڪ تمام وڏي فوج رکڻ لاءِ واحد بهانو" اهوئي پيش ٿا ڪن) ساڳئي ئي صورتحال ايٿوپيا ۾ آهي. ايٿوپيائي حڪمران طبقن لاءِ ايريٽريا سندن عظيم اخلاقي طاقت جو مظهر آهي. اهي هڪي ايٿوپيائي عوام آڏو "ايٿوپيا جي ٻڌي ۽ علائقائي سالميت" جي محافظ جي صورت ۾ پيش ٿا ڪن. اهي طبقاتي جدوجهد کان عوام جي توجه هٽائڻ لاءِ انهن ۾ ايريٽريا- مخالف شاونزم جو زهر ٿا ڀرن. "عربن جي حمايت يافته ايريٽريائي عليحدگي پسندن کي چيڀاڙڻ" جي آڙ ۾ اهي هڪ وسيع رجعت پسند فوج رکڻ ٿا چاهين. اهي ايريٽريا خلاف جارحانه جنگ ۾ توبن جي کاڄ بڻائڻ لاءِ هزارين ايٿوپيائي هارين کي زبردستي ڀرتي ٿا ڪن. تنهن ڪري ايريٽريا جي آزادي ايٿوپيا جي رجعت پسند حڪومت جي بنيادن کي ئي ڏوڏي ڇڏيندي. اها (آزادي) حڪمران طبقن کي سندن عظيم اخلاقي طاقت کان محروم ڪري ڇڏيندي ۽ ايٿوپيائي عوام لاءِ پنهنجي سموري ناراضگيءَ جو رخ انهن (حڪمرانن) ڏانهن مرڪوز ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

ان کان علاوه اي-پي-ايل-ايف جي قيادت هيٺ

ايريٽرين جدوجهد ايٿوپين عوام جي جدوجهد ڏانهن هڪ درست ۽ بين الاقواميت پسند رويو رکي ٿي. بي انداز مشڪلاتن جي باوجود 1972 کان وٺي اي-پي-ايل-ايف ايٿوپيائي عوام جي جدوجهد ۽ سندن انقلابي تنظيمن جي مدد ڪندو رهيو آهي. هڪ آزاد ايريٽريا ايٿوپيائي عوام جي انقلابي تحريڪ لاءِ پنهنجي ۽ مدد جو هڪ طاقتور مرڪز ثابت ٿيندو.

ڇوته ان ڪري ته ايريٽريا جي آزادي سڄي هارن آف آفريڪا مڊل ايسٽ (آفريڪا جي ڇوٽي- وچ اوڀر) علائقي ۾ انقلابي تحريڪ کي هٿي ڏيندي. اي-پي-ايل-ايف جا علائقي جي انقلابي تحريڪن جهڙوڪ فلسطين ۽ اومان وغيره (جي تحريڪن) سان تمام قريبي ناتا آهن. ايريٽريائي انقلاب جي ڪاميابي ۽ هڪ پيپلز ڊيموڪريٽڪ ريپبلڪ جو قيام سامراجيت، يهوديت ۽ ٻين سڀني رجعت پسندن خلاف جدوجهد ۾ علائقي جي انقلابي تحريڪن لاءِ زبردست اتساهه ۽ مدد مهيا ڪندا.

اي-پي-ايل-ايف جي زيرقيادت قومي آزاديءَ لاءِ ايريٽرين عوام جي جدوجهد جنهن کي سموري ايريٽريا جي ماڻهن جي حمايت حاصل آهي سامراجيزم، زيونزم ۽ فيوڊلزم کي ڪمزور ٿي ڪري، ايريٽريا جي مزدورن، هارين ۽ ٻين مظلوم ماڻهن جي مفادن کي اڳتي ٿي وڌائي، ايٿوپين عوام جي انقلابي جدوجهد کي هٿي ٿي ڏئي ۽ سموري علائقي جي انقلابي تحريڪن جي مدد

ٿي ڪري: اهڙا يقيناً مستحڪم، غير مبهم ۽ غير متزلزل حمايت جي مستحق آهي.

فرض ڪجي جيڪڏهن ايريٽريائي سوال هڪ بين الاقوامي سوال نه پر ايٿوپيا جي اندر هڪ مظلوم قوميت جو سوال آهي: پوءِ به مٿي بيان ڪيل دليلن مان ثابت ٿو ٿئي ته ايريٽريا بابت واحد صحيح موقف اهو ٿيندو ته آزاديءَ جي حمايت ڪجي. ايسوونا سوشل شاونسٽ اهو ثابت ڪرڻ جي اجائي ڪوشش ٿا ڪن ته ايريٽريائي سوال ايٿوپيا جي اندر مظلوم قوميت جو هڪ سوال آهي ۽ سندس حق خود اختياريءَ جي استعمال. آزاديءَ جي حمايت ڪجي يا مخالفت جو صحيح انداز ۾ تجزيو ڪيو وڃي پر اڃا آهي هن سوال جو سڌو جواب ڏيڻ کان پري ٿا ڀڄن.

ايسوونا وارا ايريٽريا جي آزاديءَ جي حمايت ٿا ڪن يا مخالفت؟ ايريٽريا جي آزاديءَ جي حق ۾ جد وجهد ٿا ڪن يا ان جي مخالفت ۾؟ ان سوال جو جواب لاڳيندي ايسوونا شاونسٽ لکن ٿا:

”عليحدگيءَ جي حق جي حمايت ڪندي مارڪسزم ليننزم عليحدگيءَ جي هڪ مخصوص مطالبي جي حق ۾ ڪوشش ڪرڻ، ان جي مخالفت ۾ ڪوشش ڪرڻ يا ان لاءِ منفي حمايت جي اظهار جو حق محفوظ ٿو رکي“.

آزاديءَ لاءِ هڪ مخصوص گهر جي سلسلي ۾ پروپيگنڊه

کي اهو حق ڏنو وڃي ته اهو ان جي حمايت ڪري يا مخالفت ۾ پرولتاريه طرفان آزاديءَ لاءِ "هڪ مخصوص گهر جي منفي حمايت جو اظهار" اسان ڀريون دفعو ڏاڍون. منفي حمايت مان هنن جي مراد ڇا آهي؟ جهڳڙن ان مان ايسونا وارن جو مطلب هڪ قوم جي حقن جي ڀڃڪڙيءَ جي مخالفت آهي، هڪ مظلوم قوم جي خلاف هر قسم جي ناانصافيءَ جي مخالفت آهي ته اها غير مشروط هئڻ کپي ۽ مختصراً اهوئي "خود اختياريءَ جي حق" جو مطلب آهي. پرولتاريه کي هڪ مظلوم قوم جي خلاف ٿيل هر ناانصافيءَ جي مخالفت ڪرڻ کپي پوءِ اهنا ڪنهن علحدگيءَ جي حق ۾ هجي يا مخالفت ۾. آزاديءَ لاءِ هڪ مخصوص مطالبي ڏانهن روئي جو تعين ڪرڻ وقت "منفي حمايت" جي اصطلاح جو ڪو مقصد ڪونهي. اهڙي صورت ۾ پرولتاريه کي واضح طور ڪنهن هڪ پاسي ٿيڻ کپي. ان سلسلي ۾ اسان هڪ واضح مثال تو پيش ڪريون:

هن وقت فنلينڊ ۾ قومي آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ تحريڪ هلي رهي آهي ۽ ساڳئي وقت عارضي حڪومت پاران پڻ ان جي خلاف جنگ جاري آهي. سوال پيدا ٿو ٿئي ته اسانکي ڪنهن جي حمايت ڪرڻ کپي؟ يا ته اسانکي عارضي حڪومت جي پاليسيءَ جي حمايت ڪرڻ کپي جنهن جو مقصد فنلينڊ تي طاقت

جي زور تي ڪنٽرول ۽ سندس حقن کي ڪمزور ڪرڻ آهي

سطح تائين گھٽائي آھي. ان صورت ۾ اسان الحاقي (Annexationists) سڏباسين جو تہ (ائين ڪندي) اسان اناج کي عارضي حڪومت جي چوڪي ۽ تائين ٿا پھچايون يا وري اسانکي فنليند جي آزاديءَ جو پاسو وٺڻ کپي. اسانکي واضع نموني ڪنھن ھڪ پاسي تھڻ کپي. اسان پاڻ کي رکيو حقن بابت بيان تائين محدود رکي نٿا سگھون".*

ان مان صرف ظاھر آھي تہ ايسونا شاونسٽن پاران ھڪ مخصوص مطالبي لاءِ منفي حمايت" وارو منافقانہ رويو ايريٽريا جي آزاديءَ جي حمايت يا مخالفت ڪرڻ بابت واضع موقف وٺڻ کان سندن انڪار کي لڪائڻ جي ھڪ ڪوشش آھي. ان مان اھو مطلب نہ ڪڍڻ گھرجي تہ ان مسئلي تي ھنن جو ڪو موقف آھي ئي ڪونہ. ايسونا وارا ايريٽريا جي آزاديءَ جا سخت مخالف آھن پر ان جو کلئي عام اظھار ڪرڻ کان ڊڄن ٿا. اسانجي خيال ۾ ايسونا شاونسٽ ايريٽريا جي آزاديءَ جي مخالفت ان ڪري ٿا ڪن جو ايريٽرين جدوجھد ڏانھن ھنن جو نھايت منفي ۽ دشمناڻو رويو آھي. اھو تہ انھن چئن ڪارڻن کي ڪڍون جن جي ڪري اسان ٻڌايون تہ ايريٽريا جي آزاديءَ جي حمايت ڪرڻ کپي ۽ ڏسون تہ ايسونا وارن جو انھن تي ڪھڙو موقف آھي.

* اسٽالن: مارڪسزم ۽ قومي-ٻيٽڪي سوال.

(1) مارڪسزم- لينزم اسانکي سيکاري ٿو ته موجوده دور ۾ ڪابه انقلابي تحريڪ جيڪا سامراج سان لڙي ٿي ۽ ان کي ڪمزور ٿي ڪري سا عالمي سوشلسٽ انقلاب جو حصو آهي. پر ايسونا شاونسٽ چون ٿا ته ايريٽريا جي جدوجهد ”وسيع عالمي پرولتاريه انقلابي متحده محاذ جو حصو ناهي“ جنهن جو مطلب اهو ٿيو ته اها سامراج سان وڙهي ٿي ڪانه ٿي نڪو ان کي ڪمزور ٿي ڪري. اٿين چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو ته اهي ايريٽرين جدوجهد کي اٿين چئي بدنام ٿا ڪن ته اها هڪ اهڙي تحريڪ آهي ”جنهن وٽ هڪ واضع ۽ پڪو جاگيردار دشمن ۽ سامراج دشمن موقف ڪونهي“.

(2) ايسونا شاونسٽ گوهر افشاني ٿا ڪن ته ايريٽريائي جدوجهد ايريٽريا جي مزدورن، هارين ۽ ٻين مظلوم ماڻهن جي مفادن جي نمائندگي ڪانه ٿي ڪري. سندن چوڻ مطابق ايريٽريائي جدوجهد جي محرڪ قوت ”پيٽي بورجوازي ۽ استحصالي طبقن جا ڪجهه حصا آهن“. هو اي-ايل-ايف ۽ اي-پي-ايل-ايف جي فوجن کي اهو چئي نندن ٿا ته اهي ”اهڙا وحشي جاگيردارانه ٽولا آهن جيڪي ٻين جي مال تي گذر ڪن ٿا، هارين تي ظلم ٿا ڪن ۽ مفت جي ماني لاءِ ڳوٺن تي حملا ٿا ڪن وغيره“.

(3) ايسونا شاونسٽ چون ٿا ته ايريٽريائي جدوجهد ايٿوپيائي عوام جي جدوجهد کي اڳتي نه پر پٺتي ٿي

ڏڪي... سندن چوڻ مطابق ايريٽريا جي آزاديءَ وارا محاذ "ايريٽريا ۽ ايٿوپيا جي مظلوم ۽ محنت ڪش عوام جي وچ ۾ تفريق جي حمايت ٿا ڪن" ۽ سلطان علي ميراڻ ميمنجيشا لئين ۽ ٻين باقي بچيل (ايٿوپيائي) جاگيردارن سان تعاون ٿا ڪن جيڪي ايريٽرين ۽ ايٿوپين عوام جا دشمن آهن.

(4) شاونسٽ دعوا ٿا ڪن ته ايريٽريا جي جدوجهد علائقي جي انقلابي تحريڪ ڪي آهي. ڪانه ٿي ڏسي جاڪان ته اها "وسيع عالمي پرولتاريه انقلابي متحده محاذ جو حصو ناهي... بلڪ... سندس حمايت جا خاص ذريعا وچ اوڀر جون ڪجهه غدار جاگيردار ۽ بورجوا قوم پرست حڪومتون آهن جن ۾ سعودي عرب ڪويت ۽ ليبيا نمايان آهن".

اسان انهن الزامن ۽ گلاخوريءَ جي ڪنگالپڻي کي اينڊرز باب ۾ تفصيل سان اگهاڙو ڪيو آهي. هتي اسان انهن جو حوالو رکيو آهي ڏيکارڻ لاءِ ته ڏيون ته ڪيئن ايسوڻا ايريٽريا جي آزاديءَ جي مخالفت ڪرڻ وقت "حمن" ۽ "منفي حمايت" جي موقع پرستانه ۽ منافقانه بيانن ۾ پناه ٿي وٺي.

ايسوڻا وارا چون ٿا ته "بالشويڪن جو تاريخي تجربو اسانکي سيکاري ٿو ته عمومي طور هڪ مخصوص رياست جي سمورن پرولتارن کي پوءِ ڪٿي مظلوم قومون ظلم ڏي ڀيٽڪي طريقي جو شڪار هجن يا نه واحد

۾ متحده پرولتاريه تنظيم ۾ منظم ڪرڻ گهرجي". تنهن ڪري "ايريٽرين مارڪسٽ- ليننسٽن کي کپي ته ايٿوپين رياست جي سمورن مارڪسٽن- ليننسٽن سان مڪمل ۽ غير مشروط ايڪي (تنظيمي ايڪي سودو) جو دفاع ڪن ۽ ان کي عملي شڪل ڏين".

اهو صحيح آهي ته روس ۽ آسٽريا- هنگريءَ جهڙن تاريخي طور ٺهيل گهڻ- قومي رياستن اندر انقلابي جدوجهد جي سلسلي ۾ بولشويڪن اها گهر ڪئي ته سڀني قومن جي پرولتارين کي هڪڙي پارٽيءَ ۾ منظم ڪيو وڃي. بهرحال نڪو لينن ۽ نه ئي اسٽالن اهو چيو ته گهڻ- قومي بيٺڪي رياستن جهڙوڪ برطانيه، پرتگال ۽ سندن بيٺڪن (اسان پڙهي آيا آهيون ته روس اندر- لينن بيٺڪي لاڳاپن جو ذڪر رڳو اقتصادي مفهوم ۾ ڪري رهيو هئو) جي سمورن پرولتارين کي هڪڙي پارٽيءَ ۾ منظم ڪيو وڃي. هتي اسان ايسوِنا شاونسٽ "رياست" جي سوال کي منجهائڻ ۽ ڌوڪو ڏيڻ جي ڪوشش ٿا ڪن. اسٽالن اسان کي پڙهائي ٿو:

"پهرئين دور جي خصوصيت اها آهي ته سرمائيداريءَ جي اڀرڻ وقت قومون نمودار ٿيڻ شروع ٿيون ته مغربي يورپ ۾ خالص قومي رياستون وجود ۾ آيون جن ۾ ڪنهن قسم جو قومي جبر ڪونه هئو جڏهن ته مشرقي يورپ ۾ گهڻ- قومي رياستن وجود ورتو جن ۾ هڪ وڌيڪ ترقي يافته قوم غالب قوم جي حيثيت ۾ اڳواٽي

ڪري رهي هئي ۽ پيون گهٽ ترقي يافته قومون سياسي طور ۽ بعد ۾ اقتصادي طور ان جون محڪوم هيون. هن ٻئي دور ۾ مغرب جي پراڻين قومي رياستن- برطانيه، اٽلي ۽ فرانس جي قومي رياست واري حيثيت ختم ٿي وئي ڇاڪاڻ ته نون علائقن تي قبضو ڪرڻ سبب اهي گهڻ-قومي بيٺڪي رياستن ۾ تبديل ٿي ويون*.

اسٽالن ڏيکاري ٿو ته جهڙيءَ ريت روس اندر مختلف قوميتون هڪ ئي رياست هيٺ آهن، اهڙي ئي نموني برطانيه، اٽلي ۽ فرانس ۽ سندن واسطيدار بيٺڪون هڪ رياست هيٺ آهن. اهو بلڪل ظاهر آهي. جون 1975 کان اڳ ۾ ڪابه موزمبيق رياست ڪانه هئي بلڪه موزمبيق ۾ رکيو پرتگالي رياست هئي. بهرحال سمنڊ پار ۽ غير سمنڊ پار بيٺڪن جي وچ ۾ ڪوڙي فرق جي ناداني ۾ ڦاٿل اپسونا شاونسٽ واهيات انداز ۾ دعوا ٿا ڪن ته. جيڪڏهن بيٺڪ ۽ راڄڌاني زميني طور ڳنڍيل آهن ته پوءِ سڀ گڏيل رياست ۾ آهن پر جيڪڏهن سمنڊ ذريعي ڌار ٿيل آهن ته پوءِ اهي مختلف رياستن ۾ آهن.

هاڻي جڏهن ته اهو ثابت ٿيو آهي ته سامراجي طاقتون ۽ سندن بيٺڪون هڪ ئي رياستي مشينريءَ هيٺ

---

* 1928 واري ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ڇهين عالمي ڪانگريس پاران بيٺڪن ۽ نيم بيٺڪن ۾ انقلابي تحريڪ بابت منظور ڪيل ٿيسز.

آهن، اچو ته ڏسون ته ڇا لينن ۽ اسٽالن واقعي راڄڌانين ۾ سندن بيٺڪن ۾ واحد پارٽي* جي وجود جي وڪالت ڪئي آهي. لينن ۽ اسٽالن بيٺڪن ۽ نيم بيٺڪن جي ڪميونسٽن کي سيکاريو ته اهي خودمختيار ڪميونسٽ پارٽيون قائم ڪن جن جا راڄڌانين جي پرولتارن ۽ ڪميونسٽ پارٽين سان گهاٽا لاڳاپا هجن. بيٺڪيتي ملڪن جي ڪميونسٽ پارٽين ڪميونسٽ انٽرنيشنل جي ڪانگريس ۾ شرڪت ڪئي. ڪومنٽرن جي ڇهين ڪانگريس غيرمبهم طريقي سان اعلان ڪيو ته: "بيٺڪن جي) ڪميونسٽ پارٽين کي کپي ته ديسي پرولتاريه تي پنهنجو بنياد رکندي پاڻکي رسمي طور ڪميونسٽ انٽرنيشنل جو آزاد حصو بڻائين ۽ حقيقت ۾ انهن ائين ڪيو". * ساڳئي وقت لينن، اسٽالن ۽ ڪومنٽرن پختي نموني واضع ڪيو ته سرمايه‌دار ملڪن جي پرولتاريه انقلابي تحريڪن سان قريبي اتحاد کانسواءِ بيٺڪيتي ۽ نيم بيٺڪيتي ملڪن جي ڪاميابي ناممڪن هئي ۽ اهڙي ئي نموني ان جو اثر عمل ٿيو.

اڳئين باب ۾ اسان ثابت ڪيو ته زمبيا ۽ ڏکڻ آفريڪا، مشرقي تيمور ۽ انڊونيشيا وغيره وانگر ايريٽريا ۽ ايٿوپيا جي وچ ۾ لاڳاپو به بيٺڪي آهي. ايسونا

---

* اسٽالن: مارڪسزم ۽ قومي-بيٺڪي سوال.

* پي ڪميونسٽ انٽرنيشنل کي ڪومنٽرن سڏيو ويندو هئو. (مترجم).

شاونسٽن وانگر اهو مطالبو ڪرڻ ته ڏکڻ آفريڪي، زمبيائي، انڊونيشيائي ۽ تيموري، ايريٽريائي ۽ ايٿوپيائي پرولتاريه کي هڪ واحد پارٽي ۾ منظم ڪيو وڃي ۽ خود مختيار سياسي پارٽيون ٺاهڻ لاءِ نه نميبيا ۽ ايريٽريا وغيره جي مارڪسي ليننسي قوتن کي "ڊاڙيل ۽ "پيٽي بورجوا نيشنلسٽ" چئي ننديڻ بلڪل غلط آهي. اهو ته درست آهي ته ايريٽريائي ۽ ايٿوپيائي، انڊونيشي ۽ تيموري، صحرائي ۽ مراڪشي انقلابين وچ ۾ قريبي اتحاد هجڻ کپي پر هڪ ملڪ جي ٻئي ملڪ تي جارحيت جي نتيجي ۾ ايا گهر ڪرڻ ته انهن کي هڪ واحد تنظيم ۾ منظم ڪيو وڃي، بلڪل غلط ۽ شاونسٽ سوچ آهي."

اي-پي-ايل-ايف ايٿوپيائي عوام جي انقلابي تحريڪ سان انهن جي ويجهي تعلقات برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندي رهي آهي. ايريٽريا اندر اهو "قومي اڪيلائي، تنگ نظري ۽ دوري" جي خلاف جدوجهد تي ڪري ۽ عوام کي سيکاري ٿو ته اهي ايٿوپين جدوجهد ۽ ايٿوپين عوام جي جدوجهد وچ ۾ گهري ڳانڍاپي کي نظر ۾ رکن ۽ ايريٽريائي جدوجهد کي سامراج ۽ سمورين رجعت پسندن خلاف عالمي انقلابي جدوجهد جو لازمي حصو سمجهن.

هاڻي وقت اي-پي-ايل-ايف (جنهن ۾ مارڪسٽ-ليننسٽن کي غلبو حاصل آهي) مارڪسزم-لينزم کي

عوام ۾ پکڙي رهيو آهي، مزدورن، هارين ۽ انقلابي دانشورن منجهان طبقاتي شعور رکندڙ ڪيڊر تيار ڪري رهيو آهي ۽ مارڪسٽ-لينسٽن لاءِ پنهنجي پارٽي ٺاهڻ ۽ مستحڪم ڪرڻ واسطي شاندار حالتون پيدا ڪري رهيو آهي.

ايسونا وارا رڳو پنهنجي ڇتي سوشل شاونزم کي ظاهر ٿا ڪن جڏهن اهي ايريٽريائي انقلابين جي انهن ڪوششن کي "رهزني"، "پيٽي بورجوا نيشنلزم" چئي نندن ٿا.

صحت نامو

صفحو	سٽ	غلط	درست
١	٨	ن	ان
٩	١٩	تسنهيخ	تنسيخ
١٣ ب	١٥	ايريٽرياجي.... منجهان	ايريٽرياجي حالتن منجهان
١٩	١٥	بوچستان	بلوچستان
٢٢	٤	ونڻ	وٺڻ
٢٥	١٣	ي	ٿي
٢٦	٤	اقدار	اقتدار
٢١	١٨	ستي	سڌي
٢٨	٩	طقت	طاقت
٣١	٦	اخار	اخبار
٣٥	آخري سٽ	دبلوچي	بلوچي
٣٦	٥	قانوني	قانوني
٣٨	آخري سٽ	ڪ رروائي	ڪارروائي
٣٨	”	ازخو	ازخود
٣٩	١٩	سٽ	سات
٤١	١	وڌيڪ	—
٤١	١٤	(1972-72)	(1972-73)
٤٥	٦	رڏو	ڪرڏو

صفحو	سٽ	غلط	درست
٤٦	٨	اٿر	اثر
٤٧	١٥	ڪري	—
٤٨	٨	پبروماسڪو	پروماسڪو
٥٠	٦	تم م	تمام
٥٠	١٠	Poreigrer	Foreigner
٥١	٢١	ثقافتن	ثقافتن
٥٣	٢١	ڇ ڏو	ڇاڏو
٥٥	٤	مرقعو	موقعو
٥٦	٢٠	تسيز	تميز
٥٦	٢٢	ثابت	ثابت
٦٤	١٦	اسان	امان
٦٦	٨	اجاد	اتحاد
٦٧	٢٠	ڪوڙي	ڪهڙي
٦٩	١٠	اسڪيم	اسڪيم
٧٠	آخري سٽ	Dualisum	Dualism
٧١	١٥	بٺائي —	پٽائي —
٧٥	٩	ملرڪست	مارڪسٽ
٨١	١	پر	—
٩٠	١	ڀاڳل ٻٽي	ڀاڳل پٽي
٩٠	١٣	هتائق	هتائق
٩١	٥	ايسوناٽي	ايسوناٽي
٩٣	١٢	Annexationisun	Annexationism
٩٣	١٨	—	—

صفحو	سٽ	غلط	درست
٩٤	١	ڪتاي	ڪتابي
١٠٢	١٠	پروٽيڪ ريٽ	پروٽيڪٽوريٽ
١٠٥	٩	اينگلز	اينگز
١٠٨	١١	”ماد“	”ماد ر“
١٠٨	٢٣	پرٽگال	پرٽگال
١٠٩	٧	خق	حق
١١٢	آخري	تنيجي	نتيجي
١١٨	١٤	ڪالوتيل	ڪالونيل
١ ٩	٥	فيد	مفيد
١٢٤	٢١	زميبيا	نميبيا
١٢٥	١٧	Annexatioist	Annexationist
١٣٨	١٩	Annexationet	Annexationist

هي ڪتاب رتن پريس ڪراچي مان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو

O........... اسانجي خيال ۾ قومي خود اختياريءَ جو حق هڪ اهڙو ناقابل منتقلي حق آهي جيڪو سمورين قومن سان لاڳو ٿيڻ کپي قطع نظر ان جي ته مظلوم قوميت جي سياسي جدوجهد جي جوڙجڪ ڪهڙي آهـــي.

O........... خود اختياريءَ جو حق جيڪڏهن ان کي طبقاتي جدوجهد سان ملايو وڃي، پوءِ به اهو مظلوم قوميت کان ان جو آزاديءَ جو حق نٿو کسي.

BPLF : مراد خان

O........... جيتوڻيڪ رسمي بيتڪي اختيار ايٿوپيائي حڪومت جي هٿ ۾ آهي پر اصل ۾ اهي سامراجي ٿي آهن، خاص ڪري امريڪي سامراج جيڪي ملڪ (ايريٽيريا) جي وسيلن جو استحصال ڪري رهيا آهن. جن پنهنجا فوجي اڏا تعمير ڪيا آهن ۽ ملڪ کي پنهنجي اڳين (جنگي) چونڪي بڻائي ڇڏيو آهي.

EPLF

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ”اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دور جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گـيـتَ بہِ جـڻ گـوريـلا آهــن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هـو بـوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريـتـيءَ تـي راتـاهـا ڪـن ٿـا، موتـي مَنجهہِ پـهـاڙ ڇُپـن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄـڪـلهہ نـيـلا پـيـلا آهـن؛

گـيـتَ بہِ جـڻ گـوريـلا آهـن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ بنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ

پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.

- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)